SINDHI TIMES
هفتيوار
सिन्धी टाइम्स
٢٠ پئسا
[الڪ ٩-٣٠
ممبئي، سومر ١٠ نومبر ١٩٧٥ع

...س نگر، نذڙ ڳا گهوڙا غيباڻا هسوار...

...ليپمينٽ پوري، نه ڪو صحيح اڳوان، نيٺ ڇا؟ آهي ڪو جواب؟؟

● جدا جدا پنچايت...
الهاسنگر ۾ جدا جدا...
۾ الڳ الڳ پنچايتون ...
ڏاون آهن. جيئن الهن...
۽ الراضين جهڙي نيدان...
گهرجن پاٻس هو پاڻ ...

مطابق سمجهو ته اڻ لکو ورثو آهي. جو جو اچي والار هلي
ڏون پڙ ان دڪان يا جاءِ کي نه پوري ماپ ملي آهي ۽ نه
سدا ۽ نه اها ٿي هور آهي نه اهو دوڪان الي رهندو يا نه.
ڪڍهن ٻه سرڪاري حڪم سان اهو دڪان رستي واڪري
ڪرڻ جي آڌار لي يا ڊولپمينٽ ملڻ ۽ اها جاءِ اڃا ڪيهن
... اهو دڪان يا جاءِ ڊهرائي پٽ

...نگر جي حالت
عجيب حالت آهي.
...نگر، تعليم ۾ وڌو
...جدا لنيدا هن. هلندڙ

آتمڪ ساھتيہ مالا - ۱

G.S. Eng. High School
1227
1130
UNR-4.
5-7 (164)

آتم اُنتي

000062

پيٽا : پرڀو پريم

اھريون ڇاپو] [سالي ۱۹۷۵

تيرٿ سيائي

of

A

سال

ال

شريمتي ٽُونتي ٻائي

شري هيرانند ريواچند

شري مولچند ريواچند

شري گنگارام ريواچند

سمرپڻ

سرڳواسي پوڄيه پتا شري رائوچند پرسومل ڪرپالاڻي (منگلاڻي برادري ٺٽو آدم)، ماتا شريمتي نوندا ٻائي ۽ ڀائرن شري هيرانند، شري مولچند، شري گنگارام ۽ شري ڪشنچند جي ڪمل چرڻن ۾، جنهن پيار ۽ آشيرواد سان مان پڙهيو ڳڙهيو جو ابلاشي بڻجي سگهيس.

گوري شنڪر - آر - ڪرپالاڻي
ڪوئمبٽور

430

پاڻ گوري شنڪر ڪرپالاڻيءَ پنهنجي پوڄيه پتا، ماتا ۽ ڀائرن جي ياد ۾ هن پستڪ جي ٥٠٠ ڪاپين جو خرچ پاڻ تي هموار ڪيو آهي، جنهن سڀ جي ابلاشين ۾ هي پستڪ مفت ۾ ورهايو وڃي.

تيرٿ سڀاڻي

پنوڙي

ٻه ٻول	سوامي شانتي پرڪاش	اي ١
جهلڪ	شري موتيلعل لڇيرام ٺاٽي	اي ٣
١- سنتوش		١
٢- چڱو ٿيءُ چڱو ڪر		٢٢
٣- متري		٢٧
٤- سک ۾ جيون		٣٢
٥- انسان ۽ انسانيت		٣٨
٦- غصي تي غالب پوڻ		٤٤
٧- ڪا نه شڪتي آهي		٥٠
٨- پريم کي گنگا ڀانئي چلو		٥٧
٩- خطا معاف ڪر		٦٤
١٠- اوڳڻ معاف ٿي سگهن ٿا		٧٣
١١- گذري کي وسار		٧٨
١٢- رام نام جي سچي معنيٰ		٨٥
١٣- بيماري ۽ نعمت ٿي سگهي ٿي		٩٢
١٤- مرڻ بعد ڇا ؟		١٠١
١٥- مشڪل مسئلي جو حل		١٠٩

ٻه پشپ

اڄ چوڌاري ڇڪتاڻ وارو وايو منڊل آهي. ماڻهن جا منهن ملول، مايوس ۽ چهرا اداس آهن- وڳهان جي واڌاري ۽ ڪلائن جي وڪاس، جهڙي ناٽي هوندي بہ منش سچي خوشيءَ کان محروم آهن- هزارن جا اندر کاڌا پيا آهن. مايا ۾ موهجي انسان پنهنجي سچي آديش کي ڀلجي ويو آهي- دنيوي عيش عشرت ٻيو پدارٿ سندس راه ۾ رڪاوٽون آهن، جن منش جي نند ۾ ڦٽائي ڇڏي آهي. من اشانت! تن اشانت!! گهر اشانت!!!

پيارو ۽ پاڪ ڀارت سڀاڻي وقت ۾ وقت اهڙا سنڌر، سنت مارگ درشن ڪندڙ پستڪ لکي پرڪاشت ڪري تہ جي جيءُ جي من جا مونجهارا مٽائي ڪيس آتمڪ آنند ڏين، جيئن هو هيءُ جيون بہ سکي گذاري ۽ پرلوڪ لاءِ ڀي توشو تيار ڪري- ان لاءِ پياري ڀارت سڀاڻيءَ کي ڏانهوار جيو هو سنت ساهت جو سرجن ڪري رهيو آهي.

ڀلائون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۴	۵	سھي	سچي
۵	۱۲	اِ	نِ
۲۸	۱۵	والد ءُو	والدءُو
۳۲	۷	آهن	آهي
۵۵	۱۰	سزا	سدا
٦۲	۱۵	ب	قرب
٦۵	۲	عصي ۾ اڇرڻ	غصي ۾ اڇرڻ
٦۵	۱۹	ڪيو نق ڪجهه،	فقيو ن ڪجهه،
۷۸	٦	سچا	سچاءُ
۷۹	۱۵	قمت	قمت
۸۴	۵	پڇران	پڇران
۹۳	۱۸	ڏهن	جڏهن
	۲۲	چئندا	چئن
۹۴	٦	چئندا	چئن
۹۵	۱۵	ٻچارن	۽ ٻچارن
۹٦	۲۱	ناڪ	نازڪ
۹۷	۲	وايءُ	واريءُ
۱۰۲	۸	واپس	واپس
۱۰٦	۴	وارو	وار
۱۰۸	۲	منهنجي	منهنجو
۱۱۰	۱۱	راس	لاس
۱۱٦	۱۴	پدم	پدل

جهلڪ

ڪو جدا، ساهتيه جو سينگار آهي ۽ ادب جو اعليٰ انگ ۽ جدهنلاءِ چاهه ۽ چوچ جي ضرورت آهي. وري ا، جي انهو اڀوڳ ڌارمڪ ڪيتر ۾ ڪهو وڃي اسو ۽ ويدانت جي واڌاسيءَ جي ٽانڃي پيٽي ۾ ٻاڻ پهڪي، اصولن ۽ آدرشن وارن ست پرشن ۽ سنتن جي چرچن ۽ چوٽين جو اليڪ ڪجهي نه انلاءِ اونهو اڀياس اوس ڪرڻو تو پوي. پوڳ يعني آتم گيان پراپتي لاءِ اول اوچ منزل تي ججياسوءَ کي پهچڻو آهي ۽ پوءِ ئي هو آتمڪ چمڪاٽ ۽ چمڪ جهڙيءَ شڪتيءَ جو اندازو لڳائي سگهندو. اسٿول يا سوکيم، چيتن يا جڙ، آتما جي وياپڪتا ڪري، استت آهن، اهي سوال جون ڪڙڪيون کوليندڙ گيان جا گفتا اوچ پدويءَ وارن ودوانن لاءِ آهن، ليڪن هن پنج تتي سرير کي ڪيترا اڻوا جسم چوندا آهن ۽ انجو مدش چولو ڪئن سڦلو ٿئي ڏهنلاءِ سچا سونهان، پاڻ ليرت سهائيءَ جا هيءَ اصولڪ آتمڪ ساهتيه مالا جا گرنٿ آهن. اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو ته اوپ، اهنڪار ۽ ترشنا ڌارڻ ڪري راڪسي سڀاءَ

پريوءَ جي ڀائرن شري نندرام شري درگاداس،
شري ڪيشوداس، شري دوارڪاداس، شري هريرام
۽ شري ايشورلعل جن کي ڌنيواد آهي جي پنهنجي
پوڄيه پتا صاحب شري ٿهلرام ٽلسيداس جي پوتر
يادگيريءَ ۾ هيءُ سندر پستڪ ڀيٽ ڪري رهيا آهن.
شري ٿهلرام ٽلسيداس پڪ ڪٽو ڀڳت ۽ سنت سيوي هو.
شال پرم پتا پرماتما سندس آتما کي آنند بخشي.

سوامي شانتي پرڪاش

سوامي ٽيئُون رام آشرم

الهاسنگر - ٥.

٤ آگسٽ ١٩٧٥

انسان ۾ انسانيت هجي ته اُم پڙهي پائي سگهي ٿو. ڪي درشٽانت هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن. پرالهہ ڪال جو آڻي سنان ۽ سنڌيا ڪري، تلڪ ۽ پوڄا ڪري ٿو سو ته چڱو ڪم پر هن ڪلجڳ ۾ ڪرم مارگ جو ٿي درجو اوچي ۾ اوچو آهي. هو پنهنجي انسانيت جي اکين سان ٻين جا ڀاءُ ڀرڪي، سندن سيوا ڪري ته جڳ پنهنجو جنم سڦلو ڪيائين. رام نام سان پريت ڪان وڌيڪ آهي ته پرڄا ۾ پرمشور ۽ جنتا ۾ جنارڌن پائجي. ڪاش !!! جي هي شڪيا گرهڻ ڪريون ته هي پستڪ جنهن خيال کان لکيو ويو آهي، اهو هوند سڦلو سمجهبو.

شري سوامي جي سنڌيءَ ۾ اُڏام جو معنو آهي جا اسانکي پرٿويءَ تان آڪاش ڏانهن کڻيو وڃي. هنجون رچنائون اوڪپريل آهن جو ته مذهبن آزمودن، ڪٿائن ۽ زندگيءَ جي ترجماني سپڪ، سليس ۽ سوادي سنڌيءَ ۾ الائي ويٺي آهي. وهت جي مهاڙ سوار جي همت ۾ هوندي آهي، ان طرح ٻارن ۾ اهڙا ٻوجهہ ۽ ٻج ڪيڙهي ۽ ڪين سنتوش جي سٽي پيارجي ته، هوند ڀاڳ ۽ ٻين کي اچو اجرو ۽ سدائين سکي رکڻ اهڙا ٻولي هن پاٺيءَ ۾ آهي. ساڳيءَ طرح وهٽن وارا شوقين پنهنجن وهٽن کي اُٺ ٽانگر ڪاٺ سنج پيا نهرائيندا هئا، ٽڙا، ٽل ڄانديءَ ٽي مڙهائيندا. ساڳي

ڏٺي ٿو ۽ شريمد ڀڳوت گيتا (اڌياءِ ١٦ شلوڪ ٢١)
۾ ڀ. ڪرشڻ ڀڳوان اهائي سکيا ڏني ٿو ته، نرڳ وڃڻ
لاءِ اهي ٽي دروازا آهن، جنهن جي دوارا مٿس ناس ٿئي
ٿو ۽ اهي ٽئي ڏکن جو مول ڪارڻ آهن. ساڳئي وقت
گيان ڀڳتيءَ جا به دشمن آهن، جنهن جي وس ٿي انسان
پاپ ڪرم ڪري ٿو. انهن کي ڪيئن وس ڪجي ۽
مٿن جيت پائجي؟ ٿڌ هنلاءِ سچڻ ڪڍي جو اسانجي جيون
روشن ڪري. هيءَ ڪرامت اهو خيال ڀري ٿو ته رکيو
سکيا جا سوال آهي سا پڙهڻي ۽ هيئين سان هنڊائڻي
آهي پر اُن تي عملي قدم کڻي آتمڪ اڀياس جو آنند
پراپت ڪرڻو آهي. سڀني ناجائز ڪرمن کي پرو
سمجهي ڇڏڻ ضروري آهي ۽ انهن ۾ هڪ آهي
ڪروڌ، جنهنلاءِ هن گرنٿ ۾ پاپ آهي ته غصي تي
غالب ڪيئن پئجي. جوش ۽ هوش ان ٻنهي کان جاءِ
ناهي هڪ مياڻ ۾. غصو نه ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي
ته غلط ڪم تي اک پوري ڪجي يا جيڪي سماج ويري
۽ سمگلر آهن تن کي انصاف کان آجو ڪجي. اهڙي
سزا ۾ ڪروڌ رلمل ٿيل آهي پر ڪمل گل جيان پاڻ
کي اڇو اجرو رکڻ ڌرم جي واٽ وٺڻي آهي. انهن
وڏا رشي مني ۽ مهاتمائون ان، ڪيترن وقتن تائين
ڪروڌ کان ڪنارو ڪري نه سگهيا، پر انهن لئي ڪڙ
جي ڦرڻ وٺڻ کان ڪنارو ڪيو.

ايندو ته ڪو برهمانند ۾ ته پر سندس چت ۾ پڻ ڪا چيتن
شڪتي آهي جا ڪيس هلائي رهي آهي. هي يوگ
سادنا آهي جنهنجو ڦل ايڪ ۽ ٻڙهندڙ ڪري اوس
ملي ٿو؛ وڏي ڳالهه ته هيءَ آهي ته اهو اوشو آهي جنهنجي
ابياس ۽ عمل ڪرڻ سان هيءَ جنم ۽ پوءِ يشه اوجل
ٿئي ٿو ۽ منش وڪيه وڌائي ٿو. ڪي ڪرمکهن ۽ اي
اپڪاري ان ڪري ٿا ته جو ڪين اهڙي ڦل ڪان
پري رکيو ويو آهي. اپڪاري ٿيڻ لاءِ اهو ضروري
آهي ته پنهنجا ڪرم ايشور ارپڻ ڪري. اگاڻ جل ۾
هڪ پنڻ جو ڏوڏو وجهي اندر زمين ۾ دٻائي ڇڏ ته
انهن اهڙو، پنڻ جون نڪون، اسوڙهه، آدي
ڦل ۽ ڪنول جا گل اڀڻ لڳندا. ساڳيو ڦل هن گرنٿ
پڙهڻ مان پيدا ٿيندو. البت سنسن ڪي سرڳ. واس
ڪري پرڀو ۾ پورن وشواس رکڻو آهي. رڌيون ۽
سڌيون ته ڏيک آهن. همت اندر اجيالو ڪپي ۽ آتم درشن
جي ابلاسا. انڀلاهه اهنڪار ۽ آپي ڪي اسر غائب
ڪرڻو پوندو ته، ته، هن ستسنگ مان ڪجهه پرائي
ڪين سگهبو. ٻڌ جي لڪڻ ٿي شراب ۽ امرت جي
ورشا ٿئي ته به ٿوڙ جو ٿو ڏئي.

ڦولي ڦاٽي نه، ٻڌ جب ڪ سرا رشي جلد،
مورک هردي پنچت - جو گرو ملي ورنج سمت.
برهما جهڙو ڪٽي ڪهن مورک کي گرو ملي ته، ته،

گھڙت شري ٽيرٿ جي لکڻيءَ ۾ آهي. ساهتيڪ سنسار ۾ سندس درجو نرالو آهي. هن سچ پچ ته اُتم قسم جي ڌارمڪ رچنائن کي جنم ڏنو آهي. پاڻ بيشڪ ڌارمڪ درشٽيءَ کان هيءُ مصالحو گڏ ڪيو اٿس جو سڀني پاڙهن لڪو ۽ پڙهڻو آهي ۽ اهڙو ته مهان ٿول پڇيو اٿس، جو ڪاٿي پيو ڪلاءُ ۽ اندر اجالو پيو ڪري. سندس هرهڪ رچنا پڙهي کي چڪي ٿي ۽ ٿڙ درشٽانتن سان عمدا چٽ چٽيا اٿائين، جي پڙهندي انهن جو احساس اچڻ لڳي ٿو. تن جا زخم ته ڊاڪٽر چٽائي پر هو دل جي دردن جو وئد آهي. هرهڪ لفظ پرندڙ ڏيئي جيان آهي جنهن مان انسان وسامل ديپ ٻاري ۽ اجهاميل شمع ۾ وري روشني آڻي پنهنجو آئينده روشن ڪري سگهي ٿو. انهيءَ پڪيءَ ارادي سان هيءَ محنت ڪئي آهي. اهڙي ذات سڀ ڪنهن کي ڏاتار ڪونه ٿو ڏئي. سؤ ڀاڳ اسان جا آهن جو هن پياري کي اهڙي پرڀاتا ملي. ٻيءَ آهي جنهن ڪري سندس نگاهه ٻين کان نرالي ۽ پرک ۾ نوان آهي. جيڪڏهن ڪير سندس هڪڙو ئي سبق ”سنتوش“ سکي جو سچ پچ ته دلڪش چٽر چٽيو ٿو لڳي، هو ندا ٻيا پاڻ پاڪيزهي پيو پڙهندو، خطائون ۽ اوگڻ پيو معاف ڪندو ۽ ٻين کي مٺو سمجهي چڱا ڪرم ڪندو ۽ سک مان جيون گذاريندو. ڪيس اهو گيان

ڪري چوندا آهن ۽ جنهنجي مهما اپار آهي، تنهنکي هزار مٿا ڇپيا وڃن ٿا ۽ هو هر هڪ مک مان پرڀوءَ جو نام پيو جپي، جنهنڪري مجموعي انڌي سگهه ۽ شڪتي آهي جو سڀئي سنسار کي سر مٿان کنيو بيٺو آهي. سنساري سفر سنڌر نموني سماپت ٿئي، انڪاءِ اسانکي پڻ، اهڙي گيان، ساڌن، روحاني راز آتمڪ اوزار جي ضرورت آهي، جا همت پوري ٿئي ٿي. ڪيول گرنٿن، ويدن ۽ پراڻن جي ڪهاڻين ۽ گيان جو تت سمجهي ذلو وڃي ها ۽ غير هندن جي گفتن جي انڌي اپار نه ڪجي ها ته هوند هيءَ ڪتاب سوني ٿي سهاڳ جيان چار چنڊ لڳائي ها. خاطري اٿم ته آتمڪ ساهتيہ مالها ۾ هيءُ ڪلدستو هڪ انوکي سڳنڌ ڏيندو ۽ جنهن خيال ۽ وچار کان انڌي ڪوجدالمڪ مدت ڪٿي ويٺي آهي، سا سڦلي ٿيندي. هوءَ ڪڻ ڳرهڻ ڪندي ساميءَ جا ساکيات صورت ڇٽي آهي، انجو درپڻ پيش ٿيندو. ساميءَ جي ساکي آهي ته،

ليکا سب وسار، اندر ڏس اليک کي،
ڏيهي دب پاڻي ڪري، حرفت سان نه هار،
جاڻ وجاڻي پنهنجي، سامي سار سنڀار،
نرمل ٿين نهار، تن پسڻ ٿئي پرين جو.

هيءُ هردو جلندو رهندو، سيتل نه ٿيندو. سواءِ ٻوڌ راڄ ڇوي تو نه اهڙي موڪ سان ڀڳوان جي ڀاشا ”مت“ ٻولجي. هت نه اڀياس ڪپي نه ايمان، الساه ۽ نه آپو، شرڌا ۽ نه شڌڪا، واکاڻ ۽ نه وکهاڻ، ٻڌي ۽ نه ڀڳتي. ساڌنا ٻيا ٻيو ڪونه. شڌ ڪرم ڪيو ته انهو ڦل ضرور ملندو. انلاءِ انوکي رنگ ڍنگ سان واسوتي هلندڙ هيءُ ڪتاب آهي، جو ڌارمڪ ڀاونائن، ڪومل ڪلپنائن ۽ انوکن آزمودن سان ڀريو پيو آهي جنهنڪري من لئي هيءُ ڪتاب ۽ لائبر ٻين لکيتن کان نرالو ۽ اوڀو ٿئي ٿو.

هن زماني ۾ جڏهن دک جي ڇالا هر هنڌ ڇانيل آهي ۽ پاکنڊي گرون جي اول ٻولان آهي، تڏهن هيڙن گرانٿن جي ضرورت ٻوي ٿي. گرو صاحبن جو وچن آهي ته،

”انڌا گرو الي انڌا چيلا، ٻڙکا ٻڙکي ڌڪر ڌڪيلا.“

اهڙا گرو ۽ چيلا گڏ ٻڏن ۽ ٻين کي به ٻوڙين. اڄڪله شڪن کان گرو گهڻا. انڪري ڀاونسي گروءَ جي شيوا ڪندي شرڌا ٿئي ٿي. جي گرو اندرين جو غلام آهي تڏهن کان ٻهتر آهي ته اهڙي ڌرمي پستڪ کي گروءَ جو درجو ڏجي. ٻرپوءَ جي نام جپڻ لاءِ به اول اندر جي اننگ انگ کي آلم گيان جي سٽيءَ سان اگيانتا کان دور ڪرڻو آهي. شيش انگ جنهنڪي الدمص ٻن.

سنتوش

انگلنڊ جي نامياري شاعر ۽ ناٽڪ نويس وليم شيڪسپيئر لکيو آهي:

My crown is in my heart, not on my head
Not decked with diamonds and Indian stones
Not to be seen, my crown is called content
A crown it is that seldom kings enjoy.

منهنجو تاج آهي منهنجي هردي ۾ ۽ نه منهنجي سر تي،
جو نه آهي جهنجهيل هيرن جواهرن سان، نه ڀارتي
پکراجن سان،
جو ڪين اچي ٿو نظر ۾، منهنجو تاج آهي سنتوش،
اهو تاج آهي اهڙو جو راجائون به ورلو ماڻين.

لاشڪ سنتوش اڳيان راجائن مهاراجائن جو تاج ڪي ڪين آهي. اهو تاج آهي ٻاهرين شان، دٻدٻو ۽ ڏيکاءُ. ڪنهن به ڪم جو ڪين، ڪاٺ واهر ڪاٺ ڪري سگهندو، ڪوٺ وسيلو ڪوٺ ٿي سگهندو، جيڪڏهن اندر ۾ سنتوش ڪين آهي.

”سنتوش اهو خزانو آهي، جو غريب کي شاهه بڻائي ٿو ڇڏي. سنتوش بنا بادشاهه به بکيو ٿو گذاري.“

شري ليرت سپاٽيءَ بلاشڪ ڪيرو ٿ لکيو ٿ، جو هن ابال؛ اها پوني ٻڌائي آهي ته اي انسان! اسون هڪ قدم هن ڏانهن کڻ ته هو ڏهه قدم اڳتو کڻي، وات ۾ آهه وانجهڙي، ليڪن تون واجهائي ته ڏس.

شري هري دلگير لکي ٿو:-

پکڙيل ئي آهه، ساهي پند ۾ دلدار جو،
قرب مان لهندو ڪڙو هڪوار ڪڙڪائي ته ڏس.

هي ڳٺڪو پڙهه ۽ ڪڙهه ته ڄڻ ڪرتار جي ڪوني جو ڪڙو ڪڙڪائي رهيا آهيو.

گيارس - آگسٽ ١٩٧٥

موتيلعل اڳيرام ٻڌاڻي
جج موٽر انڪسيڊنٽ ڪليمس ٽربونل
اڄمي

اسنتوش جا ڪارڻ

اسنتوش جا مکيه ڪارڻ آهن: خواهشون، حال تي راضي نه رهڻ، اڻ تر سوڀڪار ڪين ڪرڻ، پرالبڌ تي راضي نه رهڻ، آنندي جو اولو، پنهنجي لاءِ وڏا ويچار، لوڀ لالچ، چڙهت چڙهائي، نراشاوادي سڀاءُ.

خواهشون

پتنجليءَ جي ٤٢ يوگ سوتر ۾ آهي:

"سنتوشاد انوتمه سک لاڀ."

سنتوش مان ئي اتم سک جو لاڀ ٿو پراپت ٿئي. اسنتوش جو مکيه ڪارڻ آهي هر پرڪار جي خواهش ڪري من ۾ دائما بي آرامي. ڪا خواهش پوري ٿئي ته ڪن پل لاءِ خوشي ملي ٿي، جيتوڻيڪ اها سچي خوشي ڪين آهي، ڇاڪاڻ ته ترت ئي نيون خواهشون پرگهٽ ٿين ٿيون ۽ وري دکي رهجي ٿو. ترشنا دک جو مول ڪارڻ آهي. خواهشون ئي اسنتوش آڻين ٿيون.

ڪبير صاحب چيو آهي:

آسا ترشنا دو ندي، تهان لڳ من ٺهراءِ،
ان دونون ڪو لنگهه ڪر، چوٿين پدوي جاءِ.

"آشا ۽ ترشنا ٻئي وهندڙ نديون آهن، جن ۾ من استر ٿيو رهي. انڪري انهن ٻن ندين کي پار ڪري، من کي [چوٿين] پدويءَ جي روپ چيتن ۾ قائم ڪرڻ گهرجي."

"سنتوشي ئي سکي آهي- ڪير ڀلي ڪٽي ڪروڙپتي ڇو نه هجي؛ پر سنتوش نه اٿس ته فقير آهي- سنتوشي ئي سڀ کان شاهوڪار آهي" (سوامي ليلا شاهه)

ڪبير صاحب فرمايو آهي:

گؤ ڌن، گج ڌن، باج ڌن، اور رتن ڌن کاڻ
جب آوي سنتوش ڌن، سڀ ڌن ڌول سمان.

گانئِ، هاٿي، باز وغيره پشون ڌن ۽ هيرا رتن، پکراج، لعل وغيره کاڻ جا اڪثر ڌن آهن [انهن سڀني مان ترشنا روپي اڳ جي ترپتي نه ٿي ٿئي- وڌيڪ ۽ وڌيڪ وڌندي وڃي ٿي]. جڏهن پورڻ سنتوش روپي ڌن ملي ٿو، تڏهن مٿيان سڀ ڌن ڌوڙ برابر ٿا لڳن، يعني سنتوش وارو ماڻهو، انهن کي ليکي نه ٿو.

هڪ انگريزي شاعر رابرٽ گرين چيو آهي:

سرها آهن اهي وچار، جنهن سنتوش جو ساٿ آهي
شانت من تاج کان وڌيڪ املهه آهي
سنتشٽ من ئي تاج ۽ راڄ آهي.

"سنتوش هڪ پرڪار جو جواهر آهي، جنهن کي جيڪر ڪو وڃائي ته لاهي ڪين سگهي- سنتوش ڌاران خوشي پراپت ڪرڻ محال آهي!" (سپينسر)

سک چاهيندڙ کي سنتوش ڌارڻ گهرجي. سک جي پاڙ سنتوش آهي." (منو مهراج)

"جيئن وڻ جي پاڙ پٽڻ هٿڻ سبب، ۽ انهي ناس نه ٿيڻ ڪري، وڻ کي وڍڻ پوندي، اها پاڙ وري اڀري ٿي، تيئن ڪامنا روپي پاڙ جيستائين صفا اکوڙي نه وڃدي، تيستائين دک پيدا ٿيندو رهندو." [ڀڳوان]

ڪبير صاحب چيو آهي:

آسا ترشنا سند گت، تهان نه من نهوارو،
جو ڪوئي آسا مين ڦسا، لهيو تماچا ڪائي.

آسا ۽ ترشنا (سند گت) سمنڊ جون لهرون آهن، جن لي من استر رهي نه ٿو سگهي. جي ڪبير آسا روپي سمنڊ ۾ ڦاسي ٿو، اهو لهرن جون چوٽون يا چماٽون پيو خوب کائيندو.

حال تي راضي نه رهڻ

پنهنجي حال تي راضي نه رهڻ ڪري انسان دکي جيون گذاري ٿو. اسنتوش سندس اندر ۾ پيهي وڃي ٿو.

ڀاڳوت ۾ آهي: نانڪن جي راجا کي قدرت جيڪي ڪجهه ڏني، ان تي ئي هو راضي رهندو آهي. رشي مني نه اهڙيءَ ريت گذاران ڪندا آهن. جيڪي ڪجهه ملن، ان تي راضي رهن. ڪڏهن وڻ هيٺان سمهن نه ڪڏهن محلات جي رنگين ڇت هيٺان. هو هر حال ۾ خوش رهن.

هي پانڊو پتر! هر ڪنهن حالت ۾ سنتوشٽ رهڻ سک. جنهن کي سنتوشٽ رهڻ اچي ٿو، سو هر وقت ۽

سمپورڻ سنتوش لاءِ ضروري آهي ته شخص خواهشن کان ڪنارو ڪري، ڇاڪاڻ ته اهي دک جي جڙ آهن. جڏهن انهن خواهشن جو تياڳ ڪجي ٿو، تڏهن من پورڻ، پت شانت رهي ٿو ۽ اسين احساس ڪريون ٿا ته سچي خوشي ڇا آهي. هڪ غريب شخص جو خواهشن کان آجو آهي، سو هڪ وڏي ۾ وڏو شهنشاهه آهي.

گرو نانڪ ديو چيو آهي:

” بکيا بک نه اُتري، جي بنا پريا ڀار “

ترشنا جهڙي بک ڪانهي ۽ سنتوش جهڙو سک ڪونهي.

” ترشنا آهي باهه ۽ سنسار جون شيون ڪاٺيون. جنهنڪري جيترا پدارٿ ڏهڪا ملندا، اوترو ئي اهي سندس ترشنا جي باهه ڀڙڪائين ٿا. مرادون پوريون ٿيڻ سان مرادون وڌنديون وينديون. مرادون ڇڏڻ سان سک ايندو. جنهنڪري ترشنا لڳل آهي، سو شاهوڪار به ڪنگال آهي ۽ جو ٿورو سو غريب به سچو امير آهي. ڪٺي ڪبير جو خزانو هٿ لڳي ته به ترشنا بند نه ٿيندي.“ (سوامي پرت راج)

” چاهه مٽي، چنتا وئي، منوآ بي پرواهه.
جنهنکي ڪجهه ڪپي نٿو، سوئي آهه شهنشاهه “

سائين ٽيوس چيو آهي:

”چاهه ڪيري چوڙ ٿان، ڦيري اسي ڪوئا ڪرمن ۾ “

"خراب ۽ خراب ڳالهه ٿيڻ سان ئي من جي شانتي برباد ٿئي ٿي."

هالنڊ ۾ پندرهين صديءَ جي هڪ ديول تي اکر اُڪريل آهن

It is so, it cannot be otherwise

"هيءَ ڳالهه هيئن آهي، ٻيءَ طرح ٿي ڪانه سگهندي." اهي اکر جيڪڏهن اسين هيئين سان هنڊايون ته ڪهڙيءَ نه بدبختيءَ وارن، اندر ۾ جيڪر سنتوش اچي وڃي؟ اُٿل دل تي ٿڌو ڇنڊو پئجي وڃي. جيڪڏهن ڪجهه نه ڪنهن پرڪار ٿيڻو آهي ۽ ٻيءَ طرح ڪداچت ڪين ٿي سگهندو ته پوءِ چنتا ڪرڻ مان ڪهڙو سود! جيڪڏهن ڪا ڳالهه اڻٽر آهي ته ڳڻتي ڪرڻ سان خواهه مخواهه پاڻ کي تباهه ڪري ڇڏبو. فيلسوف وليم جيمس چيو آهي: "جيڪي ٿيو آهي، سو سوڪار ڪرڻ، ڪنهن نه بدبختيءَ جي نتيجن تي جيت پائڻ لاءِ پهريون اهم قدم آهي."

اسين جڏهن اڻٽر سان لڙڻ بند ڪنداسون، تڏهن اسان جي اندر ۾ شڪتي پيدا ٿيندي، جا اسان جي جيون سرسبز ڪندي." (ايلسي مئڪارڪ)

ايپڪٽيٽس روم واسين کي صلاح ڏني هئي: "سنتوش پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ئي طريقو آهي ته انهن ڳالهين لاءِ چنتا ڪين ڪجي، جي اسان جي اڇاشڪتيءَ

هر ڪنهن حال خوش گذاري ٿو.

جيڪو ماڻهو پير ۾ جتي پائي ٿو، انهيءَ کي رستي ۾ ڪنڊا ڪين ٿا لڳن. ساڳيءَ طرح جيڪو سنتوش رکي سگهي ٿو، تنهنکي حياتيءَ جي رستي جا ڪنڊا نه ٿا ستائين. پر جيڪو اسنتوش آهي، اهو سدائي بي آرام رهي ٿو. هو ڀلي ودوان هجي، ڪيترو نه ناميارو هجي يا ٻچن ڪٽنب يا آدم وارو هجي، تڏهن به هو ڏکي ٿو گذاري. اسنتوش هردو لوڀيءَ ۽ اُڃايل رهي ٿو. ڀلي ڪٿي هنکي سڀ سک پدارٿ ملن ته به هميشه حيران ۽ پريشان رهندو. ڪيترائي انسان اسنتوش رهڻ ڪري، ڪري پون ٿا."

اڻ ٿڻ کي سويڪار نه ڪرڻ

جيڪي اڻ ٿر آهي، سو سويڪار نه ڪرڻ ڪري اسنتوش پيدا ٿئي ٿو. جيڪي اسان جي هٿ ۾ نه آهي، قدرت جي اختيار آهي ۽ جيڪي ٿئي ٿو، انکي روڪي نه سگهجي ته سياڻپ ڀري ڳالهه آهي ته انکي سويڪار ڪرڻ گهرجي. سويڪار ڪين ڪيو ته پاڻکي ڏکن ۽ ولاڻن ۾ وجهي ڇڏبو. اها ته خاطري آهي ته جيڪي اڻ ٿر آهي، تنهنکي ٽاري نه ٿو سگهبو، پوءِ ڇا لاءِ واهي ارمان ڪجي ۽ پنهنجي من جي شانتي وڃائجي.

چين جي مشهور فيلسوف لن يو ٽئنگ چيو آهي:

قضا جا ڪرم جي، ڪنهن ٽان ڪين ٽري،
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پڙي،
ادا ون! عبداللطيف چئي، شل قادر ڪرم ڪري!

* * * *

گلا ڪام ڪري، لکيو ٽان نه ٽري، شاهه

ڀٽن جڏهن سسئيءَ جا پير پٺون ڪيا، تڏهن چيائين:

اي ڪرم جو ڪايو، اهو ٻيو ڪير بند ڪري. "هي تقدير يا وڌاتا جو ڪيل آهي نه ته ٻاهرين ۾ جيڪر ڪير بند ڪري."

ٻڌ ڀڳوان چيو آهي: "اي انسان! ياد رک ته پنهنجي ڏک جو ڪارڻ تون ئي آهين. جو جيڪي پوکي ٿو سو ئي لڻي ٿو. جيڪو چڱا ڪرم ڪري ٿو، سو سکي ٿئي ٿو".

ڪرمن جو چڪر پيو ڦري. انسان ڪرمن انوسار جنم وٺي ٿو. جيڪر هن جنم ۾ ٻانهو آهي، سو ٻئي جنم ۾ امير ٿي سگهي ٿو. جيڪو شاهن جو شاهه آهي، سو ڪرمن انوسار ڦري فقير ٿي سگهي ٿو.

"انهو ڀاڳ يا ڀاڳيه ڪو آپيشاهي اصولي فيصل ڦل نه آهي. انسان پنهنجي پورب جنم جي ڪرمن جو ڦل ايشوري ليکن انوسار پراپت ٿو ڪري. ان لاءِ جوابداري سندس آهي نه ايشور جي." [رمڻ مها رشي].

ڪان ٻاهر آهن."

رومن مهارشيءَ جو اهو وشواس هو. "جيڪي ٿيڻو آهي، سو اوس ٿئي ٿو. جيڪي ٿيڻو ڪين هوندو، سو ڪڏاهن ڪين ٿيندو، پوءِ ڪٿي ڪيترو به نه ڪوششون ڪجن، ڪيترا به حيلا هلائجن. انڪري بهتر آهي ته هر حالت ۾ سنتوش ۾ گهارڻ گهرجي."

نارد ڀڳتي سوتر ۾ آهي: "چنتا کي پنهنجي اندر ۾ پير پائڻ ڪين ڏئي. دک ڪين ڪر. ڪجهه به نه ٿئي خيال ڪين ڪر."

ساڌو هندو فيلسوفيءَ ۾ آهي: "روئڻ کان انڪار ڪر. مهڪندو رهه، پوءِ خود دک ڪٿي نه وقت پهچي به وڃي، ته به شرمسار ٿي پوئين پير ڪري هليو ويندو."

پرالبڌ تي راضي رهڻ

جيڪي ٿئي پيو، ٿيڻو هو، سو ساڳيو پرالبڌ آهي. پرالبڌ کي ٽارڻ نا ممڪن آهي. هڪ ڪويءَ چيو آهي: "تون جيڪي به ڪوڙها ڳالهائيندي، سي سڀ ان جو [پرالبڌ جو] اکر به ڦيري ڪين سگهندا."

عمر خيام چيو آهي: "چراغ آگر لکي ٿي ۽ لکڻ بعد هلندي هلي ٿي. پنهنجي کهڙي به ٻڌيتا سان چترائي، ان جو هڪ اکر به ڦيرائي ڪين سگهندي."

هڪ شاعر لاجواب چيو آهي:

"جڏهن ڪو ڏک هڪ پل نديءَ جيان
لهرجي، زندگيءَ ۾ شانتيءَ لهڻ ڪنڌيءَ پل سان پرويش
ڪري ٿو ۽ اهميت پڙا، شعور سڄاڻي لاءِ نظر ڪان پري
ڪهلجي وڃن ٿيون، تڏهن ۾ هر مشڪلات سهي، پنهنجي
هردي کي آنند ڏي
هيءَ پ گذري ويندو."

هن پوئين هڪ سٽ ۾ ڪيڏو نه آنند آهي، ڪيڏي نه دلداري آهي. ڏکي حالت وقت، مشڪلاتن ۽ مصيبتن سهي، ان لهيڙي سٽ جو سهارو وٺڻ سان، ان ۾ اعتقاد ڌارڻ سان همت همراه ٿيندي، صبر سانئي ٿيندو ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيئي، پار پهچي ويندو.

آئينده جو اونو

ڪي شخص آئينده لاءِ اجايا خيال ڪندا رهندا آهن: سڀاڻي الاجي ڇا ٿيندو، نوڪري قائم رهندي يا نه، ڌنڌي ۾ ترقي ڪندس يا نه، صحت سالم رهندي يا نه. اهڙا خيال اسنتوش ٿا آڻين.

هڪ نوجوان کي پنهنجي سٺن پيرڻن لاءِ سر ڪافي هو. باقي اولو هوس ته انهن پيرڻن لاءِ ٻه ڪجهه ڪري وڃان. اهو خيال ڏايو ستائيندو هوس. سندس پٽنيءَ کي ورِي پنهنجي پٽيءَ جي ان خيال ڪري ڳڻتي رهندي هئي. هڪ مهاپرش سان وڃي

سوامي وويڪانند چيو آهي: "انهيءَ ۾ ڪرڻ هيءُ سڀ ڀلايو آهي. انهيءَ ڪري تو لاءِ اهو ڪرڻ ڀلايو آهي. مٿان سمجهڻ ته پنهنجي چاهنا ڌاران تون هن سنسار ۾ آيو آهين. جيئن ڪاڏو تون پاڻ ٿي ڪاٽين ٿو، ائين ڪو تو لاءِ ڪنهن ٿو ڪاٽي؟ جيڪي تون ڪاٽين ٿو، سو ٿي هضم ڪرڻ ٿو، ائين ڪو تو لاءِ اهو ڪم ڪنهن ٿو ڪري، تنهن چڱائيءَ ۽ برائيءَ جي جوابداري به تولي ئي آهي. اها هڪ سمجهه ته جيڪي تو ڪيو آهي، سو لاشڪ ڀوڳائي به تون سگهين ٿو. البت ايشوري ڪرپا (ڪرپا) به آهي. ايشور اسانکي واهر ڪرڻ لاءِ هر وقت هڪيو آهي."

اپنشدن ۾ ڄاڻايل آهي: "ساڌڪ شيوا ڪرڻ سان ڪرم جي ڦل کان آجو ٿي سگهجي ٿو."

جيڪي ٿئي پيو، تنهن لاءِ جوابدار اسين ئي ذميوار آهيون، پنهنجا ڏاهيندڙ ڍاهيندڙ اسين پاڻ ئي آهيون ته پرالبت وڌان جيڪي به پراپت ٿئي: سک يا دک، خوشي يا غم سڀني حالتن ۾ راضي رهڻ گهرجي. اڄ دک آهي ته سڀان سک ساڻي ٿيندو:

شاهه صاحب چيو آهي:

م ڪي روءِ، م رڙ ڪي، م ڪي هنجون هار،
جهڙا اچن ڏينهڙا، تهڙا وهائي گهار،
ڏکن پٺيان سکڙا، سگها ٿين سنڀار!

شاعر ڊگلس مڪلاٽ چيو آهي:

"جي تون اوچ ٽڪر تي شاهي ديال جيان اڀري نه ٿو سگهين ته پرواهه نه ڪر. هيٺ ماٿريءَ ۾ نديءَ وٽ جيئان ٿي رهه. پر لهر جي ڪپ تي سهڻو وڻندڙ درخت ٿي ڏيکار. جي تون درخت نه ٿو ٿي سگهين ته ٻُوٽو ٿي رهه. جي ٻُوٽو به نه ٿو ٿي سگهين ته پرواهه نه ڪر. گاهه جو سادو پنو ٿي رهه. پر سڙڪ جي پاسان اڀري واٽهڙن کي پنهنجي سونهن پيو ڏيکار. جي تون سادو پنو به ٿي نه ٿو سگهين ته پرواهه نه ڪر. سرز جو ڪانو ٿي رهه ۽ ڍنڍ ۾ سنڌو سنگهون، ڪڙو ٿڙو ٿي پاڻ ڏيکار.

اسين سڀ ڪپتان ٿي ڪونه سگهنداسون. ڪي نه ننڍا خلاصي به ٿيندا. هن جهان ۾ اسان لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪارا رکيل آهن. وڏا ڪارج به ٿيڻا آهن ته ننڍا ڪارج به ٿيڻا آهن."

لوپ لالاج مهاڄار

لوپ لالاج ۾ ڪير ڦاٿو نه پيو سدائين ڦٿڪندو- شانتي ڪڏهن به اوڏو ڪين ايندس. ڪبير صاحب چيو آهي: "لوپ جي پرواهه ڪرڻ سان ترشنا اهڙو نه وڌي ٿي، جو چاهي ٽنهي لوڪن جي سمپتي ملي وڃي، ته ڪڏهن به اهڙي آسا لڳل رهي ٿي ۽ ڪڏهن به پوري نه ٿي. لوپ اولڏي داسي وانگر آهي، جو

صلاح ڪيائين. هن ڪيس صلاح ڏني ته شهر جي سيٺ ماڻهن کي هڪ ڏينهن جو سيڌو ڀيڄايو ته اوهانجي مراد سڌ ٿيندي. ٻئي ڏينهن ڀٽيءَ سان اها ڳالهه چوري پئي اها صلاح وڻي ۽ شهر جي سيٺ ماڻهن کي سيڌو ڏياري موڪليو. سڀني سيڌو ورتو. رڳو هڪ ساڌوءَ اهو وٺڻ کان انڪار ڪيو، چوائي موڪليائين: ”اڄوڪي ڏينهن لاءِ سمر اٿم. ٻي ڀاڻ وقت اٿم. سڀاڻي جو خيال آءٌ ڪريان ٿي ڪين، سڀاڻي جو سيڌو مالڪ پاڻهي سڀاڻي موڪليندو.“ ٽنوان اها ڳالهه ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويو. ساڌوءَ جا اکر سندس اندر ۾ پيهي ويا. سوچڻ لڳو ته: ”ساڌو سڀاڻي لاءِ سيڌو وٺڻ کان انڪار ٿو ڪري ۽ مان اهڙو اياڻو آهيان جو ستن پيڙهين جو سمر ميڙيو اٿم ته اٺين پيڙهيءَ جي سمر لاءِ چنتا ۾ ٿو ڳهاريان.“ اهو خيال اندر مان ڪڍيائين ته سنتوش اچي ويس.

وڏا ويچار ڪرڻ

پنهنجي لاءِ وڏا ويچار ڪرڻ ته مان هيئن ٿيان، هوئن ٿيان، اسنتوش آڻين ٿا. پنهنجي چاهنا موجب ته چوٽيءَ تي ڀڄي ڪين سگهبو يا اَپ ڏاڍهن اڏامي سگهبو. لياقت هوندي، اورچائي هوندي، تڏهن ڀال پلا ٿيندي ته جيڪا خواهش پوري ٿيڻ جهڙي هوندي سا اوس پوري ٿيندي.

ٿي رهيو آهي- زندگي سندر آهي - مـــان خوشي ٿي
وٺڻ ۾ آڻيان ٿو- پوءِ ٻڪ جاڳج ۽ خوش گذاريندين.
خوش رهڻ جي عادت ٺاهي ڇڏ- پوءِ زنـدگيءَ مان
لطف ماڻيندين، نراشاوادي وچار تنهنجي اندر ۾ پيرو
پائي ته هڪدم انهن کي روڪ ۽ ٽوڙي ڪيڏيس ۽ انهي
جڳهه تي آشاوادي وچار کي جڳهه ڏي."

ڊاڪٽر مارٽن ليوٿر ڪنگ چيو آهـــي: "جڏهن
اسانجا ڏينهن نراسائيءَ جي بادلن سان گهيريل هجن،
اسانجون راتيون اونداهيون هجن، تڏهن اسان کي ياد
رکڻ گهرجي ته هن سرشٽيءَ جي رچنا پٺيان هڪ اهڙي
ته شڪتي آهي، جا اُن نراسائيءَ ۽ مايوسيءَ مـــان ته
ڪالهه ڪا رات ضرور ڳولهي لهندي ۽ اونـداهيءَ ۾
ليمت روشنيءَ جو ترورو ڏسڻ ۾ ايندو."

ماندي ٿيءُ نه مارئـــي، الله جو آهـــي
سون ورهين جا ڏاڪـڙا اهڃي ۾ لاهـــي

خليل جبران چيو آهي: "آشاوادي گلاب جو گل
ڏسندو ۽ ڪنڊن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏيندو. نـــراشا
واديءَ جو ڌيان ٿي ڪنڊن ڏانهن ويندو. گل ڏانهن
ٻجي ويندو."

ڪنهايون سمي جي آڏو ٻيٺون اچن. تون آشاوادي
ڪئين هوندين ته زندگيءَ ۾ خوش ۽ ڪامياب رهڻ لاءِ آشا
جو ٻريل هٿيار ڪموائي وٺندين. ڪارا ڪڪر اچ نـــ،

ڪڏهن به پرچڻ جو ڪونهي.”

چڙهت چڙائپڻي

چڙهت چڙائپڻي اهڙو نه ڀيانڪر مرض آهي، جو سنتوش لاءِ سدائين دوار بند رکي ٿو. ڪي انسان پنهنجي حال تي راضي نه رهي، اٿي ڪنهن کي چڙهيل يا ٻاڙڻ ڪان اڳتي ڏسي، غرض ته ٻارجي چڙهت ڪندا آهن. انهيءَ پاولا سان، چڙهت ڪندڙ ڪڏهن به سک نه ماڻيندو. اڳتي وڌڻ، ترقي ڪري وڌڻ قابل ۽ ڪارگر ڪرڻ جي ڪوشش اُهم اُديش آهي. پر اُهتا اُلٽا طريقا ڪتب آڻي ڪنهن تي چڙهت ڪرڻ، يا ترقي ڪري چڙهي اٿي کي ڪيرائڻ لاءِ ڪڏهن ڪونڻ هاڃيڪار ثابت آهي.

نراشا وادي سڀاءُ

ڪن ماڻهن جو سڀاءُ نراشا وادي ٿيندو آهي. ڪجهه به ٿئي ته انهو الٽو پاسو ڏسندا يا چڱي معنيٰ ڪين ڪڍندا. مشڪلات وقت مٿس نٿي مٿهن ڏيڻ بدران، دل لاهي ويهندا. اهڙيءَ ريت اسنتوش کي پنهنجو ساٿي ڪري ڇڏيندا.

مٿس کي نراشا وادي ٿيڻ بدران، آشا وادي، غم خيال بدران خوش-خيال، ڏک ڏسڻ تي ڌيان ڏيڻ بدران سک ڏسڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. آمريڪا جي اڳوڻي پريزيڊنٽ ابراهم لنڪن چيو آهي: ”ترقي جي چوٽي نه سب ليڪ

ٻڌي هنن چيو اُس :

”جن جي ساڄڻ سان صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهن“

جي ايشور سان ساز ۾ آهن، سي ڪڏهن ڪين ٻڏندا، ٻر جي ڪٿي وقتي ڪجهه اڻ وڻندڙ ٿئي ۽ پوءِ ته شاهه صاحب چيو آهي:

پريان سندي پار جــي ڪڙئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکڻ جي چيت ڪري

جيڪڏهن ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه پريان سنديءَ پار جي ڪري سمجهي وٺندي، ته ان ۾ ڪڙائي ڏسڻ ۾ ڪا نه ايندي ۽ ”اوليءَ ۾ عبداللطيف چئي سڄڻ ڏيندو سڌ.“

ايشور جي سرڻ وٺڻ سان اهنڪار: جوئي اسنتوش جو ڪارڻ آهي، سو الوپ ٿي ويندو ۽ اهنائي ۽ اماڻائي پيدا ٿينديون. سامي صاحب چيو آهي:

تياڳيو جڏهن اهنڪار، تڏهن سرب تياڳ ڪيو
سامي سيتل جل جان، ٿري ٿيو ٺار

يونان جي فيلسوف ايپڪٽيٽس چيو آهي: ”جيڪي ٿئي، تنهن تي آءٌ سدائين سنتشٽ رهندو آهيان، ڇاڪاڻ ته اهو منهنجو عقيدو آهي ته جيڪي ايشور منهنجي لاءِ سوچي ٿو، سو جيڪي مان سوچيان ٿو، انکان بهتر آهي.“

سوامي رامداس چيو آهي: ”سدائي سنتشٽ رهڻ لاءِ هڪ ئي واٽ آهي ته ايشور جي رضا تي راضي

سڀائي نيت نئي پکڙي ويندا.

(سوامي رامداس)

”رات ڀر ڪا هئي مهمان انڌيرا
ڪسڪي روڪي رڪا هئي سويرا
رات جتني هي سنگين هوگي
صبح اتني هي رنگين هوگي“

سنتوش لاءِ ڇا ضروري

پارسين جي پيغمبر زرد راشتر چيو آهي: ”ايشور جي اڇا سک ۽ سنتوش جو ڀنڊار آهي. سنتوش جو راز آهي تہ ايشور جي رضا سويڪار ڪريون.“

مهاٻلي نيپولين جو پاڻ کي وڏو طاقتور سمجهندو هو، ڇاڪاڻ تہ گهڻائي ملڪ فتح ڪيا هئائين. تنهن کي سينٽ هيلينا ۾ جلاوطنيءَ سڙي، آخر چوندو ويو، ايشور! جيڪا تنهنجي اڇا!

سنتوش پراپت ڪرڻ لاءِ ايشور جي سرڻ وٺڻ ڪارائتو واهڻ آهي. سچي ريت سرڻ وٺڻ سان سمورا بوجا ايشور پاڻ تي هموار ڪري ٿو. جو انسان پنهنجا ڪارج ايشور کي ٿو سونپي، تنهن جي هو ارت اچي ٿو سار لهي.

شاهہ صاحب چيو آهي:

سڀئي سڀان جي، ڪر حوالي ڪم
ني ۾ اهڙق تسليم ۾، لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

ڏاڍو شروع ڪيائين. ان ڏاڍي مان چار ڏوڪڙ ڪمايائين. ڏاڍو وڌايائين. ڪجهه عرصي کان پوءِ، وري چڱي اوج تي وڃي پهتو. پاڻ کي چوڻ لڳو ته ڌيرج کان ڪم نه وٺان ها ته چڱائن ۾ پيو ڳران سڙان ها. اشانتيءَ ۾ وقت گذاريان ها. اشانت من سان سمجهه ۽ دماغ ڪم ڪري ڪين سگهان ها. شايد ڪبڙيا ۾ اچي وڃان ها. قرضدار ڪورٽن ۾ گهلين ها ۽ آئون پاڻکي تباهه ڪري ڇڏيان ها.

سوامي پوترراج پاڻ کان سوال پڇيو: "مصيبتن جو پهاڙ ڪهڙيءَ رهت هلڪو ٿي سگهي ٿو:" جواب مليس: "هائو، ڌيرج جي وسيلي."

ڪير اهو سنتو ڳالهائي وڃي، اجائي گلا ڪري، الزام ڪري ته ايهرائي ڪرڻ، هڪدم جوش ۾ اچڻ سان اسنتوش اچي ويندو. پر ڌيرج ڌاريو تہ ڪا غلط فهمي هوندي ته دور ٿي ويندي يا اهو ويچار ايندو. "درگذر ڪري ڇڏ". آئون سنتوش پراپت ٿيندو.

غم کائڻ

غم کائڻ يا درگذر ڪرڻ سان سنتوش سدائين ساٿي رهي ٿو. وقتي ڪي ڳالهيون دل کي ڏکيون ڪن ٿيون. ڏک سانڍي رکڻ سان، اسين اسنتوش کي دعوت ڏيون ٿا، پر غم کائي درگذر ڪرڻ سان سنتوش ۾ رهون ٿا. هڪ مهاپرش ڳالهايو ڇيو آهي: "ڪيترن

رهه - سڀ ڳجهه هن لئي ڇڏي ڏي - جڏهن ۾ حالت
۾ هو لوڪي رکي، تڏهن لئي سنتوشت رهه - سڀ ڪنهن وقت
معنيٰ اندر جو سنتوش ۽ شانتي. جيون جو سوڙو
ٻـ ج، پنهنجون سڀ چنتائون ۽ دک هن جي حوالي
ڪر، جو سنسار جو مالڪ آهي - هر حالت ۾ هن
کي چنبڙي پئو."

ڌيرج

ڪنهن به ڏکئي سمي، مشڪلات ۽ مصيبت وقت ڌيرج ڌرڻ سان ڪو حل نڪري پوندو آهي - ڪا سهولت ڏيکاري ڏيندي آهي.

"اداس دل ڌيرج ڌر، ڏجهڻ ترڪ ڪر
ٻادلن پٺيان سورج چمڪي رهيو آهي
هرهڪ جي جيون ۾ پوندون اوس ٻرسنديون
ڪي ڏينهن ڏکڻا ۽ خشڪ ٿيندا."

هڪڙو ڏاوان هو. لکن سان اهڪا لاهيندو هو. جاڻون وڳهيون جام هئس. اچانڪ تقدير ڦيرو کاڌس. لکاپتيءَ مان ڦري ڪکاپتي ٿي پيو. ڌيرج ۾ رهيو. اندر ۾ چنتا کي پيرو پائڻ ڪين ڏنائين. اڪري لڏي سڀئي ويڙهار ڪري سگهيو. هڪ انيڙي جڳهه ڪانسواءِ ٻيون سڀ جڳهيون مڪانون وغيره ايڪال ڪري قرضدارن کي مڙئي ڏنائين. پنهنجي پرلوار سميت ان انيڙي جڳهه ۾ وڃي رهيو. ٿورا پئسا بچيس. ان مان انيڙو

سندس سامهون هو. اوچتو لهريءَ کي اچي ياد لڳي. سڀ اهڙا پستڪ جلدي پڙهي ڇڏيا. وات مان نڪتس ”جهڙا ايشور جي اڇا.“

جرمن شاعر ۽ فيلسوف گيٽي، سنتوش پراپت ڪرڻ لاءِ هيٺيان ۹ اصول ڏنا آهن.

۱. صحت سٺي هجي، جيئن ڪم ڪرڻ ۾ فرحت اچي، ۲. پئسو ايترو هجي، جو ضروري گهرجن جي پورائي ٿي سگهي، ۳. سک ايتري هجي، جيئن مشڪلاتن کي منهن ڏئي، انهن تي جيت پائي سگهجي، ۴. همت ايتري هجي جو پنهنجا ايراد پاسي انهن کي وساري ڇڏجي، ۵. اورچائي ايتري هجي جو محنت ڪندو رهجي، جيستائين سڦلتا پراپت ٿئي، ۶. اداريا ايتري هجي جو پنهنجي پاڙيسريءَ ۾ چڱائي ٿي ڏسي سگهجي، ۷. قرب ايترو هجي جو ٻين لاءِ مددگار ۽ ڪارائتو ٿي سگهجي، ۸. اعتقاد ايترو هجي جو ايشوري خاصيتن تي عمل ڪري سگهجي، ۹ آشا ايتري هجي جو آئينده جي بابت چنتا ڪانه ٿئي.

۽ ڏڻي اُن شخص کي ۽ سهارو ڏئي ٿي، جو ڪيس ڪونه ٿو رڏل آهي. اسان کي ۽ چڱائي ۽ اسان سان الٽو اهڙو ورتاءُ ٿئي ته اهو درگذر ڪري ڇڏيون. پاڻ وٽ شايد ان پل ۾ خوشي ڏئي، پر درگذر ڪرڻ سدائي جس ڏئي ٿو، شان بلند ڪري ٿو."

سادو واسواڻي چوي آهي: "ڪو ڪاوڙ ڪري ۽ غم کائي وڃ. ڪو تڪليف ڏئي، ادا ڪري ۽ غم کائي وڃ. غم کائڻ جهڙي ٻي خوراڪ ڪهڙي؟ ڪيڏي ۽ آسيس ان لئي ٿئي ٿي جو غم کائي وڃي ٿو."

هر ڳالهه ۾ چڱائي ڏس

هر ڳالهه ۾ چڱائي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ۽ جيڪي ٿئي پيو، سو اسان جي ڀلي لاءِ آهي. اهو اعتقاد ڌارڻ سان دل هاري ڪونه ويهندا سون. مصيبت ويل ۽ ڀيا مرڪندا سون ۽ اسنتوش کي ايڏ ڀائڻ جو موقعو ڪين ملندو.

سنتوش جو سائي شڪر

سنتوش جو سائي آهي شڪر. جيڪي ٿئي ڀلو يا ٻرو، ان لئي شڪر. سڀئي ڳالهه لئي، اهڙين حالتن ۾ شڪر ڪرڻ ضروري آهي، پر جي ٻري ڳالهه لئي ۽ الڪي ايشور جي اڇا، رب جي رضا سمجهي شڪر ڪجي.

هڪ ڏي ودوان کي شاهي لئبرري ڏٺي، اُن ۾

منش جاتيءَ لاءِ پيار، هردي کي ڪومل ۽ نرمل ٿو ڪري. ڪومل هردي ۾ سوارٿ کي پير پائڻ جي جڳهه ئي ڪانه ملي سگهي ٿي. اهو سوارٿي نه، فقط پنهنجي لاءِ پر ٻين لاءِ زندگي گهاري ٿو، اهائي سچي زندگي آهي.

چڱو ڪير آهي

چڱو اُهو آهي ستيه، جنهنجو سڀاءُ سونهون آهي، ديندار آهي، اوجل آهي، بي داغ، نرمل، اهنسو، ايڪ نيت ۽ سيتل آهي. نه صرف سرير صاف اٿس، پر هردو به شڌ اٿس. هلت چلت ۾ سوڌو، آچرڻ سٺا، طريقا سٺا، پريم سان ڀرپور، نفرت يا ڌڪار کان آجو، وير ونجوڳ جي وچارن کان پري، موهه، ممتا ۽ چاهنائن کان مڪت، ويچار، واڻي ۽ ڪرم ۾ ساز ۽ سلوڪ. جوش ۽ غصي تي غالب، آپي، اپڪار، آپسوارٿ، لالچ ۽ ابيمان کان رهت، سڀ جو خير خواهه، ڪنهن جو به برو نه چاهيندڙ.

هر ڌرم ۾ ضروري ڳالهه

جيمس ائلن چيو آهي: ”سچي ڌرم جي مراد آهي ته منش جاتيءَ کي سکيا ڏجي ته زندگي ڪيئن گهارجي، هردي کي ڪيئن پوتر ڪجي.“ هرهڪ ڌرم ۾ ضروري ڳالهه آهي چڱائي ڪرڻ. چڱائيءَ جي معنيٰ آهي پاپ رهت، نشڪلنڪ جيون گهارڻ. ڌرم چڱائي آهي. چڱائي ڌرم آهي. چڱائيءَ کان اُتم ڳالهه

چڱو ٿيءُ، چڱو ڪر

"چڱو ٿيءُ، چڱو ڪر": اهي صرف چار اکر، پر سمايل آهن انهن اکرن ۾ سک، سنتوش، شانتي، سيوا، نمرتا، ۽ سوارٿ. انهن اکرن تي هلڻ آهي سچيءَ ۽ سڌي راهه تي هلڻ، جنهن ۾ نه خوف نه خطرو، نه لهر نه لوڏو، نه ڌڪو نه انديشو، نه چنتا نه چڪڻ.

هڪ ڪويءَ چيو آهي:

نيڪي ڪي ڪام ڪر، زندگي ٿوڙي هي،
بندون سي پيار ڪر، بندگي ٿوڙي هي.

لاشڪ زندگيءَ جو مراد ۽ مقصد، اُديش ۽ آدرش اهوئي آهي ته نيڪي ڪجي، چڱا ڪم ڪجن، ٻين سان چڱائي ڪجي، ڀال ڀلائجي. زندگي عيش عشرت لاءِ نه آهي، موج مزا ماڻڻ لاءِ نه آهي. اهي ڳالهيون انسان کي صرف پنهنجي لاءِ جيون وتيت ڪرڻ ڏانهن گهلين ٿيون ۽ هو آپسوارٿ، خود غرضيءَ ڏانهن مائل رهي ٿو ۽ رڳو پنهنجي ڀلي ڀتري، پنهنجي لاڀ لاءِ جو اونو رکي ٿو. هو ٻين کي پيار ڪين ٿو ڪري، ٻين جي ڀلي ڏانهن بي پرواهه رهي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت هو پنهنجي اُپائيندڙ کان پري پري ٿيندو وڃي ٿو. سچي بندگي آهي بندن سان پيار، منش جاتيءَ لاءِ پيار.

برائي ڪندڙ لاءِ پرارٿنا ڪجي ۽ ماڻس چڱائي ڪجي ته ممڪن آهي ته هن جي دل تي سٺو اثر ٿئي ۽ هو به چڱائيءَ جي واٽ وٺي. برائي برائيءَ سان ختم ڪانه ٿيندي آهي، ڌڪار ڌڪار سان ختم ڪانه ٿيندي آهي، نفرت نفرت سان ختم ڪانه ٿيندي آهي، ۽ وير وير سان ختم ڪونه ٿيندو آهي، برائي چڱائيءَ سان، ڌڪار، نفرت ۽ وير پريم سان ختم ٿيندا آهن.

سينٽ فرانسز آف اسسي چيو آهي: "سڀني سان پريم ڪر. پنهنجي پاڙيسرين ۽ اهي جن توکي ڌڪاريو هجي. تنهنجا پاڙيسري ته تنهنجا متر ئي آهن، پر جن توکي ڌڪاريو آهي، سي به تنهنجا دشمن ڪين آهن. جيڪي توکي پيار ڪن ٿا، تنهنجي خدمت ڪن ٿا، تنهنجي کاڌ کوراڪ جو پربنڌ ڪن ٿا، سي تنهنجي سرير سان ڀلائي ٿا ڪن، پر جيڪي توکي ستائين ٿا، تو سان غصو ٿا ڪن، سي تنهنجي آتما سان ڀلائي ٿا ڪن. آکري سڀ تنهنجا متر آهن."

ڪرمن جو پرڻام

جيڪو رنجائي، تنهن سان چوڏڪي به نجو، پاڻڪي چوهاڃي نه رسائجي، الله ٻيو به هڪ سبب آهي. زندگيءَ ۾ ڪنهن سان ڇو به انڌ وٺندڙ ورتاءُ ٿئي ٿو، سو ٿي سگهي ٿو ته انجي ڪرمن جو پرڻام هجي. ان ڪري ڪير به اٿي اچي هلت هلي ته اڪي ڏوهه ڏيڻ نه.

ڪا ڳالهه آهي. چڱائيءَ کان وڌيڪ سو ڀيرا ڏاهو
ڪلپندا ۽ آڻي ڪاله ئي سکجي. ڪنهن ۾ سڀوڙن
چڱائي نسبي آهي ته چڱو آهي ته هو ايشور جي
مورتي آهي ۽ لوڪ هنڪي پوڄيندا آهن.

جيڪو چڱائيءَ ۾ وشواس رکي ٿو، سو غلطي کين
ڪري سگهندو. اهو ضروري نه آهي ته ڪنهن کان
پڇجي ته سندس ڌرم ڪهڙو آهي، پر اهو ڄاڻڻ
ضروري آهي ته هو جيون ڪهڙيءَ ريت ٿو گهاري،
مشڪل سمي ڪهڙيءَ ريت ٿو ورتاءُ ڪري؟ انهن
سوالن جي جوابن مان پتو پئجي ويندو ته اهو منش ايشورءَ
۾ وشواس ٿو رکي يا چڱائيءَ ۾. جيڪو منش چڱائيءَ ۾
وشواس ٿو رکي، سو نيڪ ۽ دئياوان جيون ٿو گهاري،
ڇاڪاڻ ته چڱائي ايشور آهي.“

چڱو فقط چڱي سان به نيڪ آهي، پر چڱو اُن سان
به نيڪ آهي، جنهن ڏکويو هجي، جنهن رنجايو هجي،
جنهن هاڃي رسائي هجي، جو نفرت ڪندو هجي.
”فريدا پري دا ڀلا ڪر.“ جيڪڏهن ڪير به ڏکوئي
ٿو يا هاڃي رسائي ٿو ته انهن جي ڪين سمجهڻ لاءِ
هن اها ڳالهه اياڻپ کان ڪئي آهي، غلط فهميءَ وچان
ڪئي آهي.

جيسوءَ ڪرسٽ اهڙن ماڻهن لئي به آسيس ڪئي
آهي. ”پتا پروردگار کين معاف ڪج، ڇاڪاڻ ته ڄاڻ
ڪاڻ اٿن ته هو ڇا پيا ڪن.“

مئتري

ٻڌ ڀڳوان هڪ ڀڪت کان ٻئي ڀڪت، هڪ آستان کان ٻئي آستان ڏانهن رلندي سنديش اهو ڏيندو هو: "پنهنجي سماج، پنهنجي سنسڪرتيءَ، پنهنجي سڀيتا جو بنياد مئتريءَ سان ٻڌو." ڪن ماڻهن پڇيس: "گرديو! مئتريءَ جو مطلب ڇا؟" وراڻيائين: "سڀني سان مترتا ۽ دوستي. اها آهي مئتريءَ جي معنيٰ."

لاشڪ مئتري آهي مترتا ۽ پريم – پريم پاڻ سان، پريم پاڙيسريءَ سان، پريم سڀ سان.

"پريم کي گنگا ٻهاتي چلو
سڀ کو گلي سي لڳاتي چلو"

جيسوُ ڪرسٽ چيو آهي: "جهڙو ورتاءُ جيڪر تون چاهين ٿو ٻيا توسان ڪن، تهڙو ورتاءُ تون ٻين سان ڪر."

مهتاج پريو ورتاءُ

هڪ مهاپرش مرڻينڌڪ حالت ۾ هو. باقي ڪي ٿورا پل سنسار ۾ هو. سندس شش ڪانئس پڇيو: "گروجي! ٻڌايو ته اسين ڪيئن زندگي گهاريون، ٻين سان ڪهڙي رهت ورتاءُ ڪريون؟"

گھرجي. ھن اھو ورتاءُ لھڻجي ڪنھن پورب جنم جي ڪنھن ڪرم ڪري شايد ڪيو ھجي. انڪري صلاح ڏيڻو آھي ته ٻئي لاءِ بد خواهي، خراب خيال يا ڌڪار ھٽڻ نه گھرجي. ھرڪنھن سان چڱائي ئي ڪرڻ گھرجي. ويڙ واڇوڙ يا بدلي جي ڀاونا ترڪ ڪرڻ گھرجي.

چڱائي ڪري وساري ڇڏجي

چڱائي ڪجي ته وساري ڇڏجي، اھو ورتن ۾ ڪئن ڪجي. پارسيءَ ۾ پھاڪو آھي "نيڪي ڪن و ۾ درياھ انداخت" نيڪي ڪري، درياھ ۾ اڇلي ڇڏجي يعني ياد نه ڪجي. ائين ڪرڻ سان اندر ۾ ايمان نه ايندو، وقت ۾ چڱائي جي آس نه رکجي. چاڪاڻ ته چڱائي ڪرڻ ڪنھن سان ٿڌو ٿورو ڪرڻو ڪونه آھي. پاڻ سان ئي ٿورو ڪرڻ آھي.

چڱائي ڪندڙ کي چڱائي ڪرڻ لاءِ اليندس آنند پراپت ٿو ٿئي، جو سندس چڱائي لاءِ ڪافي اجورو آھي. ٻيو ڪو اجورو انجي مٽ ٿي ڪين سگھندو.

کي ٻڌائي رهيو هو. ان شخص جي دل ۾ به اهڙي فقير کي ڪجهه ڏيڻ. ڪيسي ۾ هٿ وڌائين. ٻٽوئون گهر وساري آيو هو. ان هوندي به فقير جي ويجهو ويو. ڪمس چيائين: "ڏک اٿم ڪيسي ۾ پائي به ڪانه اٿم. ٻٽوئون گهر وساري آيو آهيان. انڪري توکي ڪجهه به ڏئي ڪين ٿو سگهان. توکي ٻڪاڻل ڏسي مون وياڪل ٿي ويو اٿم. ايشور تنهنجو ڀلو ڪندو."

اهڙي فقير مشڪي وراڻيو: "دوست! پڪ ٿي لهي ويم. ڪاڏي جي ضرورت ٿي محسوس ڪين ٿو ڪريان توهانجي ميٺاج ٻڌڻ اڪرڻ پيٽ ٿي ڀري ڇڏيو اٿم. توهين ٻهراڻ ٿي شخص آهيو، جنهن هڙئي ٻرام ٻڙئي تمولي مولسان ڏاڍو آهي."

پريم جو اڏرائتو هٿيار

مهاتما گانڌي ديش جي آزاديءَ لاءِ انگريز سرڪار سان جبري جنگ جوٽي رهيو هو. ڏاريءَ سرڪار کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيائين. ان هوندي به سندس اندر ۾ انگريزن لاءِ پريم هو. ڪهڙي به ظالم ابرڏئي انگريز عملدار لاءِ هنجي اندر ۾ ڌڪار ڪانه هئي. هو پريم جي هٿيار سان لڙيو. پريم جي هٿيار جادو ڪري ڇڏيو. برطانيه سلطنت جي هٿيارن جي شاهي طاقت به پريم جي هٿيار اڳيان ست ڪانه جهلي سگهي ۽ آخر مجبور، حڪومت جون واڳون ڀارتواسين کي ڏئي ڇڏيائون.

مهاپرش ڪجهه سمو شانت رهيو. ميز تي رکيل انب کنيائين. پنهنجي هٿ ۾ جهلي وري ميز تي رکي ڇڏيائين.

سندس شش وري ساڳيو سوال ڪيس: ”گروجي! اوهين هي چولو ڇڏڻ وارا آهيو. انڪري اڳ، اسانکي ٻڌايو ته اسين ڪيئن هلون چلون؟“ وري به مهاپرش انب هٿ ۾ کنيو. ڪجهه سيڪنڊ انب هٿ ۾ جهلي، وري اهو ميز تي رکي ڇڏيائين.

سندس شش ٽيون ڀيرو ويندي دهرائي. ”گروجي! اوهين ڪن پل جا مهمان آهيو. پرلوڪ پڌارڻ کان اڳ، اسانکي سنديش ڏيو.“ وري به مهاپرش انب هٿ ۾ کنيو ۽ ميز تي رکيو.

سندس شش اهو سمجهيو ته سندن گرو کين سکيا ڏيئي رهيو هو ته ”پنهنجي زندگي انب جيئان ميٺاج ڀري ڪريو. پاڻ مٺا ٿيو، ٻين سان ميٺاج ونڊيو ورهايو.“

ٻئي سان ميٺاج ڀريا اکر ڳالهائڻ ۾ عجب ۾ وجهندڙ تاثير آهي. پل ڪنهنجو ڪم ڪري ڪين سگهجي، ڪنهنکي مدد ڏيئي ڪين سگهجي، پر ميٺاج ڀريا ٻه اکر اڳلي جي دل وٺن ٿا.

هڪ شخص وات وٺي وڃي رهيو هو. هڪ انڌي فقير تي نظر پيس، هڪال ٿي لڳو ۽ مدد لاءِ وانهڙن

ڀڪشڻ ڀڳوان کي ٻنتي هئي، ڪنهن سلامتيءَ پرٿي
آستان تي ٿانئيڪو ٽپڻ لاءِ وينتي ڪئي. پر ڀڳوان
انڪار ڪيو. ٻالاڳريءَ کي پنهنجي اوڏو ايندو ڏسي،
ڏانهس سنيهه ۽ منتري پاونا پرنل چت سان
ٻهار پائين. ٻالاڳري متر تا پورڻ چت سان پر پاوت ٿي،
سوامي کي هيت ڪري، ڀڳوان جي پرسان، شانت پاوتا
سان ٿي رهيو. ڀڳوان پنهنجو ساڄو هٿ ٻالاڳري جي
اوندڙيءَ تي پيار سان گهمايو. هاٿيءَ پنهنجي سوامي
سان ڀڳوان جي چرڻن جي ڌوڙ ڪٺي، پنهنجي ڳرڙ تي
لڳائي ۽ ڀڳوان جو درشن پائي، پنهنجي گج شالا
ڏانهن هليو ويو. اهو اچرج ڏسي ماڻهو چوڻ لڳا:
”وچتر آهي ڀڳوان جو پرڀاو. ڪو ڏنڊي سان، ڪو
ڀالي سان، ڪو چهبڪ سان ڪنهن تي قبضو آڻڻ
جي ڪوشش ڪري ٿو. پر هن مهارشيءَ ٻنا لٺ، ٻنا
هٿيار، منتري پاونا سان هاٿيءَ کي قبضي ۾ آندو.“

مٺڙي ڀاونا

جيڪو منش سڀني لاءِ مٺڙي ڀاونا سان ڀرپور آهي، ڪنهن لاءِ به تڪرار ڪانه اٿس، ڪنهن کي به هاڃي رسائڻ جي چاهنا نه ٿو رکي، تنهنڪري ڪير به هاڃي رسائي ڪين سگهندو. ٻڌ ڀڳوان جيو جنتر، ڀسون ڀڪيءَ کي پيار ڪندو هو. ڀيانڪر هاٿي به ڪيس هاڃي رسائي ڪين سگهيو ۽ سندس اڳيان سيس جهڪايو.

ٻڌ ڀڳوان کي ماڻهن ۾ اهميت پارو ڏسي، سندس سؤٽ ديودت ٻوسرندو ۽ جلندو هو. ڀڳوان جي برخلاف ٿي پيو. هنڪي سمجهه جي اڳوانيءَ تان لاهي پاڻ اڳوان ٿيڻ لاءِ منصوبا سٽڻ لڳو. پر ڀڪشو ديودت کي اڳوان ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. انڪري ديودت جو غصو چوٽ چڙهي ويو ۽ ٻڌ ڀڳوان کي مرڳو ئي ختم ڪرڻ جو ٺهه ٺاهيائين. نالاگيريءَ نالي هڪ ڀيانڪر هاٿيءَ جي ڦيلوان سان منصوبو سٽيائين ته جڏهن ٻڌ ڀڳوان رستي تان لنگهي ته هاٿيءَ کي ڇوڙي ڇڏي ڏئي.

ڀڳوان ٻڌ هڪ ڏينهن رستي تان لنگهي رهيو هو. ڦيلوان هاٿيءَ کي ڇوڙي ڇڏيو. ڀڳوان کي پري کان ايندو ڏسي، هاٿيءَ سونڊ مٿي ڪري، ڪن ڦڙ ڦڙائيندو، مستيءَ ۾، ڀڳوان جي طرف وڌڻ لڳو. چوگرد هراس ڇانئجي ويو. ماڻهو ڊپ ۾ ڀرجي ويا ته اجهو ٿو هاٿي ڀڳوان کي ماري ڇڏي. هاٿيءَ کي جوش ۾ ڏسي،

اٽل وشواس

ان مهان شڪتيءَ ۾ انيڪ مهان ويڪتين اٽل وشواس رکيو آهي. مهاتما گانڌي جڏهن به ڪنهن مشڪلات ۾ هوندو هو، ڪو گنڀير مسئلو سندس اڳيان ايندو هو تڏهن سانت ۾ ويهي، ايشور اڳيان دل کولي سڀ ڪجهه رکندو هو ۽ رهنمائي ۽ سهائتا پراپت ٿيندي هيس. چيو اٿس: "جڏهن به ٻاڏڪي ڪنهن ڪٺنائي ۾ سمجهندو آهيان ته هو [ايشور] منهنجي سهائتا ڪندو آهي. جڏهن ڪا آس اُميد نٿي ۾ ڪانه ايندي اٿم، ٻيا مددگار اسرت ٿيندا آهن. تڏهن اعتقاد اٿم مدد اچي سهڙندي آهي. آراڌنا، اُپاسنا ۽ پرارٿنا ڪي وهم ڪين آهن. اهي ڳالهيون کائڻ، پيئڻ، ويهڻ ۽ پنڌ ڪرڻ کان وڌيڪ حقيقي آهن." شاهه صاحب چيو آهي:

"جن کي حب الهين جي آهه،
ساهڙ ساٿي تن جو."

آمريڪا جي اڳوڻي پريزيڊنٽ آئزنهاور، ابراهم لنڪن ۽ ٻين جي جيون مان پرسڌ آهي ته جڏهن به ڪي مسئلا سندن اڳيان ايندا هئا ته هو ايشور جي رهنمائيءَ لاءِ ٻاڏائيندا هئا.

آئزنهاور پنهنجي وزارت جي هرهڪ ميٽنگ پرارٿنا سان آرنڀ ڪندو هو. "سائين! شڪتي ڏي ته صحيح

سکيو جيون

انسان وقتي ڏک ۾ مبتلا ٿي، ويندو آهي، غمگين يا اداسائي واڙهي ويندي اٿس، ڪڏهن چنتا ۾ جڪڙجي ويندو آهي، ته اُن وقت اهڙين الجهڻن کان آجو ٿيڻ لاءِ پاٺڪي جيڪڏهن اسمرت سمجهي ته اُن مهان شڪتيءَ سان پنهنجو اندر اوري [جا هر هڪ کي مدد ڪرڻ لاءِ، هر هڪ جي سار سنڀال لهڻ لاءِ هڪي آهي]. ته هو اند پنهنجي جيون ۾ سولتا آڻي سگهي ۽ ڏک، غمگيني ۽ چنتا ۾ آٿت ۽ آسرو، سهائتا ۽ سنتوش پراپت ڪري سگهي ۽ ڏک ڀريو جيون ڦري سکيو جيون ٿي پوي.

ٽي ڳالهيون ضروري

انلاءِ ٽي ڳالهيون ضروري آهن. هڪڙو ته ان مهان شڪتيءَ [ايشور] ۾ اٽل ۽ اچل وشواس، ٻيو ته اهو اعتقاد ته اها مهان شڪتي اسان کان وڌيڪ ٻڌيوان، گيانوان، ۽ سروگيه آهي، ٽيون اُن مهان شڪتيءَ جي سرڌا سان سرڻ وٺڻ ۽ اُن بعد جيڪي اها ڏئي سو سويڪار ڪرڻ.

ڇڏي به وڃن ته به هڪ مٿر آهي، جو ڪڏهن به ڪين ڇڏيندو - هو مدد جو هٿ ڊگهيرڻ لاءِ تيار آهي. رڳو اسان ۾ همٿ صدق ۽ سرڌا هجي. هو سمرٿ ۽ شڪتيوان آهي، اسان جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ اسان جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ. اسان جو اهو مٿر دياوان ۽ مهروان آهي - قرب سان ستيو پيو آهي.

اسانکي پنهنجا مسئلا هن اڳيان رکڻ گهرجن. مونجهاري وقت هن جي رهنمائيءَ لاءِ آرادنا ڪرڻ گهرجي.

پادري لارينس ايشور سان ائين بات چيت ڪندو هو، جيئن ڪنهن پريتم سان ڪجي. جيڪي ڪندو هو، تنهن کان اڳ ساڻس صلاح ڪندو هو. ڪيس پنهنجي ڏکيائن ۽ مشڪلاتن کان آگاهه ڪندو هو - ڪيس پنهنجا ڏک سور ٻڌائيندو هو. هنجو نسچو هو: ” ايشور اسانکي ڪڏهن به ڇڏي ڪين ڏيندو، جيڪڏهن اسين سرل ڀاوُ ۾ سندس اڳيان پيش ايندا سون، ساڻس ڀلي ۽ چٽيءَ صاف صاف دل کولي ڳالهائيندا سون ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ سندس واهر لاءِ ليلائيندا سون“ ڪنهن به وقت ڪنهن به ڪار ۾ مشڪلات محسوس ڪندو هو ته ايشور سان اهو ورتن ڪري ڇڏيندو هو - پوءِ جڏهن اُن ڪار ۾ هٿ وجهڻ جو وقت ايندو هو ته جيئن آئيني ۾ مهن صاف ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تيئن ڪيس رستو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو.

۽ غلط ڳالهين کي سمجهي سگهان ۽ جيڪي نه اکر وات مان ڪڍان ۽ ڪارنه ڪريان، تن ۾ اهڙا ڀاونا ڀريل هجي.”

ابراهم لنڪن چيو آهي: ”حڪومت جو ڪاروبار هلائيندي جڏهن نه مشڪلاتون منهن ڪينديون آهن ۽ اهي حل ڪرڻ لاءِ واٽ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي اٿم، تڏهن سمورو آڌار ايشور تي ڇڏيندو آهيان. اهو اعتقاد اٿم ته ائين ڪرڻ سان سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ ايشور مون لاءِ صحيح فيصلو ڪندو. اهڙي گواهي ڪيترا ڀيرا ملي اٿم ۽ اهڙا انيڪ مثال آهن. اهم فيصلا ڪرڻ وقت ايشوري رهنمائي جي ئي اوٽ وٺندو آهيان. سدائين ايشور سان صلاح ڪندو آهيان، سندس اڳيان پنهنجون رٿائون رکندو آهيان. مجتا ملڻ ڌاران ڪو نه قدم ڪين کڻندو آهيان.”

ٽرومن ايشور کي آراڌنا ڪندو هو: ”آسيس ڪريم ته صحيح ڳالهيون ڪريان. ويچار نه اهي ڪريان جي صحيح هجن. شخصي لاڀ جو خيال نه ڪري، پنهنجي ماڻهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان.”

وڌيڪ ٻڌيوان شڪتي

انسان جي ٻڌي محدود آهي. ايشور جي ٻڌي وشال آهي. الڪري اسانکي انهي تي ڀرڻ وٺڻ گهرجي. ٻوءِ اسين ٻالڪي اڪيلو ڪين سمجهنداسون. اسين سمجهنداسون ته مت ماڻت، ٻار دوستار کٽي

سمجهي سوچي ڪين ٿا سگهون. اسانجو مٿو جو وڌيڪ گيانوان آهي، تنهنجو اسانجي لاءِ فيصلو غلط ڪين هوندو. ظاهري شايد اهو اسانکي ائين نہ وڻي تہ بہ آخرڪار اهو اسانجو ڀلوئي سمايل هوندو.

ايشور کي اسانجي گهرجن جي پوريءَ ريت ڄاڻ آهي. هنلاءِ ڪابہ ڳالهہ ناممڪن ڪين آهي. اسانکي هنجي اڳيان سوالي ٿي وڃڻ نہ گهرجي. شخصي فائدي، ڌن دولت، مان مرتبي لاءِ سوال ڪرڻ نہ گهرجي. سوال ڪجي تہ هردي جي اوجلتا، اندر جي شانتيءَ، پنهنجن اوڻاين کان آجو ٿيڻ لاءِ. ڪوي ٽاگور عرض ڪندو هو:

مِنت ڪريان تو کر منظور
دل مان کر ڪمزوري دور
شڪتي ڏئي جيئن شانتيءَ سان
دک ۽ سک سب سهي سگهان
شڪتي ڏئي جيئن منهنجو پيار
سڦل ٿئي سيوا ۾ هر بار
شڪتي ڏئي مسڪين تان
همٿ نہ هرگز مان کڻان.

سرڻ وٺڻ

رستو صاف تڏهن ڏسڻ ۾ ايندو، جڏهن اسين سچيءَ ريت ايشور جي سرڻ وٺنداسون ۽ سڀ پنهنجا ڪارج سندس حوالي ڪري ڇڏينداسون.

سپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري ڇاج تو.

"شاه"

سرڻ وٺڻ بعد اهڙو ڪجهه، ڪٿي ٿئي ۽ جو اسانکي ڪين وڻي ته به اسان خيال ڪين ڪنداسون ڇاڪاڻ ته اسانجو اهو نسچو آهي ته اسانجو مترُ جو دياوان ۽ ٻڌيوان آهي، سو اسانجي برائي ڪين چاهيندو. ڪابه تڪليف يا مشڪلات، دک يا درد دور نه ٿا ٿئي ته به اها ڳالهه، ڪيس ايترو ڪين ستائيندي، ڇاڪاڻ ته هو پريان سندي پار جي مڙوئي مٺائي ڪري سمجهندو.

سرڻ وٺڻ بعد اسين پنهنجي اڇا نه پر ايشور جي اڇا چاهينداسون.

"تيري هي رضا رهي، ميري آرزو رهي نه رهي"

ائين ڪرڻ سان اسانکي آنند ملندو ته اسانجو مترُ جو ٻڌيوان آهي، تنهنجي اسانجي لاءِ اڇا ضرور اسانجي ڀلائيءَ لاءِ هوندي - اسانجي سمجهه محدود آهي، اسين پنهنجي ڀاري ۾ ڪجهه ۽ ٻي رٿائيءَ سان

زخمي ڪپتان

يُڌ جي کيتر ۾ هڪ زخمي ڪپتان ڏاڍو اُڃايل هو. پاڻيءَ لاءِ پڪاري رهيو هو. سندس آواز ڪنهن جي ڪن تي پيو. جڏهن پاڻيءَ جو گلاس سندس هٿ ۾ مليو، تڏهن نظر وجهي هڪ ٻئي زخمي سوار تي پيس، جنهنجي ضرورت پاڻ کان وڌيڪ سمجهي، پاڻيءَ جو گلاس اُنکي ڏئي ڇڏيائين.

ٻار بچائيندي باهه جو ڀڪ

هڪ آيا جي حوالي ٽي ٻار هئا. هڪ ڪمري ۾ سمهي پيئي هئي. جڳهه کي اچي باهه لڳي. باهه وڇڙي رهي هئي. هن ٻارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪاڻ ڪئي. ٻارن ڏانهن ڀڳي. هڪ هڪ ٻار کي دريءَ کان هيٺ اُڇلائيندي وئي، جتي ماڻهن بلئنڪيت وڇايو هو. ٽيئي ٻار بچايائين. جڏهن پاڻ ٽپو ڏنائين، تڏهن باهه اچي سندس اوڏو پهتي. ڪيس وڪوڙي وئي ۽ هيٺ بيٺل ماڻهن ڏٺو ته هوءَ باهه جو ڀڪ ٿي وئي.

پنهنجي شال لاهي ڏيڻ

ماڻن رستي تان وڃي رهيو هو. نظر وجهي پيس هڪ پيرڙي مائيءَ تي. مائيءَ کي ٻانهن ۾ هو ٻالڪ. ڪپڙو ڪين هوس جو ٻالڪ کي ڍڪي. ماتا کي چنتا هئي ٻالڪ جي، ٻالڪ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي

انسان ۽ انسانيت

اسين سڀ انسان آهيون. پر سوال آهي ته اسين صحيح روپ ۾ انسان آهيون؟ انسان ۾ انسانيت آهي؟ انسان ۾ دل آهي جا دياوان هجي، ڪوملتا سان ڀرپور هجي، نرمل هجي، وير وروڌ، حسد ساڙ کان آجي هجي، سک ۽ سنتوش ڀري هجي؟ انسان ۾ نمرتا نماڻائي آهي؟ آهي اهنڪار کان آجا آهيون؟

وشال ڪٽنب جا ڀاتي

اسين سڀ انسان وشال ڪٽنب جا ڀاتي آهيون. هڪ اپائيندڙ جا اپايل آهيون ۽ ڀاڻ ڀائر ڀيڻر آهيون. جڏهن سڀئي انسان سان پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ جهڙو پيار ڪنداسون، ورتاءُ ڪنداسون، پنهنجي ڀلائي ۽ بهتريءَ سان گڏو گڏ ٻين جي ڀلائي ۽ بهتريءَ ۾ دلچسپي وٺنداسون، ٻين جو ڏک سک پنهنجو ڏک سک ڪري سمجهنداسون، پنهنجو ڀلو ٻين جي ڀلي لاءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿينداسون، ڪنهن به انسان جي پيڙا يا پوڙا پنهنجي پيڙا يا پوڙا ڪري سمجهنداسون، تڏهن ئي انسان ۾ انسانيت نمودار ٿيندي.

ماڻهن جو حق آهي. انڪري انسانکي اها خاطري ڪرڻ جڳائي ته جيڪڏهن انهن جا ٻار موج مزي ۾ گهارين ٿا، ته انهن جي اوڙي پاڙي جا ٻار گهٽ ۾ گهٽ کاڌي کان محروم نه رهن. اسين جيڪڏهن اها ڀاونا دل ۾ ڌاريون ته اڄوڪي زماني ۾ جيڪا ڇڪتاڻ آهي، سا هوند ٿئي ئي ڪين. انسان مان هر هڪ جيڪر هڪ ٻئي کي سمجهڻ، همدرد رهڻ، ۽ هڪ ٻئي کي پريم سان ڏسڻ جي درشٽي ڌاري. اهڙيءَ ريت زندگيءَ ۾ جيڪي نابرابريون آهن، سي هوند دور ٿي وڃن."

مهاتما گانڌيءَ چيو آهي: "نيتڪ نيم آهي ته هر هڪ انسان لاءِ پريم ۽ همدردي هئڻ جڳائي. آتم اُديش آهي احساس ڪرڻ ته اسين سڀ انسان هڪ آهيون. هر ممڪن نموني انسانکي ٻين جي خدمت ڪرڻ گهرجي. هر هڪ انسان جو انسان تي اڌڪار آهي. ڪير به جيڪڏهن سمجهي ٿو ته هو صرف پاڻ ڏانهن ئي جوابدار آهي ته هو پنهنجو چرتر ناهي ڪين سگهندو. منش جاتي هڪ آهي."

ڪجهه سال اڳ، جبلپور ۾ هندو مسلم فساد شروع ٿيو. شهر سان ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. ڪرفيو جو ڪهڪهو وڄي رهيو هو. رات جو وڳو هو. هڪ مسلمان اي. ايڇ. خان ان وقت رستي تي هو. اڳ لڪڻ ڪيائين، پر پنهنجي گهر پهچي ڪين سگهيو. پريشان

۽ ٽڪ ڪان ٻچائي. مارٽن ان ٻڍڙي کي ڏسي، پنهنجي سر تان ٽلهو ڪپڙو لاهي مائيءَ کي ڏنو. ڪيس چيائين: ”مائي هيءَ شال وٺ، ٻار کي ڍڪ ۽ آسيس ڪر.“ مائي شال وٺي خوش ٿي. مارٽن وڌيڪ چيس ”مائي تون ٿڪايل پيئي لڳين.“ ائين چئي هو ڪاٺ وٺي آيو ۽ اچي ٻنهي کي کارايائين.

ڪپتان، آيا ۽ مارٽن ۾ انسانيت اڀري ٿي. هنن ٻنهي جي حياتيءَ جي پرواهه نه ڪري، ٻين کي بچايو. انسانيت انسان جو ذاتي سڀاءُ آهي. ٻال اوستا ڏانهن نظر ڦيرائبي ته پرسٿ نٿيندو ۽ ٻالڪ ڪيئن نه سٺو، ۽ سڪ سان ستيو پيو هوندو آهي. ٻالڪ غريب شاهوڪار، ڇوت اڇوت ۾ ڀيد ڪين ڄاڻي. ماءُ پيءُ جا ڏنگا ڏاب ملهس، مار ملهس ته به ان ڏمر ٿي وساري وڃي ڪين ڳراٽڙي پائي.

پر جيئن ٿي وڏا ٿيندا وڃون، تيئن ٿي انسانيت سان آهستي آهستي الوداع ڪندا وڃون. انسانيت آهي سچ ڀاونا، سرڌشٽي، سڀني انسان کي ٻاراڻ جهڙو سمجهڻ.

منش جاتي هڪ

سنت ڪرپالسنگهه چوندو آهي: ”انسان کي احساس هئڻ گهرجي ته هرهڪ انسان انساني برادريءَ جو اهڙو ئي انگ آهي، جهڙو هو پاڻ آهي. جيڪي حق ۽ اڌڪار هن لاءِ ميسر آهن، سي ٻئي انسان کي به

ٻڌي ۽ وويڪ

انسان ۾ ساھ آھي، پسون پکين ۾ بہ ساھ آھي، جيت جنت ۾ بہ ساھ آھي. پر انسان ۾ ٻڌي آھي، وويڪ آھي، جو ٻين ساھوارن ۾ ڪونہ آھي. ٻڌي ۽ وويڪ کان ڪم ڪين وٺنداسون ۽ حيوانن ۽ ھلنداسون تہ اسين ڀلي ڪي انسان سڏائڻ جي يوگيہ ڪين ليکبا سون.

ڪٻير صاحب چوي آھي:

مانش سوئي جاڻجي، جاھ وويڪ وچار،
جاھ وويڪ وچار نہ، سو نر پشو گنوار،
منش تنا ڪو جاڻجي، جا ڪومل وچار،

وويڪ انسان کي ھر وقت آگاھ ڪري ٿو تہ چڱو ڇا آھي، لڳو ڇا آھي؛ پُن ڇا آھي، پاپ ڇا آھي؛ سچ ڇا آھي، ڪوڙ ڇا آھي. اڪثر ڪري انسان ان وويڪ جي آواز ڏانھن بي پرواھ رھي ٿو. وقتي وويڪ جا ويڻ بہ ٻولدا اٿس پر انھن کي بہ اڪثر ڪري نظر انداز ڪري ڇڏيندو آھي.

اسين ٻڌيءَ جو صحيح استعمال ڪري، وويڪ جي آواز موجب ھلون تہ سچا پچا انسان سڏائڻ جي يوگيہ سمجھيا وينداسون.

پوليس ڏنائين. ٻپ لڳس ته کيس پڪڙي وڃي جيل ۾ وجهندا. پر هان هڪ گهر اندر لنگهي ويو. اهو گهر هڪ هندوءَ جو هو. خان ٻڌي ويو. ٿڙٿڙ پيو ڪنبي. دل ۾ سوچڻ لڳو جيل کان بچڻ لاءِ هڪ هندوءَ جي گهر ۾ اچي مرڻو جان ئي خطري ۾ وڌم.

گهر جي مالڪ هڪل ڪري پڇيس، "ڪير آهين؟" جواب ڏنائين: "اي. ايڇ. ڪري آهيان." مالڪ سمجهي ويو ته هو هڪ مسلمان هو، پر نالو هندوءَ جو ٻڌايو اٿائين. ته به هن کي پناهه ڏنائين.

اي. ايڇ. خان کي پناهه ته ملي، پر آرام ڪونه هوس، ننڊ ئي ڪانه آيس. شڪ هئس ته گهر جو مالڪ هندو آهي. مونکي ضرور ماري ڇڏيندو.

صبوح ٿيو. گهر جي مالڪ کيس چانهه پياري، ناشتو ڪرايو. کيس چيائين: "تو پنهنجو نالو هندو ڪو ٻڌايو. پر مان سمجهي ويس ته تون مسلمان هئين، ته به توکي پناهه ڏنم. ڇاڪاڻ ته سمجهان ٿو ته هندو مسلمان کان مٿي انسانيت آهي. ڪرفيو لهي ته پوءِ سانءَ سلامتيءَ سان پنهنجي گهر وڃجاءِ."

شري خان سندس شڪرانا مڃڻ لاءِ سندس پيرن تي ڪري پيو. چيائين: "ڀائر هندو ۽ مسلم کان مٿي انسانيت آهي. اڄ وچان انسان پنهنجي انسانيت وساري هڪ ٻئي جو دشمن ٿيو پيو."

آرادا ڪر ”سائين! شڪتي ڏيڻ ته ورئي غصو ڪين ڪريان. ڇا به ٿي پوي، ڪهڙي به ڇڙ ڏيارينديون ڳالهه ٿئي، تنهن جوش ۾ اچڻ جو سبب ملي، ته به شانت رهان ۽ غصو ڪين ڪريان. ٿي سگهي ٿو ته اهڙي ارادي ۽ آرادنا ڪرڻ بعد به، ورئي غصو ڪري وجهين، ته به پنهنجي ارادي تي اڏول رهي اندر سان حال اوريندو رهه ۽ آرادنا جي اوٽ وٺندو رهه. ان بعد به وقتي غصي ۾ اچين، پر ليڪ ٿيندن غصي ڪرڻ تي غالب پئجي ويندين.“

اندر سان حال اورڻ

اندر ۾ آتما شڪتي لڪل آهي. اُنکي جاڳائڻو آهي. پوءِ اُهو جوهر ۽ جلوو پسڻ ۾ ايندو ۽ غصي ڪرڻ کان پري رهڻ ۾ مدد ملندي. مهاور ڇئو آهي: ”اندر ۾ براجمان آتما سان مترتا ڳنڍيو. اندر ۾ جهڙي پاڻي، پنهنجي آتما کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر- ايڪانت ۾ ويهي پنهنجي آتما سان ڳالهاءِ. پنهنجون خوشيون ۽ غم ڪيس ٻڌاءِ. تنهنجو هيءُ متر ڪڏهن به توکي ڇڏي ڪونه ڏيندو ۽ اڪوئي توکي هيڪلائي محسوس ڪرڻ ڏيندو. تنهنجي ۽ آتما جي وچ هيءُ سمبنڌ سدائين سالم رهندو. ۽ انکري توکي سدائين ڏيو ملندو رهندو......“

اندر ۾ لڪل شڪتيءَ سان اهالڪي مترتا ڳنڍڻ ٿي

غصي تي غالب پوڻ

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته هڪ جهونو مترُ ڏٺم. چيائينم: "تون جدا جدا وشين تي گهڻائي ليک لکيا آهن. صلاح ڏينم ته، غصي تي ڪيئن غالب پوان؟ ٿورڙي گهٽي ڳالهه تي غصو اچي ٿو ويندم. سمجهان به ٿو ته غصو ڪرڻ خراب ڳالهه آهي، غصي ڪرڻ بعد ڏک به ٿو ٿيندم، پر ته به غصو ڪري ٿو وهان. ٻيا ته. سڀاءُ اهڙو ٿي ويو اٿم يا عادت پئجي ويئي اٿم. ارادي هوندي به سڀاءُ يا عادت کي وس ۾ آڻي نٿو سگهان، ڪا صلاح ڏينم، جيئن غصي کان جند آجي ٿي سگهيم.

ارادو ۽ آزادي

ڪيس چيم: "تون ۾ ٻه ڳالهيون سٺيون آهن، هڪڙو ته توکي احساس آهي ته غصو ڪرڻ خراب ڳالهه آهي ۽ ٻيو غصي ڪرڻ بعد تون ڏک جو اظهار ڪرين ٿو. انڪري تو لاءِ غصي تي غالب پوڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو. سويل صبوح جو اٿڻ وقت، رات جو سمهڻ ويل ڪجهه وقت پنهنجي اندر سان حال اور ته، مان ڪيئن غصو ڪري ٿو وهان ۽ پنهنجو ارادو دهراءِ ته مان وري غصو ڪين ڪريان، ان بعد ابهور ڏ ر

واري کي چوندو هو ”جيڪڏهن موکي پنهنجي وهڻ چڙهي ڏينديون ته ضرور اُنهن ڳالهيون ڪري وٺندس. توکي اُهي منهنجي عيبن اوڻاين اڳيان اَڻ ٿي پهتو آهي ۽ ويون ۽ جيڪي اوڻايون آهن، تنکي سڌارڻو ۽ ۽ سڌارڻ آهي.“

پرارٿنا جي شڪتي

انگلنڊ جي مها ڪوي ٽينيسن پنهنجي هڪ ڪوتا ۾ خاطري ڏني آهي:

پرارٿنا دوارا جيڪي ڪلپنا ۾ آڻي سگهجي تنهن کان به وڌيڪ ڪارج راس ٿين ٿا. انڪري تنهنجو آواز [پرارٿنا] ڦهاري وانگر اُٿي پهر آڪاس ڏانهن اُڀرندو رهي. انسان تنهن رڍن ۽ ٻڪرين کان ڇا ۾ بهتر آهن، جيڪڏهن ايشور کي ڄاڻي به پنهنجا هٿ پنهنجي ۽ ٻيا جيڪي ڪين مِتر ٿا سمجهن، تنلاءِ پرارٿنا ۾ هٿ مٿي نٿا ڪن.

ڊاڪٽر اليڪسز ڪرل پرارٿنا تي ڳالهائيندي چيو آهي: ”پرارٿنا هڪ شاهي شڪتي آهي. پرارٿنا ايشور وٽ پهچڻ لاءِ پرٿن آهي. ادرشيه شڪتيءَ سان رهاڻ ڪرڻ آهي، جا سڀني وستن جي خلقيندڙ آهي ۽ هر منش جي مڪتي داتا آهي. سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪرڻ جو، چڱو پرڻام ضرور نڪرندو.“

انگلنڊ جي هڪ ناسور ودوان امرسن چيو آهي:

آهي. هر روز صبوح سانجهيءَ توڙو سمو ٻچائي، اُنهي سمرڻ وٺي، اُن سان پنهنجن عيبن اوڻاين ڏانهن ورڻ ڪري، انهي سان ۽ سڌاريءَ سان انهن کان آجو ٿي سگهجي ٿو.

هڪ مهاپرش چيو آهي: "جي تون پاپ ڪري سگهين ٿو ته پڇ ڪرڻ جي به تو ۾ شڪتي آهي. جيسين توکي روڻ اچي ٿو ته تون مشڪي ۽ کلي به سگهين ٿو. جي تون ڪجهه به اوندو اُبتو سمجهين ٿو ته تو ۾ سڌي سڌي طرح سمجهڻ جي به شڪتي آهي. جي تون اڳيان وچان زهر جا پيڪ ويٺو پيئين ته امرت به پي سگهين ٿو. صرف پاڻ ۾ اها سمجهه آڻ ۽ پنهنجي اندر ۾ لڪل شڪتيءَ کي جاڳاءِ."

هڪ ڪويءَ چيو آهي:

پهه، نور اُسڪا، پهه، ظهور اُسڪا
اگر تو نه ديکا، تو قصور ڪسڪا؟

ڪري چوي ٿو ته جيڪڏهن تون پنهنجي پروردگار جو نور يا ظهور ڏسي نه ٿو سگهين ته، قصور تنهنجو ئي آهي. اڳيان يا اوڏا جو پردو هٽائي ڇڏ ته توکي اُو ڏسڻ ۾ ايندو.

قبولدار ٿيڻ

پادري لارينس ڪنهن به وقت پنهنجي فرض ۾ ڏسندو هو ته هڪدم قبولدار ٿيندو هو ۽ پنهنجي اندر

گرديال ڊاڪٽرن کـي امرتا سان چيو: ”هڪ ته آپريشن ڪيـن ڪرائيندس ۽ ٻيو ته اسپتال ۾ رهندس.“

ڊاڪٽرن کيس چيو: ”توهانجو جواب توهانجي زندگيءَ لاءِ گهاتڪ آهي. توهانکي هڪدم نرسنگ هوم ۾ داخل ٿي، اول دل جي آپريشن ڪرائڻ گهرجي.“

سنت گرديال صفا انڪار ڪيو. پوءِ هڪ ڊاڪٽر کيس چيو: ”حيرت جي ڳالهه آهي جو هيترين ڪٺين بيمارين هوندي به، اوهين ستر ورهين جي عمر تائين زنده رهي سگهيا آهيو“ ۽ ڪانئس پڇيائين، ”ڇا هندستان ۾ اهڙي ڪا دوا آهي ڇا، جنهنجي ٻين ملڪن جي ڊاڪٽرن کي ڄاڻ ڪانه آهي ۽ جنهن دوا هيءَ جادو ڪري ڇڏيو آهي.؟“

سنت گرديال وراڻيو: ”هائو، هندستان ۾ هڪ دوا آهي. انجو نالو آهي ’ايشور ڪرپا، ايشور ڪرونا.‘ سڀ ڊاڪٽر مات ٿي ويا. ايشور ڪرپا جو اهڙو آهي جادو. ايشور ڪرپا ٿئي ٿي ايشور ۾ وشواس رکڻ سان.

”اهڙو ڪو به شخص ڪونه هوندو، جنهن پرارٿنا ڪرڻ بعد ڪجهه اُنتي نه ڪئي هجي.“

پرارٿنا پنهنجي ڪن شخصي مطلبن، ڌن دولت، وڏو عهدو يا مان شان هٿ ڪرڻ يا ٻئي ڪي حاجي رسائڻ لاءِ ڪين ڪرڻ گهرجي. اهڙي پرڪار جي پرارٿنا ڪڏهن به اثراب ڪانه ٿي ٿئي. پرارٿنا اهائي قبول ٿئي ٿي، جا پنهنجي جيون سڌارڻ، پنهنجي عيبن اوڻاين کان آجو ٿيڻ، سريرڪ دُک شانتيءَ سان سهي سگهڻ، پنهنجي آتمڪ اُنتيءَ ۽ خلق جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪجي ٿي. اهڙي پرارٿنا اڪثر ڪري سڦل ٿئي ٿي.

سچيءَ دل سان پرارٿنا ۽ آتمڪ وشواس، منش کي ايشور جي ڪرپا جي يوڳيه بڻائي ٿو. ايشور جي ڪرپا سان نه غصي تي غالب پوڻ آسان ٿيو پوي، ڪهڙا به سريرڪ دک سهڻ ۾ سهائتا ملي ٿي. ڪهڙين به بيمارين جي لڪ ٿي ڪانه ٿي پوي.

سمت گرديال ملڪ آمريڪا ۾ هو. اُتي اچانڪ ٿي پيو. سندس سرڌالو شش ڏيس اسپتال ۾ وٺي ويا. ٽي چار ڊاڪٽر ڪيس تپاسڻ لاءِ اچي سهڙيا. تپاس بعد هراس ۾ گهبرائجي ويا. ڪيس چيائون: ”اوهين ڪيترن ئي ڪٺين بيمارين کان پيڙجي رهيا آهيو. ڇهه آپريشن ضروري آهن. گهٽ ۾ گهٽ اڌ مهينا اسپتال ۾ اوهان کي رهڻو پوندو.“

مطابق سرشتي هلندي هلي ۽ قانون رچيندڙ شڪتي ۾ اوس ڪانه هوندي!

تنهن سواءِ اهو ته عالم آشڪار آهي ته هر ڪنهن ڳالهه کي منڍ يا شروعات ٿيندي آهي. ڪڻي ۾ ٻوٽي ڦٽڻ سان واڌار ايندو آهي ته ان ٻوٽيءَ جي شروعات واهه مان ٿي. واهه ۾ ٻوٽي ڦٽڻ سان واڌار ايندو آهي ته اهو ٻوٽي ندي‌ءَ مان آيو. نديءَ ۾ ٻوٽيءَ جي شروعات وري پهاڙ مان ٿي، پهاڙ ۾ برف ڳري ٿي، ته اهو ٻوٽي اڳين ڏاکڻ وهي ٿو. تنهن جي معنيٰ ته، ڪڻي ۾ ٻوٽيءَ جو منڍ ٿيو، پهاڙ تي سياري ۾ چاول برف.

رالف والڊو ٽرائين پنهنجي پستڪ In Tune With The Infinite ۾ لکيو آهي ته انساني شخصي جيون کي منڍ يا شروعات آهي. انت مول يا بنياد آهي. جنهن مان انساني جيون اُڀري ٿي آهي.

سنسار ۾ سڀئي يا پرلم ڦٽڻ ۾ اچي ٿو. اهو سمجهڻ سولو آهي ته ضرور ڪو انت پرلم يا شڪتي هوندي، جنهن مان شخصي پرلم اُڀري ٿيو هوندو. اهڙي سياڻپ ڦٽون نا. ضرور ڪا انت سياڻپ پرمل شڪتي هوندي، جنهن مان شخصي سياڻپ اُڀري ٿي هوندي. ساڳيءَ رانت سڀني ۽ شڪتي ۾ ڪنهن انت سڀڪهه يا شڪتيءَ مان اُڀري ٿيا هوندا.

ڪا نه شڪتي آهي

هن هيڏي ساري برهمانڊ ۾، سڀ ڪجهه رٿا انوسار ٿي رهيو آهي. سورج جدا جدا مندن ۾ موسمن ۾، مقرر وقت تي اڀري ٿو ۽ مقرر وقت تي لهي ٿو. چندرما مقرر وقت لاءِ پنهنجي جدا جدا روپن ۾ پسڻ ۾ اچي ٿو. تارا ۽ گرهه پنهنجي مقرر دائري ۾ ڦرن ٿا. سيارو ٿئي ٿو، ٿڌ پوي ٿي، پهاڙن تي برف ڄمي ٿي. اونهاري ۾ گرمي ٿئي ٿي، پهاڙن تي ڄميل برف ڳري ٿي، نديون وهڻ لڳيون. جتي نديون ڪونه آهن، اُتي آبادي لاءِ پاڻيءَ برساتيون پون ٿيون. وڻ ٽڻ، گل ڦل، اُسرن ٿا ۽ مقرر وقتن تي پنهنجا ڦل ڦول ڏين ٿا. سياري جي مند ۾ وڻن جا پتا سڪي اچي پٽ پون ٿا. وڻ خشڪ ۽ ڄڻ ٺوڙها ٿي پون ٿا، بسنت بهار اچڻ سان وڻ وري ساوا ٿي پون ٿا. پتن سان ڀرجي وڃن ٿا. گل ڦل ڏين ٿا. ڄڻ ڪرامت ٿي وڃي ٿي.

اهڙي ترتيب ۽ رٿا سان نه ڪاروبار هلي، پنهنجي پتمان ڪا نه شڪتي هوندي. ڪا نه طاقت هوندي. انهن پنهنجو پاڻ نه ڪجهه ڪين ٿيندو آهي. ۽ ڪنهن ڪارڻ لاءِ ضرور ڪو ڪارڻ ٿئي ٿو. قانون

آهي. انهيءَ ڪري هن مان جيون پُرڻي آهي ۽ هن مان ئي سدا جيون ملندي رهي ٿي. اسين اُن آتم جيون ۾ ڀاڱي ڀائي آهيون. فرق رڳو اهو آهي ته اُها اهميت آتما آهي ۽ اسين جزو آتما آهيون. پر مول ڳالهه اها آهي ته آتم جيون ۽ انساني جيون ساڳي ئي ڳالهه آهي ۽ انڪري هڪ ئي آهن. تت ۾ ٻنهي خاصيت ۾ فرق ڪونه ٿا رکن. پر رڳو پدويءَ ۾، جيئن سمنڊ مان ڪڍيل پاڻيءَ جو ڦڙو خاصيت ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙو ئي آهي. ماتريءَ ۾ هڪ تلاءُ آهي. اُهو پاڻي پهاڙ ۾ ڪڍهن تلاءَ مان اچي ٿو. ماتريءَ جي تلاءَ ۽ پهاڙ جي تلاءَ جو پاڻي ته ساڳيو ئي آهي. فرق رڳو اهو آهي ته پهاڙ جو تلاءُ وڏو آهي، ماتريءَ جو تلاءُ ننڍو آهي. پهاڙ جو تلاءُ ٻين ڪيترن تلائن کي به پاڻي رسائي ٿو، ته به پاڻي کٽيس ئي ڪونه ٿو.

ساڳيءَ ريت انساني جيون آهي. اُها اهميت جيون شڪتيءَ مان اُپجي ٿي آهي، جا گهٽجڻ يا ختم ٿيڻ واري ڪانه آهي. جيڪڏهن اسين اهو سوڀڪار ڪريون ٿا ته پوءِ جيتري قدر اسين آتم شڪتيءَ جي وهڪ ۾ پاڻکي گهلجڻ ڏيندا سون، اوتري قدر اسين اُنکي پراپت ڪندا سون. اُن سان هڪ ٿي ويندا سون.

ان باري ۾ مهاتما گانڌيءَ جو ويچار آهي ته هڪ اکم شڪتي آهي، جا هر هنڌ وياپڪ آهي. آءٌ

اننت جيون شڪتي. جنهن مان شخصي جيون اُپجن ٿي آهي. سا ڪنهن اڻ ٻدلجندڙ ۽ لا تبديل قانونن انوسار اُپتي ڪري رهي آهي، ڪم ڪاج ۽ ڪاروبار هلائي رهي آهي. اسانجي جيون جو هرهڪ ڪارج انهن قانونن ۽ شڪتين جي اثر هيٺ ٿي رهيو آهي. ٻاغيچي ۾ مکڙي ٿئي ٿي، گل ڦٽي ٿو ۽ ڪومائجي وڃي ٿو. اهو ٻ ڪن اڻ ٻدلجندڙ قانونن جو پرتاپ آهي.

حقيقت ۾ هن برهمانڊ ۾ سواءِ قانون جي ٻيو ڪجهه ڪين آهي. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته ضرور ان قانون جو ڪو ته رچيندڙ هوندو. اهو سرو شڪتيوان آهي. اننت جيون ۽ شڪتي جو مول. پوءِ انکي ڪٿي ڪهڙي به نالي سان سڏجي. اننت جوت، پروردگار آتم شڪتي وغيره.

سرو شڪتيوان اننت مول آهن، جو ساري برهمانڊ ۾ وسي رهيو آهي. اننت جيون ۽ شڪتي جو آتمڪ وجود، اسان سڀني سان ساڻ آهي، اسان سڀني ڪي اُساهت ڪري ٿو، سڀني کي ٻاڻ ۾ ساکيات ٻڌائي ٿو. سڀ ڪجهه هن مان ئي وياپڪ ٿيو آهي ۽ هن ۾ سمايل آهن. هن کان ٻاهر ڪجهه ٻ ڪين آهي، هن ۾ ئي اسين سمايل آهيون، هن ۾ ئي اسين هلون چلون ٿا. هو اسانجي جيون جي جيون آهي. اسانجي آتم جيون

ڪنهن اسرار ۽ اڻ ڄاتل عنصر جو احساس ٿيندو ۽ اُن-
ان اسرار کي سمجهڻ لاءِ جيتري قدر به مان سمجهي
سگهان ٿو، دل ۾ ڀرپل اچا اُٿڻ ٿيندي اُتم ۽ چاهيندو
آهيان ته ان اٿاهه پرمالڪ سان اُنهي وشالتا ۾ مان ڀا-
ڳين ٿي وڃان. ان اسرار جي انت لهڻ لاءِ مون کي
نه وکيان واري واٽ ڏسڻ ۾ ايندي آهي."

جرمنيءَ جي مشهور شاعر گيٽي ازغيبي شڪتيءَ
جو ذڪر ڪندي چيو آهي: " آسمان جو گنبذ آهي
اسانجي مٿان. ڌرتي مضبوط آهي اسانجي هيٺان، ڪارا
ٻار ابد جي، سڄا مٿي مرڪ سان ڏسن ٿا ڇولڪي مٿان"

سائنسدان آئنسٽائين جو ويچار آهي: "هيءَ قابليت
سان اڏيل جڳتر، قدرت جا اسرار، سرو سريشٽ بڌيءَ
واري ستيه جي ٿي مهمت آهن.

اُپنشدن ۾ سرو شڪتيوان جي هستيءَ بابت
هيٺئين ريت ورڻن ٿيل آهي:

ڪين اُپنشد - جنهن برهم بابت واڻيءَ سان ڪجهه
چئي نه ٿو سگهجي، پر جنهن برهم جي ستا سان هيءَ
واڻيءَ جي اندري ڪجهه چئي سگهي ٿي، يعني جنهن
وستوءَ واڪيہ انديءَ کي پرڪاشت ڪيو آهي، اُن ستا
کي تون برهم ڄاڻ.

جنهن وستوءَ کي من سان ڪري ڪو سمجهي سگهي،
پر جنهن وستوءَ جي ستا سان اکيون سڀني پدارٿن کي

جيتوڻيڪ اُنکي ڏسان ڪين ٿو، پر اُنجو احساس ڪري سگھان ٿو. اُهائي اڻ ڏٺي شڪتي آهي، جنھن جو احساس ڪندي به، منطق دواران ثابت ڪرڻ ڏکي ڳالهه آهي. اُنکي اندرين دواران سپرش ڪري ڪين ٿو سگھجي. حواسن جي دائره کان ٻاهر آهي. آءٌ ٺيڪ طرح محسوس ڪريان ٿو ته برهمانڊ ۾ باقاعدي ڪو سرشتو آهي، جنھن ۾ سمسار بدل آهي. سرشٽيءَ ۾ جيڪي به پراڻي رهن ٿا، سي ڪن اڻ ٿر نيمن ۾ بدل آهن. اُهي نيم اٽل اٽا ڪين آهن، ڇاڪاڻ ته انسان اُٽن نيمن جي ذريعي جاندار وستن کي بدلڻ ڪٿن آهي. سر جگديش جي کوجنا مان ثابت ٿي چڪو آهي ته پرڪرتيءَ ۾ ٻڻ جان آهي. ان موجب اهو نيم يا قاعدو جيڪو سرشٽيءَ کي هلائي ٿو، سو سرو شڪتيوان ئي آهي. قاعدو ۽ قاعدي کي هلائيندڙ هڪ ئي آهن. ڌنڌلي روپ ۾ ڏسان ٿو ته منهنجي چوگرد هر ڪا چيز بدل سدل ۾ اچي رهي آهي. ناس ٿيندڙ آهي. انهيءَ بدل سدل پٺيان هڪ زنده شڪتي آهي، جيڪا اڻ ڦرندڙ آهي، امر آهي. سا ئي ساري برهمانڊ کي جهلي بيٺي آهي. اُهائي جنم ڏيندڙ آهي."

پنڊت جواهر لعل نهروءَ جو وچار آهي. "اڪثر جڏهن مان هن برهمانڊ ڏانهن نهاريندو آهيان، تڏهن

پريم کي گنگا ٻهائي چلو

گنگا ندي رات ڏينهن وهندي هلي ٿي. هن ڪڏهن نه ٿڪاوٽ جي، هن ڪڏهن چُون چرا ڪئي، جتان لنگهي، جتان وهندي هلي، اُتي آسپاس، اِرد گرد ايراضيءَ کي پنهنجي پرم روپي پاڻيءَ سان سرسبز ۽ آباد ڪري ڇڏي. سندس سڀاءُ آهي فيض رسائڻ، مالا مال ڪرڻ، هن ڪڏهن ڦل جي اِڇا ڪئي. رڳو اِڇا اٿس ڀلي ڪرڻ جي. هن ڪڏهن ڀيد ڀاو ڪئي، اُن ايراضيءَ جي رهواسين، پاپي هجن يا پنيڪاري، ظالم هجن يا رحمدل، چڱا هجن يا لڱا، ڀلا هجن يا برا، سڀني کي لاڀ رسائيندي هلي.

گنگا ندي پيڇاڻ آهي، ته ته اهڙو سندو آ سندس سڀاءُ! منش بہ تہ جان آهي. ڀاونائون اٿس، اُمنگ ۽ اُتم مالتا اٿس. منش بہ جتان لنگهي، جنهن سان لهہ وچڙ بہ اچي، جنهن سان ملي جلي، تنهن سان جيڪر پنهنجي ذاتي سڀاءُ انوسار پريم جي گنگا وهائيندو هلي، پريم جي جوت جڳائيندو هلي، در در پريم جو اَلک جڳائيندو هلي، تہ هوند چوگرد چوڌار پريم سندو واڌو منڊل پيدا ٿي وڃي. پريم پيچ ۽ پاپ کان ٽارو، ڌڪار ۽ نفرت

ڏسڻ جوڳيون ٿين ٿيون. تنهن کي تون برهم ڄاڻ.

جنهن وسيلي ڪي لوڪ ڪنن سان ٿا ٻڌن، ۽ جنهن وسيلي جي سٽا سان ڪن ٻڌي سگهن ٿا، تنهن کي تون برهم ڄاڻ.

جا وسيلو پراڻن سان پراڻ ڪريا يعني سواس کڻي ۽ ڇڏي ٿي، جنهنجي ملهل شڪتيءَ سان پراڻ سواس کڻن ٿا ۽ ڇڏين ٿا يعني پراڻ ڪريا وارا ٿين ٿا، انکي تون برهم ڄاڻ.

منڊوڪ اپنشد: برهم هن سنسار جي اندر ۽ سڀني ويڇهن پدارٿن کان ويڇهو آهي. برهم گياني ودوان، گيان درشٽيءَ سان برهم کي پنهنجي هردي جي غفا ۾ براجمان ڏسن ٿا. برهم سنسار جي اندر هردي جي غفا ۾ وياپڪ آهي. انهي ڪري ۾ براجمان آتما برهم آهي.

ته ڀڳوان هاٿيءَ سان ڇڪري ڪانيندو؛ پر ڀڳوان پريم جي مورتي، مست هاٿيءَ لاءِ ته پريم ڀاونا اندر آڻين ٿيس. ٻيا ٻپ ٻاءِ جي هلندو هليو. خيال ۾ ته ڪيئن آئيس ته هاٿي مست آهي، اُن سان لڙڻ گهرجي، يا هٽي پاسو ڪرڻ گهرجي. هاٿيءَ تي پريم جو اهڙو اثر ٿيو، جو سونڊ هيٺ ڪري. ڀڳوان جي اڳيان شانت ۾ اٿهي رهيو. ڀڳوان ته پنهنجو هٿ هاٿيءَ جي لونڊڙيءَ تي پيار سان گهمايو. پريم وحشانيت تي جيت پائي.

ڪرشن ڀڳوان پريم جو روپ هو. سندس مڌر ٻنسريءَ مان ته پريم جون اهڙيون ته ڌارائون نڪرنديون هيون، ڇڙهوُن چلنديون هيون، جو سڀو وايو منڊل اهڙو ته پريم سان ڀرپور ٿي ويندو هو، جو نه فقط گوپ گوپيون اچي لڳي ويندا هئا، گايون گوال موج مستيءَ ۾ اچي ويندا هئا، پر نانگ به پنهنجو زهر ڀلجي اچي لڳندا هئا.

پريم جيترو ته ڪبو، اوترو اوس واپس ورندو. ٻال (ڪينهو) جيترو ته زور سان ديوار تي اُڇلائبو، اوترو زور سان واپس ورندو.

سوامي وويڪانند چيو آهي، ”ٻجليءَ جي ٻاري ۾ سڌائس آهي ته پاور (ٻجلي) ڏانهمو (ٻجلي سائڙي) مان نڪري ڏانهمو ۾ ٿي چڪر پورو ڪري ٿي. ساڳي ٿي ڳالهه پريم ۽ ڌڪار سان آهي. پريم ۽ ڌڪار ته جتان نڪتا، اُتي اوس واپس ورندا. انڪري ڪڏهن ڪي ته

جي موت ۾ به پريم. جيئن گنگا لڏي پنهنجي پاڻيءَ جو لاڀ اُن ماڻهوءَ کي به رسائي ٿي، جو ڪن قمت، گند ڪچرو منجهس ڦٽو ڪري ڪيس بدنام ڪري ڇڏي.

ڀڳوان مهان تياڳي ۽ ڪئن اُپمائن بعد سنديش ڏنو سنڌه جو، پريم جو، ممتا جو. چيائين سڀ سان پريم ڪريو. جيئن ماتا پنهنجي جان جوکو کڻي به پنهنجي پٽ جي نگهباني ڪندي آهي، تيئن هر هڪ منش کي سڀني ساهوارن لاءِ بيحد پريم ڌارڻ گهرجي.

سوامي وويڪانند چيو آهي، "پريم مهان روپ تي جيت پائي سگهي ٿو. هڪ جوان ماتا هڪ ڏينهن گهٽيءَ ۾ وڃي رهي هئي. ڪتي مٿس حملو ڪيو. ڊپ ۾ ڀڄي، پرسان هڪ گهر ڏانهن ڊوڙي وئي. هوءَ ڏينهن گهٽيءَ ۾ پنهنجي ٻالڪ سان وڃي رهي هئي. اچانڪ شينهن اچي پرگهٽ ٿيو ۽ ٻالڪ تي اُلر ڪيائين. ماتا ڊوڙي اچي ڪاڻ وئي، پر پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، ٻالڪ کي بچايائين. ٻالڪ لاءِ پريم ڊپ تي جيت پاتي."

ڀڳوان جي ڳالهه آهي ته هڪ ڏينهن راج ڳڙهه ۾ پنهنجي ساٿي ڀڪشن سان ڀڪيا ڀڃڻ لاءِ وڃي رهيو هو. سامهون مست هاٿي ايندو ڏٺائون. ڀڪشن ڀڳوان کي آگاهه ڪيو ته خوفناڪ ۽ خطرناڪ هاٿي اچي رهيو آهي، پاسو ڪرڻ جڳائي. پر ان ئي ماڻهن کي به ڊپ ٿيو ته هاٿي ڀڳوان کي ماري ڇڏيندو. ڪن ورثي سمجهيو

ويچار ڪين آڻيندو. سندائين سندن لاءِ ڀلو ۽ بهتري ئي
پئي چاهي. سڀ سان برابر جو برتاءُ، ساڳيو ئي ٿو
ٿئي. سڀني جو ڀلو ۽ بهتري ٿي چاهي. ٻين جو دک
پنهنجو دک ڪري پاليندو.

سنت ونوبا ڀاوي چيو آهي: "جڏهن انسان کي ڪن
۾ سور پوندو آهي ته ڳوڙها اکين مان وهندا آهن.
جيڪڏهن اکين کي ڪو ڇهو ڪونه، سور آهي ته اکين
مان ڳوڙها ڇو ڳڙڻ گهرجن؟ اکين جواب ڏيندي ته
اسين مڙيوئي هڪ آهيون ۽ ٻين جو رنج ۽ راحت
پنهنجو ڪري ٿيون ڄاڻون. پير ۾ ڪنڊو لڳندو آهي
ته هٿ انهيءَ ڪڍڻ لاءِ بيتاب ٿي هڪدم اوڏانهن
ٻڙندو آهي ۽ انهيءَ کي ڇوندو آهي ته مان اوچ
درجي جو آهيان ۽ انهيءَ هيٺين انگ کي سهائتا ڪرڻ
لاءِ ڪين لڙندس. هٿ ڪي اوستائين شانتي ڪين
ملندي، جيستائين ڪنهن پير مان اهو ڪنڊو ٻاهر
ڪين ڪيو آهي. انسان انسان جو ٻـ، اهوئي ڌرم
آهي ته اوچي ڳالهه هلڻ بدران پنهنجي ڏاتڙيل ۽ پيڙيل
هر پاسي سان پريم پيار ۽ ڀاءُ ڪريون."

سڀني ساهواري سان پريم ڪرڻ ڪري پنهنجي اندر
کي ۾ اٿاهه آنند پراپت ٿو ٿئي. موج جون لهرون اڇلون
ڏيڻ لڳن ٿيون. آمريڪا جي اڳوڻي پريزيڊنٽ ابراهيم
لنڪن وانگر ويندي پري وس تي جڏهن گپ ۾ ڦاٿڪندڙ

ڪين ٺڪار، ڇاڪاڻ تہ ٺڪار جا ٽڪرا اندر مان نڪري ٿي، سا نيٺ تو وٽ واپس ايندي. پريم ڪندين تہ پريم ئي واپس ايندءِ. يقين ڄاڻ تہ منش جي هردي مان جيڪا ٺڪار نڪري ٿي، سا سموري زور سان ونس واپس وري اچي ٿي. ڪجهہ بہ اُن کي روڪي ڪين سگهندو. ساڳيءَ ريت پريم جو هر هڪ قطرو بہ ونس واپس ايندو."

سوامي رامداس چيو آهي، "پريم ئي هن ڌرتيءَ تي اعليٰ ملڪيت آهي. غريبن، دکين ۽ مايوسن سان همدردي ۽ پريم سڀني جي ڀلائيءَ لاءِ لاڀدائڪ وستو آهن."

هيٺين ڪوتا جون ٻہ سٽون دل تي ڌري ڇڏيون اچن:

سڀ سي ڪر تُون پيار جڳت ۾،
ڪوئي نهين هئہ پرايا.

سڀني سان پريم ڪرڻ جڳائي - پرائو ڪو بہ ڪونہ آهي - سڀ پنهنجا ئي آهن.

سڀني سان پيار ڪرڻ ڪري، انسان ۾ خاميون خرابيون، عيب اوگڻ دور ٿي سگهن ٿيون. سڀني سان پريم ڪبو تہ وير ورو، ساڙ حسد، ڇڙهت ڇٽائي، ڪوڙ ڪپٽ، ليدا گلا، هاڃي هرڄ، چغلي ٻيا بہ گهڻيئي ڄا وڪار اندر ۾ ايندا ئي ڪونہ. پنهنجي سڪيلڻ لاءِ پيار، ڪڏهن بہ سندن اندر ۾ سندن خلاف اُٿڻ اُٿو

واپس ڪونه ورندو. چوندا آهن ته ڏٺي نه سگهجي ته ڏکوئجي به ڪين.

رشي ناسٽاءِ چيو آهي، ”جتي پريم آهي، اتي پرميشور آهي.“

”پريم پرميشور ڏانهن هلڻ لاءِ سرل ۽ سولي واٽ آهي. جو پنهنجي پاڙي (هر انسان) کي پريم نٿو ڪري، سو پرڪاش ۾ نٿو گهاري. پريم ڪيول اکرن ۾ ڪين پر عمل ۾ ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي سان پريم ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پريم پرميشور آهي ۽ پريم ڪندڙ ئي پرميشور کي ڄاڻي ٿو، پرميشور ۾ گهاري ٿو ۽ پرميشور اُن ۾ گهاري ٿو.“

سونھن کي وڃي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ سمورا ڪپڙا گپ ۾ گندا ٿي ويس، انھن ڇانئين تہ ڪپڙا برابر گندا ٿيا اٿم، پر آنند جيڪو مليو اٿم، سو ڪٿ ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

ساڳيءَ رامت هندي ڪويءَ بہ چيو آهي:

راهہ ۾ آئي جو دين دکي،
سب کو گلي سي لڳائي چلو.

دکين کي گلي سان لڳائڻ، سندن دل وٺڻ، کين آٿت ۽ سنتوش ڏيڻ ۾ پارٿڪي الهمت آنند پراپت ٿيو ٿئي. پريم - پرمش کان تہ ڪار ۽ نفرت سوين کوهہ پري ڀڄندا. ڀڳ ڀڳوان بہ چيو آهي، "تہ ڪار نسي پريم سان سمپورڻ جيت پائي سگهجي ٿي."

پريم ڀريل اکرن ۾ اٿاهہ جادو لڪو ٿئي. ڪو ڪاوڙيو ويٺو هجي، غصي ۽ جوش ۾ هجي، ان سان بہ اکر بہ پريا وڃي ڳالهائبا تہ سندس غصي ۽ ڪاوڙ لهي. گهٽجي ڦڏر لڏو ڇمڪ و پئجي ويندو. "پهرين تون پاڙاڄ، پاڙڻ پوءِ ٻڌونءَ ٿي."

ڪم ڪرڻ کان ڪم سان اڇي، مدد لاءِ ويٺتي ڪري، انھو ڪم ڪري سگھڻ ممڪن ڪين هجي تہ بہ انڪي رکو جواب ڏيڻ بدران جيڪڏهن پريم ڀريل اکرن ۾ ٻڌائجي مجبوريءَ جو ساٿس ورتن ڪبو تہ پوءِ ارڻي سندس ڪم ڪٽي ڪين بہ ٿيو تہ بہ راڄ سان

معاف ڪرڻ ۾ آنند اُتاهه نه پراپت ٿئي. خوشي پيدا ٿي ٿئي. ڪاوڙ ۽ غصي ۾ ڀڄڻ، وير وروڌ جي وس اچڻ ڪري پنهنجي ئي من جي شانتي هلي ٿي وڃي، اندر ۾ آنند مائل ٿي رهي. وير وٺڻ ڪري پٺي کي ڪٿي نقصان رسي نه، پر پاڻ کي نه هاڃي گهٽ ڪانه ٿي پهچي. لاشڪ ڏمر نه وڏو ڏک آهي.

شاهه صاحب چيو آهي:

امي ڪمي § نهار ٽون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سدوارا سمجهن.
امي ڪمي نهار ٽون، ڏمر ڏولاڻو،
لهي ساڃاڻو، جي اپٽين انهيءَ پير تي.

نيوپارڪ جي هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ته وٽس جيڪي مريض ايندا آهن، تن مان ستر سيڪڙو ڪن ته اهي هوندا آهن، جي غصي يا جوش ۾ اچڻ ڪري پاڻ کي بيمار سمجهندا آهن. سو هو ڪين بيمار ڪري ڇڏي. دوائن پيئڻ يا گوريون وٺڻ بدران "معاف ڪرڻ"* جيڪر ڪين ترت شفاياب ڪري.

ٻئي هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ته هڪ بيمار غصي ۾ اچڻ پرجي ويو، جو ڪيس ڪيئن ڪجهه فرق ٿي ڪين پيو ن ڪن. نيٺ راهه رهائي وٺي رمندو رهيو.

---

* گهچيءَ جو گهٽو § صبر ڪري

خطا معاف ڪر

پيغمبر محمد جي تلوار تي اکر اُڪريل هوندا هئا: ”جو توکي ڇڏي ڏئي، تنهنکي معاف ڪر؛ جو تو سان برائي ڪري تنهن سان ڀلائي ڪر. هميشه سچ ڳالهاءِ، پوءِ اُن ۾ ڀلي خود توکي نقصان رسي“.

ڪي ماڻهو ڏٺا هوندا، جي ڏکوئيندڙ کي معاف ڪن يا ڪو ڪين حرف ٻولي، ماڻهو چئي وڃي يا اُبتو سبتو ڳالهائي، ته اُنکي موٽ ۾ جواب نه ڏين. ڪنهن سان اَنياءُ اٿرت ٿئي، ڪيس هاڃي يا ڇيهو رسايو وڃي، ”ايمان يا برادر ٿئيس ته هو اڪثر ڪري جوش ۾ اچي ويندو، غصي ۾ لعل ٿي ويندو. اندر ۾ اڳلي لاءِ تڪرار پيدا ٿي ويندس ۽ بدلي وٺڻ لاءِ گهات گهڙيندو. ورلو ڪو هوندو، جو اهڙيءَ حالت ۾ ڏکوئيندڙ کي معاف ڪندو، فراخ دل ٿي سڀڪجهه وساري ڇڏيندو. جيسُو ڪرسٽ جهڙا ڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا ليندا، جو هڪ ڳل تي ڪير چماٽ هڻين ته ٻيو ڳل اُنکي ڦيرائي ڏين. شاهه صاحب چيو آهي:

”سٺي ورڻ ڪن سين، وراڻيءَ ۾ وڙ،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي ايءَ ڳري“. *

ڪرڻ شروع ڪري ٿو. وڃي پيءُ ڳالهه ۾ پوي.

گهڻن ماڻهن جي وچ ۾ ڏکي وڻي وڃيس ۽ ٻڌڻ لڳي. پيو ڪر ڌاڻس وڌيڪ سٺي تقرير ڪري ٿو، جوش ۾ اچي وڃي. ٻئي کي بهتر ڪار ٿيا بهتر بنگلو ڏسي ٿو کيس ڏک ۽ پيڙهي وڃي. ڌنڌي ۾ سڦلتا حاصل هوندي ڪافي ڌن دولت هوندي به بي آرام هوندو هو.

ان جو ڪارڻ هيءُ هو ته ٻال اوستا ۾ پنهنجي پتا کان ڏاڍو ڊڄندو هو. پتس وڏو وڪيل هو. هو وساري ڪين سگهيو هو ته پتس کيس ڇينڀيندو هو، ڌمڪائيندو هو مٿس ڇٽڪو ڪندو هو، کيس بيوقوف سمجهندو هو، اڪري ٻالڪ سمجهڻ لڳو ته ڪنهن به حالت ۾ پيءُ کي راضي ڪري ڪين سگهندس. جيڪي به، ڪندو هو، سو الٽو اپتو سمجهيو ويندو هو.

ڇهن ورهين جي عمر ۾ بسترو آلو ڪري ڇڏيائين - پتس ٺڪر هنيس ۽ اهڙو ته ڇينڀيائينس ۽ ڌمڪايائينس، جو وڏو ٿيو ته به اهو ياد هوس. پيءُ جون شوخ اکيون ۽ جوش ڀريو مهانڊو اچي اکين اڳيان بيهندو هوس.

سندس اندر ۾ پنهنجي پيءُ لاءِ ڌڪار ۽ نفرت گهر ڪري ويٺي هئي. ڏاڍو جوش ايندو هوس. اڪري سدائين بي آرام هوندو هو. من جي شانتي هوندي ئي ڪانه هئس.

سندس حال ڏسي، کيس صلاح ملي ته پنهنجي اندر مان ڌڪار ۽ نفرت ڪڍي ڇڏ. پنهنجي پيءُ کي معاف

اڪري اها صحتمند عادت آهي ته ٻئي کي معاف ڪجي.

نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي هڪ پستڪ Art of Living ۾ لکيو آهي ته هڪ استري پنهنجي هڪ مترَ کي چيو ته مان پاڳلي ايهڙ بيمار ٿي پئي هئس. سندس مترَ کي ڄاڻ هئي ته ان استريءَ جا پنهنجي پيءُ سان ڏاڍا سٺا ڪين هئا. سندس بيماريءَ جو وستار ٻڌي کيس شانت نموني چيائين، "پنهنجي پيءُ کي معافي ڏي." ڏاڍو جوش وٺي ويس. "پيءُ کي معاف ڪريان؟ ڪڏهن ڪين." سندس مترَ وراڻيس "پوءِ ته پل ٻئي بيماري ڀوڳ. سدائين جو سور وٺي ويهي ره."

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ساڳي ئي استري پنهنجي مترَ وٽ آئي. ٺيڪ ريٽ ڀلي رهي هئي، خوش ٿي لڳي. اچي چيائينس: "تنهنجي صلاح مڃيم. پيءُ سان گڏيس. کيس معافي ڏنم. هينئر ٻانهن ۾ کير کنڊ ٿي ويا آهيون. جڏهن ڏينهن کيس معاف ڪيم، ان ڏينهن منهنجا سڀ دک درد دور ٿي ويا. هاڻ ته ڪابه جهوني تڪليف ڪانه اٿم."

The Art of Real Happiness پستڪ ۾ لکيل آهي ته هڪ سهڻو جوان، چست دماغ وارو سمجهو، چڱي پئسي وارو، ڪامياب واپاري هو، پر ڪڏهن ميٽنگ ۾ ڳالهائڻ مهل ته پيو ٿڙڪي. ڪو وچار ظاهر

گهرڻو اُنکي معافي ڏيئي ڇڏجي ۽ سمورو واقع وساري ڇڏجي. ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪين هو.

شاهه صاحب به ساڳي ئي صلاح ڏني آهي:

”هو ڇڙٻي، تون م ڇوه، والان ورائي وڻ،
سڀئي سڄڻ سهڻ ڇڏئي؛ مَن ماري ڪر منڻ،
ڪانڌ* وڏائي ڪڻ§، ڪيئي‡ مڇهان ڪين ٿئي.“
ڪيئي مڇهان سڄ ٻج ڪي ڪين لو ٿئي.
”ڪئين ڪين ٻرائيو، ڪيئي مڇهان ڪين“
”پالڻ ۾ پاڻي، وهو ڪيئي وارو ڪين ڪي.“

مرڳو پنهنجي زندگـــي زهر ٿي ٿئي. لاٽونس چيو آهي: ”ڪو توکي ها ڇي وساري ته به تون ان سان ڀلائي ڪر. چڱي سان چڱو ٿي ۽. بري سان به چڱو ٿي ۽، جيئن هو آئينده ۾ چڱو ٿئي. وفادار سان وفادار ٿي ۽. بي وفادار سان به وفادار ٿي ۽، جيئن هو آئينده ۾ وفادار ٿئي.“

جيسو ڪرسٽ چيو آهي: ”پنهنجي شترو ۽ کي پيار ڪر؛ جيڪي توکي پٽ پاراتو ڏين، تن کي آسيس ڪر؛ جيڪي توکي تڪارين، تن سان ڀلائي ڪر؛ جيڪي تو سان اٽڪا ڪن، تن لاءِ پرارٿنا ڪر.“

رامچندر سان سنـــدس مائٽن ۽ ماتا ڪيڪئي ۽

*صبر. § طعام. ‡ بغض.

ڪر. هن خلاف ناراضپي کي ترڪ ڪر. پنهنجي ئي ذاتِ شيءِ اچائون موڪل. هملاء پرارٿنا ڪر. ساڻس وڃي گڏج. ياد ڪر تہ، تنهنجي ئي تنهنجي لاءِ ڪيتريون سٺيون ڳالهيون هُن ڪيون هونديون.

هن صلاح موجب. آهستي پنهنجي ئي ذاتِ رخ ۾ ڦيرو آڻيندو ويو. نفرت جي بدران پنهنجي ئي ذاتِ پريم پيار اکين سان ڏسڻ لڳو. ان بعد ئي آرامي دور ٿي ويس ۽ شانتي اچي ويس.

انجيل ۾ لکيل آهي: "جيڪڏهن تون ٻين جون ڏنگايون معاف ڪندين تہ تنهنجو سُرڳي پتا توکي بہ معاف ڪندو. جيڪڏهن تون ٻين جون، خطائون ڪين معاف ڪندين تہ تنهنجو پتا پرور دگار توکي بہ ڪين معاف ڪندو."

آئين چيو آهي: "پاپ کي ڪجهہ بہ معاف ڪين ڪر، پر پاپي کي گهڻو ئي معاف ڪر."

شيڪسپيئر چيو آهي، "Pardon is the word for all" "خطا معاف ڪرڻ هڪ ئي اکر (منتر) سڀني لاءِ آهي."

معاف ڪرڻ جي ڪهڙي نہ مهما آهي! سڀ سنت مهاتمائون، پير پيغمبر بہ چئي ويا آهن تہ ڪير بہ ڪجهہ، ڪري وهي، جاڻي ٻجهي يا بي خياليءَ کان، ڏسي وائسي يا اڻ ڄاڻائيءَ کان، تہ صلاح پرلو آهي تہ، ري

حسن وراڻيس، "مون لاءِ ڪاوڙ ڪا ڳالهه ڪانهي آهي."
غلام وڌيڪ چيو، "جو پنهنجي ڀاءُ کي معاف ڪري ٿو، بهشت اُنلاءِ آهي."

حسن چيس: "مان توکي معاف ٿو ڪريان."
غلام آيت جي ٻاقي سٽ اچاري، "چاڪاڻ ته الله تعاليٰ سخيءَ کي ئي پيار ڪري ٿو."

حسن هڪدم چيو، "مان توکي آزاد ٿو ڪريان. تون هاڻ منهنجو غلام ڪين آهين ۽ توکي چار سؤ چانديءَ جا سڪا ٿو ڏيان."

جمعو سچ پچ اُهي جي آهي جي جوش ۾ ڪين ٿا اچن، غصي کي روڪڻ ڪري، حسن کي ڪيڏي نه خوشي ٿي؟ هاڻ غلام کي انعام ڏئي ڇڏيائين.
شاهه صاحب چيو آهي:

ڪرم! ڪمندن ڪٽيو، هارائيو هوڙن*،
ڇڪيو نه ڇوندن، هو جو ساءُ‡ صبر جو.

هڪ ڀيري گوتم ٻڌ کي ڪنهن شخص ڏاڍو ٻڌ شد ڳالهايو ۽ مٿس ڏاڍا چوڙهه چڙهايائين ۽ گوتم ٻڌ صبر ۾ رهيو، سوٽ ۾ ڪيس ڪجهه به، ٽڪو ڪين ٻوليائين.

---

* هوڏين. ‡ سواد.

شاهي اَرت ڪيو. ڪالهه راڄ کي پنهنجي پٽ جاءِ ڀرت کي تخت تي وهارڻ جو منصوبو سڦلتا سان سٽيائين. ان هوندي به رامچندر پنهنجي اندر ۾ غصي کي جڳهه ڪانه ڏني، پنهنجي ماٽيجيءَ ماتا کي اوترو ئي پيار ڪندو رهيو، جيترو سڳيءَ ماتا کي. ڏانهس پيار ۾ رتيءَ ماتر به ڪمي ڪانه ڪيائين. ساڳيءَ ئي عزت ۽ قرب سان ڪالهه موڪلائي، مرڪندي مرڪندي بنواس ڏانهن راهي ٿيو.

انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي: "To err is human, to forgive is divine" خطا ڪرڻ انساني ڪمزوري آهي؛ معاف ڪرڻ ايشوري گڻ آهي. جڏهن هرهڪ انسان خطا ڪري سگهي ٿو ۽ ڪري پيو، تڏهن ايشوري گڻ اپنائي، ڇو نه ڪين هڪ ٻئي کي معاف ڪري ڇڏجي؟

ڪربلا جي شهيد حسين بابت ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڀيري هو دسترخاني تي کاڌو کائي رهيو هو. سندس هڪ غلام دسترخاني ڏانهن ڪاڙهو آڻي رهيو هو. اتفاق سان هڪ گرم ٿالهي سندس هٿ مان ڪسڪي وئي ۽ وڃي حسين جي گوڏن تي پئي. غلام ڏاڍو هراس ۾ اچي ويو. حسين ڪجهه چوي ئي چوي، انهن کان اڳ قرآن شريف مان آيت اُچاريائين، جيڪو پنهنجي جوش ۽ ڪاوڙ کي روڪي ٿو، تنهن کي مالڪ معاف ڪري ٿو."

اوگڻ معاف ڪري سگهون ٿا

مندرن ۾ اڪثر ڪري هيٺيون سٽون ارداس وقت يا ٻيءَ طرح ٻڌڻ ۾ اينديون آهن:

"جتني سمندر ساگر لهر پري
اِتني اوگڻ هماري؛
ديا ڪرو ڪجهه مهر اَپاڻو
ڏبندي پٿر تاري."

يا جئه جڳديش واريءَ آرتيءَ ۾ سٽ آهي:

"مان مورک کل ڪامي ....."

اهو برابر آهي ته هرهڪ انسان ۾ ڪي نه ڪي اوگڻ اوس هوندا ئي، پر ائين ور ور ڪري طوطي وانگر اُچارڻ ۾ پاڻکي چوڻ سان ته مون ۾ برايون بيشمار آهن، اوگڻ اَپار آهن ته اهي رڳو ايشور کي آرادنا ڪرڻ سان ڪو معاف ٿي ڪوا سگهندا؛ ڪونه ايشور انتظار ۾ اوسيڙي ۾ نهاري رهيو آهي ته مٿس رڳو چوي ته ديا ڪر، ڏبندي پٿر تار، ته هڪدم تاري ڇڏيندو يا ڪيس اوگڻن کان آجو ڪري ڇڏيندو.

اوگڻن کان آجو ٿيڻ لاءِ ڪوشش پاڻکي ئي ڪرڻي آهي. اوگڻ معاف ٿين، تنهن لاءِ به اَپاڻ پاڻکي ئي وٺڻا

ڪنهن شش پڇيس، ”سائين! هن شخص هيڏو ڳارگنه
ٻڪيو، اوهان ڪيس ڪجهه ڪين ورائيو!“

گولم ٻڌ سمجهايس، ”مٺا، جيڪڏهن ڪير ٻهڪاريءَ
کي ڪاٺ و اچي ڏئي ۽ هو وٺڻ کان انڪار ڪري ته،
ڪاٺ و ڪنهنجو ٿيو؟“ شش ورائيو، ”جنهن ڏنو اُنجو“
”ته پوءِ مون ٻه آن شخص جون گاريون قبولڻ کان
انڪار ڪيو ۽ اهي وٽس ئي رهيون.“

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن پنهنجي گيتا ۾ لکيو آهي ته ”ڪرم سدائين لاءِ ٻڌي ڪونه ٿو ڇڏي. پاپ کان مڪت ٿيڻ جو مدار پڇتاءُ ڪرڻ تي آهي. پڇتاءَ جي معنيٰ آهي دل ۾ سچو پڪو قدم، گذريل پاپن کان پورن افسوس ۽ آئينده لاءِ پاپ نه ڪرڻ جو پڪو ارادو.“

نامديو مهاراشٽرا ۾ هڪ وڏو سنت ٿي گذريو آهي جوانيءَ ۾ هو هڪ وڏو ڌاڙيل ۽ خوني هو. هڪ ڀيري ٨٤ گهوڙيسوارن تي حملو ڪري، ڪين ماري ڇڏيائين. پوءِ عادت موجب مندر ۾ ويو. مندر ۾ نظر وجهي ڏٺس هڪ استريءَ کي، جا پنهنجي ڪڪي کي ڇڙٻون ڏيئي رهي هئي. سندس ڪڪو روئي رهيو هو، ڇاڪاڻ ته هن اڄ ڪيس ڇتو ڪيو هو. نامديو ان استريءَ سان وڃي ڳالهايو، جنهن کيس ٻڌايو: ”مان وڌوا ٿي پيئي آهيان ۽ ٻالڪ يتيم، ڇاڪاڻ ته منهنجو پتي عام قتلام ۾ مارجي ويو، جڏهن هڪ ڌاڙيل ٨٤ گهوڙيسوارن تي خوني حملو ڪيو.“ اهـا دل ڏاريندڙ وارتا ٻڌي، نامديو جي دل نرم ٿـي وئي. مندر ۾ مورتيءَ اڳيان وڃي پنهنجي پڇتاءَ جو اظهار ڪيائين. ڏاتو پنهنجي ڳچيءَ تي وهائڻ لڳو. پوڄـاري اهـا رونداد ڏسي ڏڪي ويا ۽ کانئس پڇيائون: ”اهڙو قدم ڇو ٿا کڻو؟“ وراڻيائين: ”آءٌ پاپي آهيان. ايشور مون تي رحم ڪري.“ پڇتاءُ ڪرڻ بعد هو پنڍارپور

آهن. اوگڻ ضرور معاف ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ پڇاڙيون آهن. هڪ سچو پڇتاءُ ڪرڻ. پڇتاءُ ڪرڻ بعد دل ۾ سچو ڦيرو اچي سگهي ٿو. شاهه صاحب چيو آهي، ”توبهه جي تائبر سين، ٿري ويا طوفان“. ٻيو ٻن ڪرڻ، پاپسان ٻڪ ٻڪاٽي ڪرڻ ۽ وري ڪڏهن اوگڻ جي اوڏو نه ڪين ويندس. ٻوءِ نه ايشور کي آراڌنا ڪري سگهجي ٿي ۽ اوگڻن کان ڇار. پڇڏجي مهر جو ميڏهن وساءِ.

سري راجگوپال آچاريه چيو آهي، ”اسانجا پاپ کهڙا به هجن، پر جڏهن اسين سچو پڇتاءُ ڪنداسون ۽ پوءِ ايشور جي ڪرپا اڳيان سر ٽيڪينداسون، تڏهن هو اوس اسانجي رکيا ڪندو.“ وڌيڪ چيو اٿس، ”پاپن کان ڇوٽڪارو شبدن يا منترن اچارڻ، نه وڏنسون ۽ ڪرياون ڪرڻ يا ٻروهت کي دان ڏيڻ سان ڪو نه ملي سگهندو؛ پرائشچت ضروري آهي.“

شنڪر آچاريه چيو آهي: ”منش جيڪڏهن پاپ ڪرڻ کانپوءِ پڇتاءُ ڪري ۽ هو ان پاپ کان مڪت ٿي سگهي ٿو. وري پاپ نه ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ۽ پوءِ پورو ٿي ويندو.

ٻوڌي ڌرم سوتر چوي ٿو؛ ”منش جيڪڏهن هر روز پنهنجي ڪيل پاپن ڪمن تي غور ڪري، من ۾ پڇتاءُ ڪري ۽ آئينده لاءِ سنجم سان هلي ۽ سچيت ۽ پوري سڄاڳي رهي ته پاپن کان آجو ٿي ويندو.“

ڏنهن ٻيو ويچار ڪندو تہ، مان ڪرال آهيان، دکي آهيان. ڪجهه ڪين آهيان تہ ٿيندو بہ ڪجهه، ڪين. جيڪڏهن چوندو تہ هاڻو آءٌ سڀ ڪجهه آهيان تہ ٿيندو بہ سڀ ڪجهه.“

انهن ڪڏهن ڪين چئجي تہ، مان مورک آهيان، ڪمزور آهيان ۽ پنهنجي پٺتي رهيو آهيان. ويچار ڪبو تہ ڪمزور آهيان تہ ڪمزور ٿي ٿبو ۽ لکي الڪان ڀهتر. “A Saint's Call to Mankind” پستڪ ۾ لکيل آهي: ”قصور ڪرڻ بعد ان تي ويچار ڪندو رهڻ ٻيو قصور آهي. ور ور ڪري چوڻ: ” آءٌ پاپي آهيان؛ اهو ملين ڇڪر ۾ ڦيرائيندو ن پائڻ مثل آهي. مان ساڌڪ آهيان، نشڪلنڪ اوستا جو ڪانکي آهيان، اهين چوڻ صحيح رخ آهي.“

سري رامڪرشن پرمهنس ديو چوندو هو، ”ڪيترا ماڻهو چوندا آهن تہ، اسين هڪ ليکي، ڪِرڙي مثل آهيون. اهڙيءَ ريت پاڻکي ڪيڙي سمان سمجهي، ڪجهه سمي بعد ٻل ۾ ٻستا ٿيو پون. انسان جي من ۾ ملولتا اچڻ ڪين جڳائي. اُنتيءَ جي مارگ ۾ نراساڻي ونڌي ۾ وڏي ٻاڌڪ آهي. انسان جهڙا ويچار ڪندو، اهڙو ٿي ٿيندو.

ويو، جتي ٻالڪ ۽ ٻوڙا جيون گهارڻ جو ڌن ڪمائين.

هڪ استري جنهن کي پنهنجي ڪاسائڪي ڪارروائيءَ سان ودوا ڪري ڇڏيو هئائين، تنهنجا ڳوڙها ڏسي، هڪ مها پاپي پڇتاءُ ڪرڻ بعد مهان سنت ٿي پيو ۽ ڪجهه سالن جي پشچاتاپ ۽ ڀڳتيءَ بعد پرميشور کي پاتائين.

ناميديو جي جيون مان اهو پڌرو آهي ته پاپن ۽ اوڳڻن کان آجو ٿيڻ لاءِ پورن پڇتاءُ ۽ پڪو ورت آهي پاپ نه ڪرڻ لاءِ پرڻ ڪرڻ ضروري آهي. رڳو چوڻ سان ته مون ۾ اوڳڻ اڪيچار آهن، اهي معاف ٿين، ڪين ٿيندا پر پاڻ کپ کوڙي ويهي رهندا. منش جهڙو وچار ڪري ٿو، تهڙو ئي ٿئي ٿو. وچار کي وڏي شڪتي آهي. هو صرف وچار پيو ڪندو ته مان پاپي آهيان، اوڳڻ اپار اٿم پر پاپن ۽ اوڳڻن کان آجو ٿيڻ لاءِ ڪي به قدم ڪين کڻندو ته پاپي ئي ٿي رهندو.

روم جي مشهور فيلسوف مارڪس آرليس چيو آهي: ”اسانجي جيوت اسانجا وچار ئي ٺاهين ٿا. خوشيءَ جا وچار ڪنداسون ته خوش گهارينداسون. دک جا وچار ڪنداسون ته جيون به دکي ٿيندي. بيماريءَ جا وچار ڪنداسون ته بيمار ٿينداسون. ڀپ جا وچار ڪنداسون ته ڀڄنداسون.“

سوامي وويڪانند چيو آهي: ”منش جيڪڏهن راس

جي ڳالهه، جڏهن ظاهري سندس بدن کي ڪو ايذاءُ نه ڪين رسايو، تڏهن سندس دل کي زخمي ڪري ڇڏيو. اکين ۾ آب اچي ويس.

پيو ڪو بي واجبي ورتاءُ ڪري ته اهو درگذر ڪري ته وڃجي، پر پنهنجو پيارو اهڙي جاءِ هلت هلي، ته ڪير نه جيڪر ڏکي ٿي پوي.

سوال آهي ته ڇا ان حالت ۾ ڏک ڪرڻ گهرجي؟ ڏک ڪرڻ مان ڇا ڪجهه ورندو سرندو؟ مرڳو ئي من ۾ اشانتي ڪپ ڪوڙي ويهي رهندي. ڀلا ويچار ڪبا ته منهنجي مِتر ڪيئن مون سان اهڙي هلت هلي! انهن دل ڀڃڻ وڌيڪ ٻيهي ڏکي ٿيندي. من وڌيڪ پيو چوندو. پيو وَر ڦَر ڪري ويچاريو ته هيءُ منهنجي مِتر ڪيو ڇا؟ اهي ڳالهيون ياد ڪرڻ سان يا اندر ۾ ساڙيڻ سان، دل جي زخم تي مرهم ته لڳي ڪانه سگهندي، ڦٽ ڇٽي ته ڪين ويندو، ڀاڻ اشانتيءَ کي اندر ۾ ناهي ٽڪي وهاري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ڏک سور ڪيڻ يا مِتر جي هلت کي ياد ڪرڻ سان جيڪي ٿي گذريو، سو ميٽجي ميسارجي ته ڪين سگهندو، پر ٻاڻ ٻاٽڪي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڏکي ڪندو رهندو ۽ چنتا وڌي وڪوڙي ويندي. ڏک ئي چنتا کي جنم ڏيندو آهي.

پوءِ ڇو ڪين ٿڌي سيني، فيلسوفاڻو رخ وٺي

گذريءَ کي وسار!

ڪنهن سان سندس ڪو مِٽر، ساٿي يا سنبنڌي، جنهن لاءِ سندس هردي ۾ قرب پوري ڪنڊ هجي، اُپاءُ ڪري، مٿس اجايا سچايا ٺڪر پڇي، اُلٽا اُٿلا الزام ڏري، من گهڙت ۽ بي بنياد ڳالهيون ڦهلائي، اُنهن هو ڪيترو به نرجوان هجي، سهن شيل هجي، برداشت ڪرڻ جي ٻاوا هجيس، تڏي ٻيا وارو هجي ته به ڏڪ ڪو ضرور لڳندس، دل کي چوٽ اوس رسندس ۽ من ۾ اُٿل پٿل پيدا ٿي ويندس.

منصور جنهن انالحق جو نعرو هنيو، جو روحاني راهه تي ايترو ته اڳتي وڌي ويو هو، جو چوائين ته 'حق آءٌ آهيان'، تنهن تي جڏهن ڪفر جو الزام لڳائي، کيس سنگسار ڪري، سوريءَ جي سزا ڏني ٿي وئي، جڏهن ماڻهو مٿس پٿرن جا وسڪارا ڪري رهيا هئا، پر ڪو به ڦهر لوڏو ڪونه آيس. پنهنجي ايمان اعتقاد تي پختو ۽ پڪو هو. دل ۾ رتيءَ ماتر به ڏک ڪين ٿيس. صبر سان سهندو رهيو. وات مان ٻڪو به ڪين ڪڍيائين. اوچتو سندس هڪ دوست ڏانهن هڪ گل اڇليو. بيحد ڏک ٿيس، ڏڏڪو اچي ويس. جنهن جا پٿر مرڪندي سهي رهيو هو، پر دوست

وسائڻ لاءِ پرارٿنا ڪجي ته پنهنجي من کي شانتي پهچندي. انهن ڪرڻ سوال ڪين آهي، پر ڪيو ته ڏک جو ڏنگ هليو ويندو ۽ زخم کي مرهم لڳي ويندي."

پيشهس سٽراڳ چيو آهي: "جڏهن اُن بابت وچار ڪريون ته پنهنجي من تان ميساري ڇڏ، جيڪي هن توسان ڪيو آهي، جو توکي ڪڙو لڳو.... جيڪي به غلط فهميون پيدا ٿيون توٽي وڌيون، لفظ جن توکي چوٽ رسائي، پر جيڪي هن توکي وسايا.

آهي اهو ڏکيو، پر ڪوشش ڪر، وسارڻ جي ڪوشش ڪر، اهو ڪي، جو توکي ڇڙ ٿو ڏياري يا توکي بي آرام ٿو ڪري، اهو صلاح پر ٻو مارڳ آهي- جڏهن توکي ڏکويو آهي، سو ڪنهن وقت به پنهنجو مٽر ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن تون اُدار نقط نگاهه سان ڏانهس نهاريندين. رکو اهو ڏس جو ستو هجي ۽ نه اهو جو توکي ڇڙ ڏياري."

انگلنڊ جو اڳوڻو وزير اعظم لايڊ جارج هڪ دفعي گولف راند ڪرڻ لاءِ ڪلب اندر گهڙيو. سندس سائيءَ اندر گهڙڻ کانپوءِ در بند ئي ڪين ڪيو. لايڊ جارج پٺتي موٽي دروازو بند ڪيو. چيائين ته منهنجو اهو اصول آهي ته دروازي مان لنگهڻ کان پوءِ در بند ئي ڪري ڇڏجي. سندس چوڻ جو مطلب هو ته جيڪي ٿئي، لنگهڻ بعد ڀيل ٻاب سمجهجي.

فراخدل اُرت ڪيجي ته مبادا متان ڪن غلط اثرن هيٺ اچي، ڪن اَڻ پورين ڳالهين ۽ بي بنياد خبرن اچڻ بعد اُلٽي گهڙيءَ ۾ گهلجي ويو هجي، يا بي خبريءَ ڪان ڀُل ٿي وئي هجيس. اهڙي درشٽي ڌارڻ، اهڙي اُتم نظر اپنائڻ سان دل کي سنتوش ٿي سگهي ٿو. پوءِ ڇا ٿي پيو جي مٿس ڪجهه ٿيو ڀلا ڪيو؟ جيڪي ٿيو، سو ٿي گذريو. گذريءَ کي ڇا لاءِ ياد ڪجي؟ گذريءَ کي ته وسارڻ ئي جڳائي. ڏٺو ڪير ڪڏهن اُٿي پٺتي سگهندو آهي؟ اهڙيءَ ليکي پنهنجي ويچار ڌارا کي اپنائي هلڻ سان ۽ جنهن متان ڏکويو، تنهن لاءِ شُڀ ويچار ڪرڻ سان اشانتي پوئتي پير ڪندي ۽ شانتي وري پيرو پائيندي.

نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي ڪتاب ۾ Tough-Minded Optimist ۾ لکيو آهي ته: ”ڪير توکي ڏکوئي، ته ترت ان جي زخم تي روحاني مرهم لڳاءِ، ڪيئن جو فراخدلانه رخ اختيار ڪر، پنهنجي اندر ۾ هيئن ويچار ڪر ته هن جو اهو مطلب ڪين هوندو يا اُن وقت هو پنهنجو سچو پاڻ ڪين هو يا مان اِنکي نظرانداز ڪندس. اهڙيءَ ريت توکي ڪٿي ڏک ٿئي ٿو، ته به هڪ دفعو ڏک ٿيندءِ، پر پوءِ پاڻکي بچائي وٺندين، نه ته اهو ڏک وڌيڪ پڇري، آخر ڪرڙو روپ وٺندو.“

اِي ڳالهه ته جڏهن ڪير ڏکوئي يا ڪاوڙائي ته ڏک

سان ڪڏهن ڪنهن پنهنجي ننڍڪ، ٻانهن وڌي آهي؟

دک، ڏيندڙ خيال هڪ قسم جو ڪوهه آهي. ان خيال کي وزن ڏئي، ان ڪوهه ۾ پاڻکي پاڻ ئي ڪيرائجي ٿو. اهو ڪوهه، انهيءَ ڪوهه ۾ ڪنهن کي به ڪيرائي نه ٿو سگهي. هيءَ ڳجهو ڪوهه، انسان جي دل ۾ رهيٿو ؛ انسان انهيءَ ۾ پاڻهي پاڻکي ڪيرائي؛ دکي ٿيندو رهي ٿو. ان ڪان بچڻ جي واٽ فقط اها آهي ته دکي، ڏيندڙ ڦرلي کي ڪو به وزن ڪين ڏجي: پنهنجي سڌا ڏئي، پاڻ کي ڇو ولهي مارائجي؟ عقلمندي ته انهيءَ ۾ آهي ته اهڙي ڦرني کي ڪو به آڌار ڪو نه ڏجي ته هڪدم ڪمزور ٿي ڪري پوندو ۽ جلد ئي ختم ٿي ويندو."

مثال ڏئو اٿس ته سمجهو ته رام سهاءِ نالي هڪ جوان وشنو شرما نالي ماڻهوءَ کي ڪا شيءِ هٿ ۾ ڏني آ. هاڻي جي وشنو شرما اها شيءِ اُنڪان پنهنجي هٿ ۾ وٺي ئي ڪين يا وٺي هٿ مان ڇڏي ڏئي ته اها ڪيڏانهن ويندي؟ ضرور آڌار نه ملڻ سبب ڪري پوندي. ڦرئي جو به هو بهو اهو حال ٿئي ٿو. هن کي پنهنجو آڌار نه ڏيو ته نه پر ڪري پوندو ۽ سندس آزار ڪان ڇٽي پئبو.

ٻارن جي هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي ته هڪڙي ٻالڪ ڪيڏا لفظ چيا. ٻار هو سمجهو، انهن ڇوس ته پاءِ!

سوامي ٻوڌراج جي ”من درست، تن درست“ پستڪ ۾ لکيل آهي:

”خيال هڪ وڏي وٿ آهي، خيال ئي آهي جو حالتن کي وزن ڏئي ٿو، سندن اجهو ۽ آسرو ٿئي ٿو. جيڪڏهن حالتن کي سگهه ۽ سٺا نه ڏئي، بلڪ ليکي ئي ڪين، انهن ڏانهن ڌيان ئي ڪين ڏئي ته حالتن ۾ چوڌاري و ٻڙهيل هوندي ۽ هر حالت ۾ حالتن کان آجو رهي سگهي ٿو.

آهي اختيار ۾ تنهنجي اٽڪل ”ٻوڌ“ دک کي سگهين
لڳي منصور کي سوري، ئي سمڪار جي مورت.

حالتون انسان کي هلاڪ ڪين ڪيون ڪن، مگر سندس سنڪلپ ئي ڪيس خراب ڪري ٿو. حالتن جو تاثير تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن انکي ليکي ۾ ٿو آڻجي يا انهن کي وزن ٿو ڏجي. انهن وزن ڏيڻ سان پاڻ کي حالتن جو شڪار بڻائي سگهجي ٿو.“

سوامي ٻوڌراج وڌيڪ چوي آهي: ”پاڻ کي پاڻيهي ڇو ٿو ڪيرائين؟ خيالن کي اهڙو نه ليک. من جي خيالن کي ڪو وزن ڪين ڏي. جو خيال توکي دک ڏئي، ان سان واسطو ئي ڇو ٿو رکين؟ دل جي پريشاني ڇو وٺي ويٺو آهين؟ انڪان ڇٽڻ جو آسان اپاءُ آهي ته ان ڏانهن ڪو به ڌيان ڪين ڏي. تنهنجو خيال پاڻ کي ڏکوئي، سا ڪهڙي نه شرم جي ڳالهه چئبي؟ تنهنجي همت

رام نام جي سچي معنيٰ

هڪ بزرگ مٺڙن ڳالهين ڪندي ذڪر ڪيو ته، شاسترن ۽ گرنٿن ۾ ڄاڻايل آهي ته رام نام جي جپڻ سان منش مڪتي يا موکش پراپت ڪري، ماڻهو جنم سڦلو ڪري سگهي ٿو. منهنجي واتان نڪتو: "رام رام جپڻ ۾ شڪتي ۽ بل لاشڪ اٿاهه آهي، پر رڳو اکرن اُچارڻ مان ڪي ڪين ورندو."

دل تي تري آئي هڪ سٽ "واهگرو نام جهاز هئه، جو چڙهي، سو اُتري پار." ان سنڌر سٽ جو صرف اهو مطلب ڪين آهي ته واهگرو واهگرو اُچارڻ سان ٻيڙا پار ٿي ويندا. پرميشور جو نالو جپڻ معنيٰ:

١- پرميشور، جن خاصيتن لاءِ پرسڌ آهي جن گڻن جو ڀنڊار آهي، جن صفتن جو سائين آهي، تن جي پيروي ڪرڻ. پرميشور معنيٰ ستيه، پريم، ڪرونا، نياءُ، مٺڙي. پرميشور آهي سنتوش. سم ڀاوا.

سري گرو نانڪ ديو چيو آهي: "وڻ ڳڻ ڪيتي ڀڳت نه هوءِ" يعني گڻن ڌارڻ ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ ڌاران ڀڳتي نه ٿي سگهندي. ڪوري جا ڪورا رهجي وينداسون.

جيڪڏهن ڪو شيءِ ڪنهن کي ڏئي ۽ اهو انڪان اها
شيءِ نه وٺي ته اها شيءِ ڪيڏانهن ويندي؟ چي ونس
ئي رهجي ويندي. انهن وري چيائين ته ڪنهن جا گندا
لفظ مان توکان نه ٿو وٺان. انڪري اهي تو وٽ ئي آهن.
پوءِ مان دل ۾ ڇو ڪريان، پوسران يا پڇوان ڇو؟

اسين به جيڪر اهو احساس ڌاريون ته ڪو به مِتر
اسان تي ڪاوڙ ۾ الزام ڏري، ڪيترو به گهٽ وڌ
ڳالهائي يا اُبتو اُلٽو ورتاءُ ڪري، ته انهن ڳالهين کي
پنهنجي اندر ۾ جڳهه ئي ڪين ڏيون ته اهي ڳالهيون
ڏيندڙ وٽ ئي رهجي وينديون ۽ پاڻ کي دک ڪرڻ يا
پنهنجي من جي شانتي وڃائڻ جو ڪارڻ ئي ڪونه
رهندو.

ڳھرجي. ٻرانءَ جي رڳو ٻچار ڪرڻ ۾ ڪو خاص ڪمائي ڪانهي. دل جي گھرائيءَ سان ٻچار ڪرڻ، صدق ۽ سرڌا سان ٻچار ڪرڻ سان آتماءَ جي راهه ۾ اڳتي وک وڌائي سگھجي ٿي.

گوڪا هڪ ونشا هئي. پاپ اپراڌ جي جيوت گذاريندي هئي. گھڻن جوانن جا جهڳا جهڙڻ ڪيا هئائين. سندس ناز نخري مٿان مست ٿي، ڪيترا جوان چرڻ هيڻ ٿي پيا هئا. هڪ ڏينهن هڪ ساڌو اچي ونشا جي مڪان وٽان لانگهائو ٿيو. ڏاڍي پياس لڳي هئس. مڪان ڏسي اچي ويو. در کڙڪائي پاڻيءَ لاءِ وينتي ڪيائين. گوڪا کيس پاڻي پياري، پريم سان پوڄن ڪارايو. ساڌو مٿس پرسن ٿي، کيس هڪ سندر طوطو ڏيئي ويو. هلندي کيس رڳو چيائين: ”ٿي سگھي ته هن طوطي کان رام نام پئي اُچارائج.“

گوڪا هڪ اڌ دفعو هر روز طوطي کي چوندي هئي:

پڙهه پت طوطا رام نام
چئه پت طوطا رام نام

گوڪا هولن ته ڀلي ڀلائي؛ رام نام ڪونه اچاريو هو پر طوطي کي رام نام چوائيندي، سندس اندر ۾ رام نام لاءِ صدق اڀري پيو ۽ سوچڻ لڳي ته رام نام جي سچي معنيٰ ڇا آهي. اها پاولا جڏهن مونجهس اڀري ٿي، تڏهن رام نام اچارڻ جو مطلب سمجهائين ته

٢- پرميشور جي پورن رحمت سان وٺڻ. پرميشور کي اومت، اڄهو ۽ آسرو سمجهڻ سان مدش ۾ لماڻائي، نهٽائي اچي ٿي ۽ آپو ۽ ايمان غائب ٿي وڃن ٿا.

٣- پرميشور جي آڻايل انسان، سندس خلقيل خلق سان پرام، سڀن کي ايشور جو روپ سمجهڻ، سندن ڏک، پهنجو ڏک، ڪري سمجهڻ، اوکيءَ ويل ساڻن ڀاهن ٻيلي ٿي اٿهڻ، ڪنهن سان ا، وير وروڌ ڪين رکڻ، ڪنهن سان به چڙهت چڙائپ ڪين ڪرڻ.

٤- ايشور ۾ پورن وشواس، سرڌا ۽ صدق ڌارڻ. پوءِ شڪتي محسوس ٿيندي. ڏک ۽ سک، خوشيءَ ۽ غميءَ، جس ۽ اپجس، سڦلتا ۽ اسڦلتا ۾ سمدرشٽي ڌاري سگهبي ٿي.

اسانجي مدرن موهين، گردوارن ٺڪاڻن ۾ صبوح سانجهيءَ رام نام جي ڌني لڳي پيئي هوندي آهي. ڪيرتن ۽ ڪٿا ۾ ور ور ڪري چيو ويندو آهي ته، ”رام نام جپيو. اسو ويلي آئي. ايڪانت ۾ ويهي ايشور جو نالو جپيو.“

چوندا آهن:

” پراڻ ا. ٿ پراڻ جي پيار،

انهن پهجي ڪان ڌار، شل قادر ڪنهڪي ا. ڪري!“

پراڻ جي پيار (رام نام جپڻ) هڪ ڌاڳو آهي جو پراڻ کي پاڻ لاءِ پرپر گهرجي، ليڪڙ گهرجي، عمل

جو ڌوئڻ ۾ ضروري آهي. (ڪوڙن ۾ ڙالون وڇون ٿ
جي ڏنگ جو اهو علاج ڪندا آهن.) ايشور جو
نام هڪ پيروڙي صدق سان جپڻ سان منش جا پاپ
ڌوپي سگهن ٿا؛ پر منش جو سڀاءُ اهڙو آهي جو وري
پاپ ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هن ۾ ايتري اِڇا
شڪتي ڪانهي جو پاڻ ڪري ته وري پاپ ڪين
ڪندس. اگر ايشور جو نام سدائين جپيندا رهو
۽ سڀڪنهن وقت اها ئي پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ته توهان ۾
ايشور خاطر پيار آڻڻ لئي ۽ تن دولت، مان ناموس
۽ سڀ ڪجهه سگهو، جي جيڪي ڏيکارن جو چٽڪو آهن،
تن ڏانهن توهان جو لاڙو گهٽبو وڃي."

ڪي سمجهندا آهن ته مندرن ۾ ديوتائن ۾ اسم سان
وڃڻ ۽ ستسنگ، آسادي وار، ڪيرتن ۽ ڪٿا ۾ شريڪ
ٿيڻ، پاٺ پوڄا ڪرڻ سان پاپ ڌوپجي ويندا ۽ جنم
سڦلو ٿيندو، پوءِ ڀل ڪٿي ڪوڙ ڪپٽ جي جيوت
گهاريندو رهجي. ڪي ڏاوان ڪپت سان ڌن ڪمائي
پوءِ تر مثلا نهرائي يا دواخانو کولي يا مندر ۾ ڇڳي
چوڪي پيئڻ رکي سمجهندا آهن ته سندن پاپ انهن
ڌوپي ويندا. اهڙن ماڻهن جو ذڪر ڪندي هرمندر ناٿ
چٽوپاڌيا هڪ ڪوتا ۾ لکيو آهي: "هـو
سمجهن ٿا ته ايشور کي رشوت ڏيئي چاپلوسي وانگر
ايشور جي وڏائي ۽ واکاڻ ڪري، سنسار جا سک ماڻيندا

منش کي سڀني سموڻي جيوت گهارڻ گهرجي. ساڌو ۽ سمت آيس. اڄوڳ ۽ پاپ ڪرم جي پيشي کي الوداع ڪري، سادي سڌي جيوت گهارڻ لڳي ۽ رام رنگ ۾ رنگجي وئي.

هردي سان رام نام جپڻ ۾ اها آهي شڪتي! واهگرو نام جو اهو آهي پرتاپ!

سوامي رامداس چيو آهي: "سچي دل سان ايشور کي ياد ڪندو رهندين ته تنهنجو من پوتر ٿيندو. اهم ڀاونا توتي راڄ ڪين ڪندي. ايشور تنهنجي من جون واڳون وٺندو ۽ توکي سچ جي مارگ ڏانهن نيئي هلندو. تنهنجي من جي چڪتاڻ دور ٿي ويندي تنهنجا ڪاريه ساز سلوڪ سان سڀ ٿيندا. شانتيءَ، پراپتيءَ ۽ محبت جي سنسار ۾ گهاريندين."

هڪ ڌارمڪ اپديشڪ سري رامڪرشن پرمهنس کان پڇيو: "ايشور پراپت ڪرڻ لاءِ رڳو سندس "نام" ئي ڪافي آهي؟" گرو مهراج کيس چيو: "لاشڪ ايشور جو نام تاثير ڀريو آهي، پر پريم ڌاران اهو ڪافي ڪين آهي. هردي ۾ ايشور لاءِ تڙپ هئڻ گهرجي. ايشور جو نام جپڻ وقت پنهنجي من کي "ڪامني ۽ ڪنچن" ڏانهن ڇڪڻ ڇڏي ڏيو ته ان مان ڪهڙو لاڀ پراپت ٿيندو؟ رڳو جادو منتر پڙهڻ سان وڇونءَ جو ڏنگ ڇٽي ڪين سگهندو آهي، پر ڳاره جي سڪل ڇيڻي

سچي سک پيهي وڃي ٿي. مٿس جيوت ۾ رام جي راهه تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو. جنهن سان پريم پيهندو آهي ۽ راحت ۽ انهيءَ جي ونبي آهي.

٦- چنتا ويل سرڌا سان رام نام جپڻ سان چنتا منجهي سگهي ٿي. آهڙا ويل رام نام جپڻ سان آپيندا جو ذاڪر پرو ٿي سگهي ٿو.

اگر ڪي منهن ۾ وڃڻ، ستسنگ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ رام نام جپڻ سان گڏو گڏ اهو ۽ ضروري آهي ته انسان جي اندر ۾ اهڙا پاڪ هجي ته انسان ڪوشش رهندي ته سچ ۽ ايمانداريءَ جي جيوت گهارڻ، سڀني کي هڪ خالق جي خلق سمجهي سڀني خدمت ڪندا رهون، سڀني سان پريم پڙ وڪ ورتاءُ ڪريون، ڪنهن کي ڏکوئون ڪين، نيڪ ويچار ڪريون، نيڪ نيت ڌاريون، نيڪ وارتا هجي. نيڪ ڪرم هجن، نيڪ رهڻي هجي. ان ڪري ئي ستسنگ جو لاڀ ملندو ۽ رام نام جي شڪتيءَ، پرڀو سمرڻ جي شڪتيءَ جو احساس ٿيندو ۽ چمتڪار ڏسبو. باقي رڳو ٽلها اکر اچارڻ، سڪڻي پاٺ پوڄا ڪرڻ يا رڳو وڃي ستسنگ ۾ شرڪت ڪرڻ سان ٿئي پاڻ کي ٺڳڻو آهي، سنسار کي ٺڳڻو آهي، ايشور کي ٺڳڻو آهي.

شاهه صاحب چيو آهي:

”روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اُهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.“

رهندا هئون. اهڙا ماڻهو مندرن ۾ اچن، اهڙيءَ مراد سان وڃن ٿا."

اهو سمجهڻ غلط ويچار آهي ته ڪوڙ ڪپٽ مندر ۾ وڃڻ سان معاف ٿي ويندا. انهيءَ معاف ٿيڻ لاءِ سچو پڇتاءُ گهرجي؛ وري انهن ڪان پاسو ڪرڻ لاءِ پڪو پرڻ گهرجي.

باقي مندر ۾ وڃڻ، ستسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ۾ شريڪ ٿيڻ سان هي لاڀ پراپت ٿي سگهن ٿا:

١- ستسنگ جون اُهي چار گهڙيون منش سنساري پرپنچ کان پري ٿو رهي؛ اهو سمو ستي سنگ ۾ ٿو گذاري.

٢- منش جو من ڪن وقتن لاءِ اثر پذير (Receptive Mood) ٿي پوندو آهي؛ اُپديش جا اکر هو جهٽي وٺندو آهي. اهي اندر ۾ گهڙي ويندا اٿس. ان بعد انهن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري سگهندو.

٣- ستسنگ ۾ منش آهستي آهستي آتمڪ سُوجهي اُتپن ڪري، ڪيس آتمڪ راهه ۾ اڳتي؛ اڳتي وڌڻ ۾ اُتساهت ڪري سگهي ٿو.

٤- ستسنگ ۾ ڏاڍي اُپديش ٻڌي ٻڌي، آهستي آهستي پنهنجي اوگڻن تي جيت پائي گڻوان ٿي سگهندو.

٥- رام نام جي مهما ٻڌي ٻڌي، منش جو رام سان سچو ابهياس لڳي سگهي ٿو. هڪ واري سچو پريم،

کو خيرائتي دواخانو کولڻ جو ويچار اُڀرڻ لڳس ۽ بيمارن لاءِ ڪنهن نموني سهائتا ڏيڻ لاءِ ڪي سهوليتون ڏيڻ جون رٿون سجهي اچنس.

بيماريءَ جي بستري تي ويٺي منش اندر ۾ جهاتي پائي ٿو، ۽ انسان روح رهاڻ ڪري ٿو، اُورون اوري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن وقت ڏکيا هوندائين، انياءُ ڪيو هوندائين، ڪا غلطي ڪئي هوندائين ته اهي ڳالهيون ياد اچي پونديس. بيماريءَ ۾ همدرد ۽ نرمل ۽ ڪومل هئڻ ڪري، پنهنجون پشتانيون، اوگڻن کان آجو ٿيڻ جي پاولا پر پڻ ٿي سگهي ٿي. پوءِ جڏهن ڪي ڏکيو هوندائين، تن کان شايد پشتانيءَ جو ويچار اچيس. جن ڪڏهن پڻ ڪيس ڏکيو هوندو، وير وروڌ کي ترڪ ڪري ۽ ڏکوئيندڙ کي از خود معاف ڪري ڇڏي.

اچا شڪتي پرول هوندس ته ڪشٽ، ڪشٽ ٿي پاڻ ۾ ٿي ڪين ايندس. دلهريءَ سان ڀوڳنائن کي منهن ڏيندو، پيو مهڪندو ۽ مرڪندو. تسلي هوندس ته تڪليف سندس سرير ڀوڳي رهيو هو. باقي سندس آتما آنند هو. سري رامڪرشن پرمهنس جڏهن سخت بيمار ٿيو هو، تڏهن چيو هئائون. ”الوڪڪ ماتا هيءَ بيماري انلاءِ ڏني اٿم، جيئن سکيا مليم ته سرير جي ڪيتري پيڙا هوندي آهي. آتما جو ڪيئن ويچار ڪجي ۽ ايشور جي چيتنا ۾ ڪيئن گهارجي. مڪتي سرير

بيماري به نعمت ٿي سگهي ٿي!

هرڪو جيڪو ڪڏهن نه ڪڏهن سخت بيمار ٿيو هوندو چوندا آهن ته بيماري سراسر هڪ عذاب آهي. وقتي ته ڪافي ايذا سهڻي پوي ٿي، پر بيماري هڪ پرڪار جي نعمت به ٿي سگهي ٿي. اهو دارومدار رکي ٿو من جي لاڙي تي، اڇا شڪتيءَ تي، ويچار ڌارا تي.

منش جي من جو لاڙو مالڪ طرف هوندو ته بيماريءَ کي ايشور اڇا سمجهي، گهٻراهٽ ۾ ڪين اچي ويندو، اجايا سجايا خيال ڪين ويهي ڪندو، هراس وڪوڙي ڪين ويندس، سنتوش ۽ صبر سان سڀ سهن ڪندو. روزمره جي ڪمن ڪارن کان فارغ هئڻ ڪري بيماريءَ جي بستري تي پاڻ سائينءَ کي سمرڻ جو وڌيڪ وقت ملندس. ان کان سواءِ دل تي شايد ڏري اچيس ته ٻيا به انيڪ انسان عجيب قسم جون بيماريون ڀوڳين ٿا. انڪري ممڪن آهي ته هردو ڪومل ٿي ويس، دل پگهرجي پويس ۽ انهن بيمارن لاءِ همدرديءَ ڀري ڀاوَنا اٿڻ لڳنس ۽ ٿو چاهي ته هو بيمارن جي سيوا ٽهل ۾ ڪجهه سمو صرف ڪري. ٻيو سڀ وارو هوندو ته شايد پراڻن ڪارن جون ڳالهيون خيال ۾ اچنس ۽

”مبارڪ آهن اهي، جي ڀوڳنائون ٿا ڀوڳين، ڇو ته اهي ايشور جي اوڏو ٿا اچن.“

شاهه صاحب جن به سٽون دل تي لري الديس:

”پريان سندي پار جي مڙئو ئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکڻ جي چيٽ ڪري.“

ڊاڪٽر لئي اسچ Readers Digest ۾ هڪ ليک Turn your sickness into an asset ۾ لکيو آهي:

ڪانهه ڪون ٿورڪ هئين. پنهنجي سک ست اتاسي ڀاور هوءِ. خواب خيال ۾ به بيماري ڪانه هيس. اچانڪ اوچتو تپ ٿي پيئين. ڳوڏا سور ۾ ورتجي ويا، استري داخل وڃڻ ٿيئن. پنهنجي تقدير کي ڦٽڪار ڏيو وڃهڻ. روزمره جي ڪم ڪار ۾ رڪاوٽ پئجي وئي، تڏهن پنهنجي بيماري ڳپل لاڀ رسائي سگهي ٿي. استري ۾ مجبورن آرام دماغ کي چست ڪري سگهي ٿو. آتمڪ وچارن ڏانهن مائل ٿي سگهجي ٿو. ڪانه بيماري سمجهجي ته پنهنجي آتمڪ اُنتي ڪرڻ لاءِ مبارڪ موقعو آهي.“

نوجوان ڊاڪٽر ايڊون لونگس ٽروڊيو سلهه ۾ مبتلا ٿي پيو. ڪيس پهاڙن ڏانهن موڪليو ويو. سڀني ٿي سمجهيو ته هو اتي راهه رباني وٺي ويندو پر هو گذاري ڪونه ويو. بستري تي سمهڻي پئي ڪلپنا ۾ هڪ شاهي اسپتال جو درشن ڏسڻ ۾ آيس. ويچار آيس ته ان اسپتال ۾ پيا اهڙا بيمار صحتياب ٿي سگهندا.

اَليمت پيڙا ڏيندڙ سور ۾ ڇتي پڪ ڀوڳي رهيو آهي ۽ ڪري ڇونڪارو ملڻ انساني طاقت کان ٻاهر آهي ته، ۽ مالا ٻتائي رهي اٿم ته آتما ئي سرير جو مالڪ آهي. جڳت جنني ۽ مهاڀڳي سرير کي هيءَ بيماري انڪري ڏني آهي، جيئن ناستڪن کي اشڇو ٿئي ته، آتما الوڪ آهي ۽ ايشور چيتنا واستوڪ ڳالهه آهي.*

شاهه صاحب ته چيو آهي:

واڃ! م ٻڪي ڏي! اُلا ڇـگي م ٿيان!
سڄڻ مان اچي، ڪر لاهوءَ ني ڪڏهن.*

اي طبيب! تون مونکي دوا نه ڏي، ڏٺي ڪري ته تندرست نه ٿيان. مون اثين مهڀجو محبوب ڪڏهن ڏيٺهن سار لهڻ لاءِ پيهي اچي.

ويچار ڌارا سڪ درسي هوندي، آشاوادي هوندي ته سمجهندو ته جيڪي ٿئي ٿو، اُن ۾ ڪا ڀلائي هوندي. چنتا ۽ ڇـوُرا ڪـوُرا ڪين ڪندو. دل ڪانه لهي ويندس. مهن ني ملولتا غالب ڪين ٿيندس. دل ۾ چوندو ته هي ڏور به گذري ويندو. سوچيندو ته، بيماري آئي آهي، اُنکي ڦيرائي ته ڪو نه ٿو سگهان. جيترو وقت هلڻي هوندي، اوترو وقت اوس هلندي اهڙيءَ طرح ان کي سنتوش سان سويڪار ڪندو. ياد ايندس. جيسو ڪرسٽ جون ٻه سٽون:

Blessed are those, who suffer ;
Becaure they come nearer God.

بيماري به هڪ تجربو آهي، جنهن ۾ بدل سدل اچي سگهي ٿي. ڪيئن؟ هڪ واءِ هٿ هٿ کان فارغ ٿجي ٿو ته جوابداري طرف وانگر ڦري ٿي وڃي. ٻاران کان ٿي پڪڙي پوي. ٻارن جي ڪلپنا ڪرڻي ڪين ٿي پوي. گهڙيال کي چابي ڏيڻ جو اوکو نه ٿو ڪرڻو پوي. اندر ۾ جهاتي پائي سگهجي ٿي. ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. شايد پهريون ئي پيرو پنهنجي ماضيءَ ۽ مستقبل بابت ٺهر سان ويچار ڪري سگهجي ٿو. اڳ ۾ جي ڳالهيون صحيح ٿي سمجهيون ويون، سي شايد غلط سمجهه ۾ اچن. اهڙيءَ ريت بيماري جيوت کي صحيح نگاهه سان ڏسي سگهڻ لاءِ موقعو ڏئي سگهي ٿي.

بيماري انسان مان واهياتپڻو ڪڍي سگهي ٿي، ٻهڪائي ۽ نمرتا آڻي سگهي ٿي. اوک ٻوک ڪري سگهجي ٿي، پنهنجي اوڻاين اسڪاتائن ڏانهن نظر ڦيرائي سگهجي ٿي ۽ پنهنجي زندگي ذاتيءَ، نوڪريءَ، شاديءَ ۽ سماجڪ ناتن ۾ ڪيل ڀلون ياد اچي سگهن ٿيون. نمونيا ۽ ٻين جي لپ ڪيترن شرابين، جوڙن، ڪوڙ ڳالهائيندڙن ۽ پنهنجين پتنين کي مار ڏيندڙن کي سڌاري ڇڏيو آهي. سخت بيماريءَ جا موت جي ٻنڌي لڳي وڃي ٿي ٻهڪائي، سا وقتي مبارڪ ٿي ٿئي. ان حالت ۾ ڪي ماڻهو پنهنجي آتما، ايشور ۽

آهستي آهستي ٺيڪ ٿيندو ويو. صفا ڏهن ٻارهن ڏينهن بعد پيسا ڪٺا ڪيائين. راتو ڏينهن لڳاتار محنت ڪري سارانڪ (نيو يارڪ اسٽيٽ) ۾ صحت گهر ٺهرايائين. هزارين سلهه جا بيمار ان صحت گهر مان شفاياب ٿي نڪتا آهن. ٽروڊو هڪ رواجي ۽ نامعلوم ڊاڪٽر هو، پر سندس بيماريءَ کيس دنيا ۾ مشهور ڊاڪٽر بڻائي ڇڏيو ۽ هزارين بيمار سندس صحت گهر دوارا شفا پراپت ڪري کيس آسيسون ڪري رهيا آهن.

هڪ نوجوان پندرهن ڏينهن اسپتال ۾ رهيو. اڪيلائي ۾ هئڻ ڪري سندس اندر ۾ ويچار آيو ته ڪيمسٽريءَ جي وشيه ۾ کوجنا ڪريان. هوائين ته هو دوائن جي وڪري ڪرڻ ۾ ئي مشغول رهندو هو. پوءِ کوجنا جي ڪارڻ ۾ حيرت انگيز سڦلتا پراپت ڪيائين.

ڪيترن بيماريءَ جي بستري تي دوستيءَ جي سچي معنيٰ جو احساس ڪيو آهي. اڄ ڪلهه جي جيون جي گهٻراهٽ پيدا ڪندڙ مسئلن جو حل ڳولهي لڌو اٿائون.

نوجوان اولهل ناٽڪ لوئس ٢٥ ورهين جي عمر تائين جيوت ۾ ڪنهن به مقصد ڌاران پيو ڀاڪوڙا هڻندو هو. اڃا سخت بيمار ٿيو. مڪمل آرام مليس. جيوت جا اڻيڪ تجربا هڪ ٻئي پٺيان سندس دماغ ۾ ڦرڻ لڳا. اسپتال ۾ بيماريءَ جي بستري تي سندو ناٽڪ رچيائين ۽ پوءِ ناٽڪ لکندو ئي رهيو.

عرصي ۾ جي سپاهي لهڻ ٿا، سوچ ويچار ڪرڻ ٿا، سڀ سرير ۾ طاقت اچڻ کانپوءِ عمل ۾ آڻڻ لاءِ رٿائون تيار ڪرڻ ٿيون. بيماريءَ کان صفا آجي ٿيڻ بعد انهن تي عمل ڪجي ٿو. ايڪاگرتا اٿاهه ٿي وڃي ٿي. اچرج ۾ پئجي وڃجي ٿو ته ڏکين مسئلن جو حل ڪيئن ٿو سمجهي اچي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته آتم رکشا جي اندروني سُجهي چست ٿئي ٿي ۽ غير ضروري ڳالهيون غائب ٿي وڃن ٿيون.

فلورينس نائٽنگل چڱي بيمار هئڻ ڪري استري تان اٿي ڪين ٿي سگهي، ۽ اتان انگلينڊ جون اسپتالون نئين سر انتظام ۾ آنديون.

بيماريءَ ۾ وقتي ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ بيمار وقتي چڙاڪ ٿي پوندو آهي. خاص ڳالهه تي گوڙ ها ڪري ايندس. اهڙيءَ حالت ۾ به بيماريءَ مان لاڀ وٺي سگهجي ٿو. پستڪ وٺي پڙهجن. انهن نوان ويچار ايندا. بيمار سرير جي هروڀرو اها معنيٰ نه آهي ته بيمار من.

جي توهان ڪڏهن ۽ بيمار ڪونه پيا آهيو، ڪڏهن هڪ ڏينهن به استري داخل ڪونه ٿيا آهيو ته پوءِ ته، ڪهڙي ڳالهه کان ڇڙو محروم رهجي ويا آهيو! جڏهن لنگهجو وارو اچي، تڏهن گهٻرائجي ڪين وڃجي.

پنهنجو جيون ڪارج ڳولهي ٿا لهن.

بيماريءَ ۾ وقت سوچڻ اچي ٿي ۽ منش جو پرالبڌ الپدم آتمڪ شڪتيءَ سان ڳنڍيل آهي.

درد ۽ الم جي آتمڪ سوجهي، هوش، حوصلو ۽ معاف ڪرڻ جي ڀاونا ڏانهن نيئي ٿو هلي. شانتي ۽ سالتيڪائيءَ جو گڻ پيدا ٿو ڪري. ڀوڳنا صاف ڪندڙ آگ مثل آهي، جا نيچپڻي، هلڪڙائيءَ ۽ بي آراميءَ کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏي. ملٽن چيو آهي ته، ”جو بهتر نموني ڀوڳنا ڀوڳي ٿو، سو بهترين ڳاڇيون ڪري سگهندو.“ ان جي تصديق ان مان ملي ٿي جو سورداس ٿيڻ کانپوءِ ملٽن Paradise Lost پئراڊائيس لاسٽ رچيو.

سينٽ اگنيشن پمپلونا ۾ گهايل نه ٿئي ها ۽ ڪيترن مهينن لاءِ بستري داخل ڪين ٿئي ها (جتي ڪيس رکيو سنتن جي جيونين جا پستڪ پڙهڻ لاءِ ملي سگهيا) ته هو سولجر جي جيون ۾ ئي گذاري وڃي ها ۽ نه سنت جي جيون ۾ ۽ اعلي ”جيزس آرڊر“ جو هن اڏ پيا ڪيو، جنهن گذريل چار صديون لاپڊايڪ ڪارج پئي ڪيو آهي، ته هن کان سنسار محروم رهجي وڃي ها.

بيماريءَ ۾ پرسڌ ٿئي ٿو ته بيمار جي ڪلپنا هوڻ کان وڌيڪ سرگرم آهي. رواجي رات جي رڪاوٽون ڏسڻ ۾ ايندون آهن، تنهن کان آجو آهي. بيماريءَ جي

مرڻ بعد ڇا ؟

مرڻ بعد ڇا ٿيو ٿئي؟ جيڪي راهه رباني وٺي وڃن ٿا، تن جي اهڙي کهڙي ٿي ٿئي؟ هو ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ سندن رنگ، روپ کهڙو ٿيو ٿئي؟ سندن شڪل شبيهه کهڙي ٿي ٿئي؟ اهي سوال دلچسپ آهن. اهو هرڪو ڄاڻڻ چاهيندو آهي. شاهه صاحب چيو آهي:

"هتي جو هت، ڪنهن ڏٺو ڪو نه، جواب."

مرڻ سان سڀڪجهه ناس ٿئي ٿو، اهو اسين اڪثر ٻڌندا رهيا آهيون. عام رواج چيو ويندو آهي ته مرڻ بعد جيءُ هن لوڪ مان پرلوڪ وڃي ٿو. چوندا آهيون ته، فلاڻو پرلوڪ پڌاري ويو. ڪي چوندا آهن ته، مرڻ کان پوءِ جيءُ ايشور جي گود ۾ وڃي وسرام وٺي ٿو، جوتي جوت سمائجي وڃي ٿو. ڪي وري چوندا آهن ته پنهنجي پاپن ثوابن انوسار نرڳ يا سرڳ ۾ وڃي ٿو. تلسيداس چيو آهي:

"نرڳ سرڳ جي ڪير ٿو ڄاڻي؟ آهي عجب اسرار سمورو."

مري وڃڻ لاءِ عام طرح اسين چوندا آهيون "سرڳواسي" ٿي ويو.

ڪي. ايم. پارگوا هڪ ننڍڙي چوپڙي ان وشيه تي لکي آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو: "جيءُ

پاڻ کي ياد ڏيار ته درد ۽ پيڙا ٽوڪي کي اهڙيون ڳالهيون سيکاري سگهن ٿا، جي شايد هونءَ ٽون سکي ڪين سگهين ها. ممڪن آهي ته، تنهنجي جيون ۾ ڦلدائڪ ڦيرو آڻي ڇڏي. ٽون جيڪڏهن پنهنجي بيماريءَ کي اڪل آشيرواد سمجهندين ته، ٽوکي ۽ تنهنجي مائٽن کي سنتوش ٿيندو، ٽون اُن مان گهٽ ۾ گهٽ لاڀ وٺي سگهندين ۽ اُئين بيماريءَ کي غنيمت بڻائي سگهندين!

سرير جي تلاش ۾ چڪر لڳائي ٿو ۽ سرير کي پراپت
نہ ڪري ڏاڍو دکي ٿو ٿئي ۽ وري سرير ملڻ لاءِ
پرماتما کي ھار ھار پرارٿنا ٿو ڪري.

ايشور کيس ياد ڏياري ٿو: "ھي جيوَ! تون منھنجي
آتم سروپ جو ھڪ ڀاڱو آھين. ھن آتما جو نہ ڪڏھن
جنم ٿئي ٿو ۽ نہ وري مرڻ ٿو ٿئي. سنساري واسنائن
۽ چاھنائن سان موھہ تياڳ ڪر."

جيوُ جي مرڻ وقت ديھہ تياڳڻ جي آستان سي
جيڪڏھن سندس سنبنڌي روج راڙي بدران ڏاڍوڪ
پستڪن جو پاٺ ڪن ۽ گيان جون ڳالھيون ڪن تہ
ممڪن آھي تہ سرير ڇڏيندڙ جيوُ. جو مرڻ جي آستان
کي پھچي سرير ۾ واپس ورڻ لاءِ يتن ڪندو رھي
ٿو، تنھن تي گيان جي ڳالھين جو اثر ٿئي، سنساري
چاھنائون ۽ واسنائون تياڳ ڪري، وري سرير ۾ واپس
ورڻ جا وچار ترڪ ڪري ڇڏي.

جيڪڏھن ھو موھہ کي ترڪ نہ ٿو ڪري تہ جنم
مرڻ جي چڪر ۾ ھلندو رھي ٿو؛ پر جيڪڏھن ھو
سنسار جي موھہ کي ڇڏي، من کي ايڪاگر ڪري ٿو
تہ ھنجو نواس اُن ڌام ۾ ٿئي ٿو، جتي دک درد جو
نالو نيشان نہ ڪين آھي، جتي اکنڊ آنند آھي، جتي
سورج چندرما جي روشني بہ ڪا نہ آھي. جتي سدائين
آنند ئي آنند آھي. وري سنسار ۾ جنم مرڻ جي ڦيري

جڏهن شرير کان الڳ ٿئي ٿو، تڏهن به ڪيس پنهنجي شرير ۾ واپس وڃي، پنهنجي واسنائن جي پورائي ڪرڻ جي چاهنا قائم رهي ٿي. جيئن شرير ۾ واپس ورڻ لاءِ يتن ڪري ٿو، پر اسڦل ٿئي ٿو. ان وقت ڪيس اِ-ڳالهيون دکي ڪيون ڪن: هڪڙو پنهنجون واسنائون پوريون ڪرڻ لاءِ شرير ۾ واپس گهڙڻ جي ڪوشش ۾ ناڪاميابي؛ ٻيو سندس مٿن مائٽن جو روڄ راڙو. اهو ٻئي ڪيس شرير ۾ واپس ورڻ جي چاهنا تهائين زور ڪري ٿي؛ جڏهن شرير کي آرٿيءَ ۾ ٻڌي، شمشان ڀومي ۾ ڏانهن کڻي ٿا وڃن. تڏهن به جيو شرير ۾ پرويش ڪرڻ جي چنتا ڪندو رهي ٿو. پنهنجي آرٿيءَ سان گڏ شمشان ڏانهن هلي ٿو. جڏهن ڏسي ٿو ته، مرتڪ شرير کي جلائي بلڪل ناس ڪيو ويو، تڏهن هو گهور دک ۾ دکي ٿو ٿئي. پنهنجي ڪٽنبين ۽ پريمي مترن تي ڪروڌ ڪري ٿو ته هنن ٿوري وقت لاءِ به منهنجي شرير جي سنڀال ڪانه ڪئي ۽ مونکي شرير واپس ملڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ سمو ڪين ڏنو. هو سمجهي ٿو ته سندس شرير کي ڪجهه وقت سانڍيو وڃي ها ته پڪ ئي پڪ آءٌ ان ۾ واپس وري ها. ان بعد هو ڀرم جي وس اچي وڃي ٿو ۽ پاڻکي آٿت ٿو ڏئي ته، ڪنهن ٻئي شرير کي ناس ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت جيو سنتشٽ ٿو ٿئي. شرير ڇڏڻ واري آتما جي آسپاس

انجيل ۾ ڇا لکيل آهي؟

اسانجي مري وڃڻ جي کهڙي حالت ٿي ٿئي؟ انجيل ۾ هڪ سهڻي سٽ آهي: ”هو جو لذت لــــي پــراجمان آهي، سو پنهنجي ڇتر ڇاپا الهن مٿان ڏري ٿو.“ وڌيڪ لکيل آهي: ”هو وڌيڪ بکــ، کين کيندا، نه ئي وڌيڪ اڃايل رهندا، نه ئي سوره جا کرڻا مٿن پوندا. ڪرسيءَ جو لذت ئي ويٺو هوندو، سو سندن رهنما ٿيندو؛ کين ڪاڻو ڪارائيندو؛ کين پاڻي جي زنده چشمن ڏانهن نيئي ويندو؛ ۽ ــر ماڻما سندن اکين جا ڳوڙها اگهي ڇڏيندو.“

شيڪسپيئر مڙو وکيان جي ماهــر هڪ سٽ ۾ چيو آهي: ”اگر ديس، جنهنجي سيما تان ڪو بہ پانري واپس نٿو وري.“

گيتا پڙو چين ۾ سنت ونوبا ڀاوي لکيو آهي: گيتا جي الين اڌيائن ۾ هيءُ سڌانت پڌايو ويو آهي ته جي وچار مرڻ وقت ڀلوان رهن ٿا، سي ئي اڳئين جنم ۾ طاقتور ثابت ٿين ٿا. اهو سمر ڪڻي پانرا لاءِ نکرجي ٿو. اڄ ڏينهن جي ڪمائي ڪڻي ننڊ ڪانپوءِ اسين ٻئي ڏينهن سڀاڻي شروع ڪريون. اهڙيءَ ريت هن جنم ۾ جيڪا پڇاڙي آهي؛ اهائي ٻئي جنم جي شروعات آهي.

موت ڪهڙو هڪ ليلا آهي، جڏهن سوکيم سرير

کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. انهيءَ ڌام ۾ پهچڻ جو نالو موکش آهي. مڪتي، پرم ڌام، موکش، نروان، پرم پد جي پراپتي، اهي سڀ اُن جا نالا آهن. انهيءَ پرم آتم ڌن جي پراپتي ۾ سنسار جا وڏي ۾ وڏا پدارٿ هڪ ڪک برابر آهن.

گيتا ۾ اُن ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته ماڻهو ديهي پراپت ڪري، اُنکان ڪارائتو ڪم وٺڻ گهرجي. من کي صاف ڪري آتما جي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪجي، جيئن مرڻ بعد جيو آتم-سروپ ۾ قائم رهي. سرير جو تياڳ ڪري، ان بعد اکنڊ آتم جوتيءَ ۾ سمائجي پرم ڌام کي پراپت ڪري، جنم-مرڻ جي چڪر کان آجو ٿئي، مڪتي ۽ پرم آنند سروپ کي هميشه لاءِ پراپت ڪري، ۽ دک روپي سنسار کان الڳ ٿئي.

جيڪو منش انهيءَ اُتم راهه جو سهارو وٺي، سرير ڇڏڻ لاءِ تيار رهي ٿو، اهو آخرين گهڙيءَ سمي سنسار کان جدا ٿي اکنڊ آنند جوتيءَ ۾ رمڻ ڪري ٿو ۽ موت جي گهڙيءَ کي پرم آنند جو موقعو ڄاڻي، موت جي خوشيءَ سان مرحبا ڪري ٿو.

انهيءَ جي اُبتڙ جو منش پنهنجي من کي سنسار جي چڪر ۾ رکي ٿو، اندرين جي سواد ۽ سنسارڪ عيش عشرتن کي ڇڏي نٿو سگهي ته اُنکي موت جي وقت سخت پڇتائڻ کانسواءِ ڪجهه به هٿ ڪين ٿو اچي.

واهڻ لئي سوار ٿي، مري ويلن جي ڏيهه ۾ پرويش ڪري ٿو، ۽ اُتي داڙو ڪري ٿو، جيستائين وري ڪيس هن سنسار ۾ سڏ ٿئي. پوءِ اُتي ڪنهن منش يا پسوءَ جي سرير ۾ واسو ڪري ٿو. جدا جدا اوستائن مان لنگهي، جڏهن اهو ڪافي پورو ٿئي ٿو، تڏهن ديوتائن جي لوڪ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ انادي آتما ڏانهن واپس وري ٿو، جتان پهرين نڪتو هو.

آمريڪا ۾ هڪ استري نيميلون گذاري وئي. ڪجهه ڪلاڪن بعد سندس سرير ۾ وري اچي ساهه پيو. ان ٿوري عرصي ۾ هن کي جيڪي ڪجهه احساس ٿيو، تنهن جو هن ورنن ڪيو آهي. وڪيانين مشين رستي اسلي ڪئي ته هوءَ جيڪي ڪجهه ڳالهائي رهي هئي، سو سندس اندر مان ٿي نڪتو ۽ سڀ ڳالهائي رهي هئي ۽ گشا ڪونه هٽي رهي هئي.

هن ٻڌايو: ”پنج ڏينهن سخت بخار جي پيڙا سٺم، پوءِ مغز ۾ ٿڪاءُ ٿيو ۽ اکين اڳيان پوائتا درشيه، نظر اچڻ لڳم. سمجهم ته ڪوپري ڦاٽي رهي هئي. ڪجهه وقت سخت پيڙا ڏٺم. اَچاڪ پيڙا بند ٿي وئي ۽ احساس ڪيم ته سيتلتا اچي وئي هئم. هلڪائي ۽ تازگي سمجهڻ لڳس. چوگرد چوڌار وڻندڙ نظارا، آنند ڏيندڙ درشيه ڏسڻ ۾ آيم. من کي موج ۾ آڻيندڙ وڻڪار ۽ سبز چراگاهن مان لنگهي رهي هئس ۽ سرير

پنهنجي جسماني ساگري ڇنڊي، پنهنجي اظهار ۽ نئين نرماڻ لاءِ نئون ڪيٽر ٿو لهي.

موت سمي سوڪشم سرير اِسٿول سرير کان الڳ ٿو ٿئي ۽ ترتيب وار ڏسبو ته مرڻڪ سرير لاشڪ ساڳيءَ حالت ۾ ٿي ٿو رهي، پر اُن ڪي اندري گيان، دماغي شڪتي، مانسڪ ٻڌي ڪانه ٿي رهي، جا اڳ ڪيس هئي. اهي سڀ ڳالهيون سوڪشم سرير جا جزا هئا ۽ اسٿول سرير انهن ڌاران مرڻڪ سرير سڏيو ٿو وڃي.

موت وقت سوڪشم سرير پنهنجون سڀ شڪتيون ڪٺيون ڪرڻ ٿو شروع ڪري. جيئن وايو گلن ڦلن وٽان لنگهندي، اُنهن جي سُڳند ۽ سرهاڻ به پاڻ سان کڻندي آهي تيئن سوڪشم سرير به جڏهن ٻاهر نڪري ٿو ته پاڻ سان اندريون، من ۽ ٻڌي کڻي ٿو هلي، نه اسٿول روپ ۾ پر جيئون ۾ جيڪي انهن احساس ڪيو، وچار ڪيو، تنهن جي ڪيول "سُڳند" جي روپ ۾.

يونان ۾ سنگيت جي اُستاد اورفيس چيو آهي: "سرير ۾ جيوُ آتما، ڪمري ۾ قيديءَ وانگر ٻانڌي آهي. سرير جي مرڻ بعد جيو آتما ڪجهه عرصي لاءِ مڪت ٿو ٿئي، پر جلد ئي نئين سرير ۾ نواس ڪري ٿو."

پٿاگورس حسابي وديا جي ماهر چيو آهي: "مرڻ بعد سڀني سرير جي زنجيرن کان آجو ٿئي، سوڪشم

منجهيل مسئلي جو حل

انسان جڏهن الجهن ۾ اچي ويندو آهي، ڪو مسئلو منهن ڪيو اٿس، ڪنهن مونجهاري ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، ڪا مشڪلات در پيش اچي ويندي اٿس، يا چنتا ۽ ڪوڙي ويندي اٿس. مايوس ملول ٿي ويندو آهي. نراسائيءَ ناأميديءَ جي گهيري ۾ گهلجي ويندو آهي. ڪنهن به ڳالهه مان رس چس ڪين ايندو اٿس. پنهنجي زندگي زهر ٻاٽيندو آهي. پاڻکي اهڙو ڏکي سمجهندو آهي.

اهڙي وقت مڙس حقيقت شناس ٿئي ته هوند احساس ٿئيس ته سنسار ۾ سدائين سکي سنئين جيون نه ڪا به گذاري سگهي، سدائين سک سمپتي نه ساٿي ڪونه هوندا؛ ضرور ڪنهن نه ڪنهن ويل مسئلا به پرگهٽ ٿيندا، ڏک به ايندا. ڏک سک ته سرشٽيءَ جو اٽل نيم آهي. شاهه صاحب ڪين چيو آهي:

"ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري!"

ٻئي هنڌ چيو اٿس:

سکن ٿيءَ م سري، پسي ڏک م ڏر!

يعني سکن ۾ سرهي نه ٿيءُ، نه ڪي ڏکن کان ڏر.

هڪ ڪويءَ چيو آهي:

ساڻ ڪين پئي سمجهان، پر ڪا وسنڌُ مرڻواري ساڻ هئم.
احساس ٿيم ته سرير پنهنجي رهجي ويو ۽ منهنجي مرڻ
ٿيو آهي. مون جيئڻ تي چاهيو، الڪري موت سان
جهيڙو مقابلو ڪري رهي هئس. آخر ۾ شانتيءَ جي
اوستائيءَ ۾ مان، جيون جي دک درد ڀريءَ حالت ڏانهن
موٽڻ لاءِ خواهان هئس. اوچتو وري پاڻ کي سنسار ۾
ڏٺم، مٽن مائٽن جي وچ ۾. پرلوڪ ڏانهن ويندي
واٽ کان موٽي آئس، وقت ايلا آهي.

ٿيندي يا نه وغيره. پوءِ نه اڄ جي جيون مان رس چس نڪري ويندي.

آئينده ۾ نه ڄاڻا ڇا ٿئي، تنهنجي ڳڻتي ڪهي ڏکه ڏکه مٿان ڏکه پرائڻو. اڄ، اڄ لاءِ بس آهي. آئينده جون ڳالهيون جي شايد ڪڏهن ٿين به نه، تنهنڪري خوشي ڇو ڏي ڏکه ڪرڻ اجائي ۽ بيهودي ڳالهه چئجي:

اهڙيءَ حالت ۾ منش جيڪڏهن ورتمان ۾ رهي ۽ آئينده جو اونو ايشور کي سونپي ڇڏي ته هوند الجهن ۾ ئي ڪين اٽڪي. اهو منش لاءِ نيڪ ڪين آهي ته آئينده بابت ويهي اجايا سجايا ويچار ڪري؛ هن کي ورتمان ۾ نيڪ راسته هلڻ جو يتن ڪري ۽ ايشور تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ته آئينده بابت سندس لاءِ رٿون سوچي.

اڄ جيڪڏهن مزاج ڀلو آهي ته سڀاڻي جي چنتا ڇا لاءِ ويهي ڪجي؟ آئينده جو اونو ڇو ڪين پنهنجي پروردگار تي ڇڏي ڏجي؟

حياتيءَ جو انيڪ دم ٿي منش جي همت ۾ ڪونه آهي، پوءِ آئينده جو اونو ڇا لاءِ ڪجي يا آئينده جي رٿن تي ويچار ڪري، پاڻ کي ويهي ڏکي ڇو ڪجي؟ اسان کي اها به سڌ ڪانه آهي ته هن منٽ کان پوءِ ڇا ٿيندو ۽ اللهجي ڀران ڀڪئيڙو اندر ۾ هوندو يا نه، ته پوءِ ڇا لاءِ آئينده جا خيال ڪري ورتمان

"سک کي کليئان، دک کي کائي"

يعني سکن جون مکڙيون، دکن جا ڪنڊا آهن.
مطلب ته سک سان دک به گڏيل پيو آهي. جهڙيءَ رات جي انڌاري پٺيان صبوح جو سوجهرو اچي ٿو، تيئن دکن پٺيان سک به اوس اچن ٿا؛ وري سک به سدائين اسانجو ساٿ ڪين ٿا ڏين. شاهه صاحب چيو آهي:

"سدا ساوڻ ڏينهڙا. هئن نه هونداءِ."

سائين بيوس چيو آهي:

"نت نه ساوڻ مينهن وسندا، نت نه هيءَ برسات آهه؛
نت نه باغن ۾ بهاري، نت نه بلبل رات آهه،
نت نه شادين شاديانا، نت نه جمشيدي جشن،
نيٺ چانڊوڪيءَ پٺيان اچڻي انڌاري رات آهه!"

اهو نشچو ٿي وڃي ته دک سک لاي الاي. هار جيت، شادي غمي منش جي جيوت سان گڏيل ئي پيا آهن، ۽ اهو احساس ڪرڻ ته هوند دک ۽ الجهن ويل چنتا ۾ پئجي ڪين وڃون ۽ سدائين سنتوش ۽ شانتيءَ جو اسانجي اندر ۾ واسو هجي.

ڪي وري آئينده جي ڪلپنڪ مسئلن تي وڏي اجايا سجايا ويچار ڪندا آهن. ٻپ وانڱهي ويندا والن ته آئينده ۾ الاجي ڇا ٿيندو. الاجي نوڪري قائم رهندي يا نه، الاجي ڏاڍو وڌندو يا نه، صحت سالم؟

ڪنهن کي به نه. پر اهو ڪين وسارڻ الي هر هڪ مري
ويل آهي ۽ تون زنده آهين. ان ڪري جارج! تون
دک ڪين ڪر، جيڪڏهن توکي مسئلا آهن. مسئلا
جيوت جا اهڃاڻ آهن. اهي ثابت ٿا ڪن ته تون مري
ڪين ويو آهين، زنده آهين. خوش ٿي ته توکي
مسئلا آهن. اُنلاء تورا مڃ مالڪ جا، جو توکي سگهه
سمت ميسر آهي. تون اوس پنهنجن مسئلن کي منهن
ڏئي سگهندين. مالڪ توکي ضرور واهر ڪندو. تون
هن ڏاهن لڙ. اها پاولا ڏارڻ سان اُداسائي ۽ مايوسي
پري ٿي ويندي. جيئن ٿي اسان پري پاولا ڏارهندين،
ليئن ٿي تنهنجا مسئلا، مسئلا ٿي ڪين رهندا. مضبوط
دل وارا مسئلن کان ڏڪارهندا ڪين آهن، حقيقت ۾
هو اُنهنجي آجيان ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن ته
مسئلا من لاء ائين آهن، جيئن سرير جي مشڪن لاء
ورزش. مسئلا جيوت کي منهن ڏيڻ لاء منش کي بهتر
بڻائين ٿا."

جنرل موٽرس جو مالڪ ڪيٽونگ پنهنجي ملازمن
کي چوندو هو: "مسئلا اُتي ۽ وڪاس جي ڪنجي
آهن. توهين مشڪلاتن ٿي موت وت ڪٽي اچو.
سٺو سماچار پاڻ مونکي اچي ڪري ڇڏيندو آهي."

مسئلن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڪري پاڻ سان
طاقتور ٿجي ٿو. سمورو دارومدار آهي ته ڪهڙي ڀاؤ

۾ ڪا ٻاڻ ڪي ڏکي ڪجهي؟ اسان جي وس ۾ آهي صرف صحيح رٿ ڪوشش ڪندو رهڻ.

موجوده جا مسئلا حيران پريشان ڪن ٿا. ان ويل دل هارڻ سان ڳالهڪي وڌيڪ ٿيندي ۽ ڏکي ٿي ڪجهي. همت ۽ وشواس سان اُنهن کي منهن ڏيو ته ڪو نه ڪو حل نڪري ايندو.

نارمن ونسينٽ پيل، آمريڪن پادريءَ پنهنجي پستڪ The Tough Minded Optimist ۾ لکيو آهي ته ڪيس سندس هڪ مترجارج گڏيو. ڏاڍو اُداس ۽ ڏکي هو. جارج چيس: ”نارمن، منهنجن مسئلن کان ڇوٽڪارو ڏيڻ ۾ مونکي واهر ڪري سگهين ٿو. هڪ هزار ڊالر توکي ڏيندس.“ نارمن وراڻيس: ”اهڙي آڇ ضرور سويڪار ڪندس ۽ توکي مدد ڪندس. گهٽ ۾ گهٽ ويچار دواران ته توکي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته هڪ هنڌ وڃڻ ٿيم. هتان کان گهڻو پري ڪين. اُتي هڪ لک ڇٽا هئا، پر ڪنهنکي به ڪو مسئلو ڪو نه هو.“

جارج جي اکين ۾ آشا ڀڙڪڻ لڳي. پڇائين: ”ٻڌائيم ته، اهو ڪهڙو هنڌ آهي؟ مان ته جيڪر اُتي وڃي رهان.“

نارمن ٻڌايس: ”جاڻڻ تو چاهين ٿو ته ٻڌ. اهو هنڌ آهي پرسان وارو قبرستان. اُتي ته مسئلا آهن ئي

اُدارتا ۽ پريم ڀاوَ وچار ڪرڻ لڳو. پوءِ شڪرانا ڏيڻ لاءِ سالت پڙهي پرارٿنا ڪيائين.

هن جي من جي وچارن ۾ سيتلتا اچي وئي. من شانت ٿي ويس. سڀ ڀو وسرام ۾ اچي ويس. اَچانڪ هڪ ماڻهوءَ سان گڏجڻ جو وچار آيس. جڏهن ماڻهوءَ جو ناالو دل تي تري آيس، تڏهن ۽ سندس مسئلي جي وچ ۾ ڪوبه سمبند ڪونه هو، نه ته خيال جو آيس، ان ڪري اُن ماڻهوءَ وٽ ويو. ڳالهين ٻولهين ڪندي ان ماڻهوءَ کان سمت پڇي. ان سمت سندس من ۾ اُلساهه پيدا ڪيو. ان سمت ۾ هن ڏٺو پنهنجي مسئلي جو حل. هاڻ اهو واپاري، جڏهن به ڪو مسئلو مونجهائيس ته، ان مسئلي کي پاسيرو رکي، پرميشور ۾ من لڳائي ته، حل ملي وڃيس.

ايشور کي ڀاڱيدار بڻائڻ

اهو طريقو آهي ايشور کي ڀاڱيدار بڻائڻ يعني پنهنجي جيوت ايشور جي هٿن ۾ سونپڻ ۽ کيس اُلڪي هلائڻ لاءِ وينتي ڪرڻ.

هڪ ماڻهوءَ جو ڌنڌو ٺيڪ ڪونه هلڻ لڳو. پنهنجي مندر وٽ ويهي، پرارٿنا ڪيائين: "مالڪ! مان قبولان ٿو ته موجوده حالتن کي منهن ڏيڻ ڪونه ٿو سگهان. ڪي به لاڀدائڪ وچار ڪين ٿا اچن. ڌنڌو ٺيڪ ڪين ٿو هلي. نمرتا سان وينتي ٿو ڪريان ته، تون منهنجو

سان مسئلن ڏانهن نهارڻ تي، مسئلي بدران مسئلي بابت ڇا ٿو سمجهون. اِن کي وڏي اهميت آهي.

هڪ وڏي واپاريءَ کي ڪنهن مسئلي اهڙو ته اچي ٽنگ ڪيو جو پنهنجي من ۾ ان کي ڀاري ٻوجهو سمجهندو هو. ننڊ به ڪانه ايندي هئس. چيڙاڪ، ٿڪو ۽ ڀوسرانڊڙ ٿي پيو هو.

هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهيو هو. پنهنجي ماءُ جي فوٽو تي وڃي نظر پيس. هوءَ ڳوٺاڻي سادي سوڌي عورت هئي. ڏاڍو پيار ڪندو هوس ۽ عزت ڏيندو هوس. جيئن ئي ماءُ جي فوٽو ڏانهن نهاري رهيو هو، تيئن ئي هڪ سٽ دل تي تري آيس، جا اڪثر ڪري چوندي هئي: ”اچو ته مسئلا ٿوري سمي لاءِ پاسيرا رکي، پرڀوءِ پرماتما بابت ويچار ڪريون.“

هيءُ ويچار اندر ۾ گهڙي ويس. پنهنجي ميز تان سڀ ڪاغذ پٽ تي ڪري، خاني ۾ وجهي، خانو بند ڪري ڇڏيائين. پاڻ کي چيائين: ”هاڻ ميز صاف آهي ۽ گهڙيءَ پل لاءِ پنهنجن مسئلن کان منهن موڙيان ٿو.“ پوءِ خاني مان انجيل (Bible) ڪڍيائين. ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. پڙهڻ لڳو. اڌ ڪلاڪ پڙهندو رهيو. پوءِ پستڪ بند ڪري ماٺ ۾ ويهي رهيو. پرميشور بابت ويچارڻ لڳو. پرميشور جي حوالن، پلاڻن، دوراندېشيءَ

ليکڪ جا ٻيا پستڪ

	صفحا	قيمت
دل کر درخت جي دستور (ٻيو ڇاپو)	١٦٥	١-٥٠
سچ جي ڳولي (ٽيون ڇاپو)	١٤٦	١-٥٠
صحيح زندگي (ٻيو ڇاپو)	١٤٧	١-٥٠
گيتا (ٽيون ڇاپو)	٢٠٤	٢-٠٠
ايشور آهي (ٻيو ڇاپو)	١٥٣	١-٥٠
ايشور درشن	١٢٦	١-٥٠
ٻرهم وديا	٤٥	٠-٢٥

Out of print

امرت وچن سري رامڪرشن پرمهنس

امرت وچن سوامي وويڪانند

ايشور مشن جي جيون

ديش ڀڳت

اچل ٻرهم — امرت سماڻي

پتو — 30B/3 مهاتما گانڌي نگر

سونهري ڀشپا — چيمبور، بمبئي-٧٤

ڀاڳيدار ٿي ٿي. مان ته ڀاڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه توکي آڇي ڪين ٿو سگهان. جڏهن اُنهن ۾ اچي ويو آهيان، سا ڪرپا ڪري سمجهاءِ. سمجهه ۾ ٿي ڪين ٿو اچيم ته ڇا ڪريان. ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. واقعي ٿو ڪارڻم، تنهنجي ڀاڳيداريءَ کي آزمائڻ ٿو چاهيان. نه ته اُنتي رستي تي شايد هلندو وڃان."

نارمن کانئس پڇيو: "اهو سڀ تو پنهنجي ٻار لڌا ۾ ڇپيو؟"

"هائو، اهو سڀ ڇپيم. اکر به اکر: الف ب پ سڀ ڏا سان ڇپيم."

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

"ٻار لڌا ڪاپيون ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ڪجهه ڪين ٿيو. سمجهيم ته ايشور عرض ڪين اُٻايو. ٻاهر نڪري واپس ٻنڌ ڪرڻ. ميل ڪن ٻند ڪيم. آفيس ڏانهن موٽڻ جو ويچار ڪيم. موٽندي هڪ ڪٻٽ وٽ ٿڪجي ويس. من ۾ هڪ ويچار آيم، جو اڳ ڪين آيو هئو. اُن ويچار منهنجو مسئلو حل ڪري ڇڏيو. ڇٽي ٿو سگهان ته اهو ويچار ڪيئن آيو. نڪري آفيس ڏانهن واپس ورڻس. اُن ويچار کي عمل ۾ آندم. هڪ ٻئي پٺيان ويچار ايندا ويا. اُن بعد هر روز ڀاڳڪي ايشور جي همٿ ۾ سڏ پهندو آهيان. وقتي مشڪلاتون درپيش ايندِيون اٿم. پر اُنهن جو حل به نڪري ايندو آهي.

... صاحب جو جلوس ٻرڻ ۽ ڪيترو وڌندو.
ٻا ڏاڙهي ڇهين نومبر کان ٻرپات ڦوري ٻٽ ڪٽــي وڌندي
لتن آهي ●.

ٻرڻ وهند
ٻرڏان ۽
ڪڍڻ
۽ جاچڻ

Printed by Deepo A. Sabhani, at the Amul Printing Press, Near Post Office, Ulhasnagar 2 & Published by Shri TIRATH G. SABHANI 30B/3, M. Gandhi Nagar, Chembur, B O M B A Y - 74

ي
آهـ... پوري
... ڪولڻ ملي.
... جن کي
... جهڙي ان
... وقت
... ڏنهن هليا ويا.
ڪتو جو شهر جا
لا پوري طور حل
گهيا. جي ٻاهران
طر ۽ اچن ٿا پوري
حل ٿيل ۽ سمجهڻ

... واري پڌائو ۽
... نگر جا رهندڙ
... ٿوواسي آهيون.

ڪهڙي قيمت ....؟

ڪلياڻ اميونائيٽ روڊ تي سوين دڪان اهڙا آهن، جي رستو سؤ فوٽ ويڪرو ڪرڻ سان ڍهرائڻا پوندا. پوءِ انهن دڪانن جي جيڪا اڄ قيمت آهي، اها ڪهڙي رهي پوندي.

ان جي معنيٰ ته اسان اڄا ئي پوري ويٺا آهيون. اهو پروسو اسان کي ڪير وٺي ڏي؟ ۽ ڪڏهن؟ جنهن کي اڳوان پڻائي اڳهان ڪري، اهو پنهنجا مطلب سڌ ڪرائي، اهو جو ويندو رهندو.

ضرور ڪولڻ آهي ته انهن جا ٽالا ڪنيا وڃن.

جنهن کي جتي وٽي تو الي اڏاوت ڪري يا جڳهه جوڙائي تو واڌهي. پوءِ پل ته اهـا زمين اسپتال يا اسڪول لاءِ رکيل هجي. ڪير روڪڻ يا جهلڻ وارو آهي؟

اميد ته ڪو شهر جو معزز شخص پنهنجا سوارٿ پاسـرا رکي شهر لاءِ جمشيد مهتا ٿيندو يا دادا ڀائي اوروجي ٿيندو. ●

● گرسنگت دربار طرفان گرپورب

الهاس نگر جو ٿين جي گرسنگت دربار طرفان تاريخ ار ڏهين گرو نانڪ ديو جو جنم ڏن ڏام ڏرم سان ملهايو ويندو.

الهاس نگر ... تي
لاڻين جي ٿهل آهي، جو
پرنزپالٽي آهي شري نا
ڪالاڻي ۽ سيڪريٽري
هيمنداس ڪيتري آهي.
پنچايت طرفان ڪا
کي چولو اڳاڙائو ويو آهي
ٿوري جو بندوبست رکيو
آهي. ان سواءِ ٻاڙي ۾ ر
لاءِ شادي غمي جي موقع
ڪم ايندڙ ديڳيون ۽ ٻيو
ٿانو رکيو ويو آهي.
پنچايت جي پرنزپالٽي
شڪايت آهي ته هن ٻاڙ
ميونسپل طرفان صفائي
ڪئي. ڌيان ڪونه ٿو ڏنو
هن ٻاڙي ۾ رهندڙن جو
ڪڏهن ڪو تڪرار ...